# جي ماريا نہ موٽَ

(ويتنامي ناول)

سنڌيڪار: تنوير عباسي

ڪمپوزنگ: شاھنواز سومرو

وائيس آف سنڌ اِي بُڪ پبلشر

www.voiceofsindh.net

editor@voiceofsindh.net

# پنھنجي پاران

غلامُ بنائيندڙ طبقا ۽ قومون، مظلوم طبقن ۽ قومن کي طرح طرح جا نقصان ڏيندا آهن. هو کين گذر جي وسيلن کان محروم ڪندا آهن. سندن آزادي ڪسيندا آهن. کين جانورن وانگر وهائيندا آهن. **سڀ کان وڏو نقصان اهو ڏيندا آهن ته هو غلامن جي ذهن ۽ دماغ کي غلام بڻائيندا آهن.** هو سندن سوچ کي جڏو، لُولو ۽ لنگڙو ڪندا آهن، هو ڪائڻ سندن خود اعتمادي، حوصلو ۽ همت ڦري وٺندا آهن ته جيئن هو ڪڏهن به پنھنجي **آزادي** وري وٺڻ بابت سوچي به نه سگهن. جن طبقن ۽ قومن سنڌ کي هزارين سالن کان غلام پئي بڻايو آهي، تن سنڌي قوم کي سڀ کان وڏو ڏک هنيو آهي، جو سنڌين کي پاڻ مان ويساهه ئي نڪري ويو آهي. سنڌين کي ويساهيو ويو آهي ته **’توهين بيوقوف آهيو، جاهل آهيو، نا اهل آهيو، ڳيدي ۽ بزدل آهيو، اوهين پنھنجي قسمت بدلائي نه ٿا سگهو، اوهان سان جيڪا جُٺ ٿي آهي اوهان انهيءَ جا لائق هئا ۽ آهيو.‘**

انهيءَ ڪري جن ماڻھن سنڌي قوم کي جيارڻ ۽ جدوجهد جي ميدان ۾ آڻڻ جو سوچيو ٿي، تن سڀ کان پهرين اهو ضروري ڄاتو ته سنڌين جي دماغن تان دشمن جا چاڙهيل ڪٽ لاٿا وڃن، سندن ذهنن جا زنجير ٽوڙيا وڃن. کين خاطري ڏياري وڃي ته ’اوهان جي غلامي، بي پهچي، بي وسيلائي، نڌڻڪائي، ڪمزوري ۽ اڻچاٽائي اِهي سڀ عارضي شيون آهن. اوهين به بهادر آهيو. اوهين به سورما ٿي سگهو ٿا. اوهين به پنھنجي آزادي حاصل ڪري سگهو ٿا، اوهين به پنھنجي قسمت بدلائي سگهو ٿا.‘ انهي قومي پاليسيءَ موجب سنڌي ماڻھن مان ڪنهن به ڪا چڱي يا ٿورڙي به مڙسيءَ واري ڳالھ ٿي ڪئي ته ان ڏانهن سڄي قوم جو ڌيان ڇڪايو ٿي ويو. اديبن ۽ لکندڙن ڪوشش ڪري ننڍڙيءَ ۾ ننڍڙي همت کي ساراهي، همت وارن ماڻھن جي همت وڌائي ٿي. ايتري قدر جو ڪنهن خاص مڙسي نئي ڪئي، رڳو پنھنجي گهر ماٺ ڪيو ويٺو هو يا ڪنهن رڳو قوم خلاف ڪو ڪُڌو ڪم نئي ڪيو ته ان جي به تمام گهڻي ساراهه ڪئي وئي ٿي. مثال طور: ڪو وڏو زميندار رڳو قوم دشمن وزارتن ۾ شريڪ نئي ٿيو يا ڪنهن پنھنجي قوم وڪڻڻ واري ون يونٽ جي ٺهراءَ تي صحيح نئي ڪئي ته ان کي انهيءَ پاليسيءَ موجب تمام گهڻو ساراهيو ٿي ويو. اهڙيءَ ريت قوم جي مٿان اهو پوٺ لاٿو ويو ته ڪي سنڌي سڀ ڊڄڻا، ڳيدي، بزدل ۽ قوم فروش آهن. انهي ڪري سنڌي قوم ۾ ڪافي خود اعتمادي پيدا ٿي ويئي.

هر شيءِ جا ٻه پاسا ٿيندا آهن. انهيءَ همت افزائيءَ واري پاليسيءَ جو ٻيو پاسو به هو، جو جلد ظاهر ٿيو. اهو هي ته ماڻهن ۾ هي تاثر پيدا ٿي ويو ته ’قومي سورمو‘ ٿيڻ لاءِ ڪا خاص متا ڪُٽ ڪرڻ، ڪو ڏکو ۽ لمبي عرصي وارو قومي ڪردار ادا ڪرڻ، ڪي تمام وڏا ڏک ۽ ڪشالا ڪاٽڻ، ڪا واقعي لاجواب بهادري ۽ سورهيائيءَ ڪرڻ، پنهنجي زندگي هميشه هميشه لاءِ قوم واسطي وقف ڪرڻ، ڪا وڏي چاڙهه حاصل ڪرڻ، سکڻ، تحقيق ڪرڻ، زبردست احتياط ۽ خبرداري ڪرڻ واري دور انديشي، دانائي ۽ ڏاهپ ڪان ڪم وٺڻ، سر ڌڙ جي بازي لڳائڻ، غلطيون نه ڪرڻ، هميشه هر گهڙي، هر پل سِر جي ست ڏيڻ جي ڪابه ضرورت ڪانهي. ’سنڌي سورمو‘ ٿيڻ هاڻي هڪ معمولي ڳالهه ٿي ويئي. ڪو نعرو هڻي، ڪو ٻه ٽي ڏينهن يا ٻه ٽي سال، سواءِ ڪنهن خاص ايذاءَ ۽ عذاب جي جيل ۾ رهي يا ڪو مضمون يا ڪتاب لکي يا شعر چوي، سٺي تقرير ڪري يا ڪنهن ڪي دشمن راهه گناهه ماري وجهي، اُن ڪي به اسان هڪدم عظيم سورمي ۽ جوڌي جو لقب ڏيئي چڙهيو ٿي.

انهيءَ ڪري قوم جي سورهيائيءَ جو معيار تمام پست رهجي ويو آهي. سورهيائي اکر جي معنيٰ تمام خسيس ۽ ڪِل جهڙي ٿي پئي. ڪن حالتن ۾ ’قومي سورمو‘ ٿيڻ چرڻ هڪ تماشو ۽ مذاق بڻجي پيو آهي. ڏنو ويو آهي ته هاڻي جماعت اسلامي جهڙن ڪٽر سنڌ دشمن ٽولن جا سنڌي دلال به پاڻ ڪي ’فلاڻو خان‘_ ’سنڌڙيءَ جو سَپوت‘ ۽ ’جوڌو جوان‘ سڏائڻ لڳا آهن. انهيءَ ڪري ضرورت ٿي آهي ته انهيءَ باري ۾ اسان پنهنجي قومي پاليسيءَ ڪي درست ڪريون. اڄ انهيءَ ڳالهه جي ضرورت آهي ته سنڌي قوم ڪي سيڪاريو وڃي ته صحيح معنيٰ ۾ ’قومي سورما‘ دنيا ۾ ڪهڙا ٿيندا آهن، ته جيئن سنڌ جا ماڻهو اڳتي هلي سچا پچا ۽ ’عظيم سورما‘ ٿيڻ لاءِ ڪوشش ڪن، ۽ ڪُوڙن سورمن ۽ دشمن جي دلالن ڪي همت ئي نه ٿئي ته هو پاڻ ڪي سورهيائي ۽ سورمائيءَ جا ڪُوڙا لقب ڏيئي سگهن. انهيءَ ڏس ۾ اسين دنيا جي هڪ سچي سورمي ۽ هڪڙي سچي سورهيه جي هيءَ سچي ڪهاڻي پيش ڪريون ٿا.

هيءُ ”سنڌي عوامي ڪتاب گهر“ جو پنجون ڪتاب آهي. هن ڪان اڳ ”قيدياڻيءَ جي ڊائري“ – ”هوچي منهه جي ڪهاڻي“- ”مائوزي تونگ“- ”جيڪي بنگال سان ٿيو“ ڪتاب پڙهندڙن اڳيان پيش ڪري چڪا آهيون.

پڙهندڙ ساٿي پنهنجي راين ۽ تنقيدن سان اسان جي رهبري ڪندا ته مهرباني.

رسول بخش پليجو
تاريخ- **18** آڪٽوبر **1973**

(۱)

اُن پيري پيرڻ ڪوئِين ڪي گهڙيءَ جو به آرام نه مليو. اِها خبر مشهور ٿي ويئي ته نگوين ٿُروئيءَ جي گهر واري ڏکڻ ويٽنام جي عورتن جي ڪانگريس ۾ حصو وٺڻ آئي آهي، ۽ خبر ٻڌڻ سان، سيني علائقن ۾ ديهن جا عيوضي سائٽس ملڻ آيا. اولهه جي هڪ ڇاپا مار عورت ته وفد جي رهڻ واريءَ جاءِ ۾ دبڪندي آئي ۽ جذبات سان ڀريل آواز ۾ ٻڌائڻ لڳي، ”منهنجي ديهه جا ماڻهو ڀاءُ ٿُروئيءَ جي بدلي وٺڻ لاءِ سچو مهينو وڙهندا رهيا. ان مهم ۾ مان زخمي ٿي پيئي هيس. اسان جي دِل ٿي گهري ته ڪوئِين پيرڻ اسان جي وفد وٽ هڪ ڏينهن رهي ۽ اسان کي پنهنجي مڙس جون ڳالهيون ٻڌائي. جڏهن اسان اُهي ڳالهيون ٻڌي واپس ورنديون سين، ته دشمنن کي مارڻ جو جذبو اسان ۾ اجا به وڌندو.

پنجين ڏينهن ٻارن واريءَ هڪ مائيءَ ڪوئِين کي شفقت مان چيو، ”خبر اٿئي، ٿُروئي ڪُوانگ نام ڳوٺ جو هوا! تون اُن پاسي جي ماڻهن جي نُنهن آهين. اسان جي دل ٿي چوي ته تون اسان وٽ هلي رهه.“

ان کان پوءِ ڪوئِين پيرڻ هڪ جاءِ تي نه رهي. ڪڏهن هوءَ هڪ وفد جي مهمان هئي، ته ڪڏهن ٻئي جي. سائيگان کان نڪرڻ کان پوءِ، ٿُروئيءَ جي شاندار ۽ پاڪ حياتيءَ جي احوال لکڻ لاءِ هي جيڪو موقعو مون کي سائٽس ڳالهائڻ جو مليو هو، اُن مان آءٌ گهٽو فائدو وٺي نه سگهيس. تڏهن به هن واعدو ڪيو ته ڪانگريس جي هر اجلاس کان پوءِ شام جو ڪجهه وقت لاءِ مون کي ٿُروئيءَ جي صحبت ۾ پنهنجي گذاريل ڏينهن، سائٽس جيل جي ملاقاتين ۽ ڦاسيءَ جي ڪوٺڙيءَ ۾ ڪيل ڳالهين جو احوال ٻڌائيندي رهندي.

**************************

ڏهين مئي **1964**ع جي تاريخ هئي. آچر جو ڏينهن هو. صبح صبح جو مون کي اُلڪو پيدا ٿي پيو، جو ترُوئي سڄي رات گهر نہ آيو هو. ٻئي ڪنهن آچر ڪان وڌيڪ اُنهيءَ آچر تي مون کي هن جو ڏاڍو انتظار هو. سڄو ڏينهن اسان ڪيڏانهن ٻاهر نڪري نہ سگهيا هئاسين. ڪنهن مِٽ مائٽ ڏي بہ نہ وڃي سگهيا هياسين. منهنجا پيءُ ماءُ اُتر جا رهاڪو هئا. هو وان گياپ ديهہ مان، جيڪا نُونگ پِن جي ضلعي ۾ هادونگ پرڳڻي ۾ آهي، سانيڪوڪن سال اڳ ٻين ڳوٺاڻن سان گڏ لڏي آيا هئا. ايترن سالن گذرڻ ڪان پوءِ بہ هو سڀ پنهنجي اباڻي علائقي جي ريتن رسمن کي ڇهڻيل هئا. هنن جي هڪ رسم هئي تہ گهوٽ ڪنوار شاديءَ جي ٻئي ڏينهن ڪنوار جي پيڪن ۾ ويندا هئا. اسان جي شاديءَ کي ڏينهن بدران هفتا گذري ويا، پر ترُوئي هر آچر تي ڪو نہ ڪو بهانو ڪري، ڳالهہ ٽارائي ڇڏيندو هو. مان انهيءَ ڳڻتيءَ ۾ هيس تہ هِن آچر بہ ڪنهن نہ ڪنهن ڪم جو بهانو ڪندو.

پر جڏهن اسان جي شاديءَ جو موقعو آيو، تہ هو پنهنجي انجام تي نہ بيٺو. ان ڏينهن هن پنهنجا وڏيل وار بہ نہ ڪترايا. شاديءَ کان پوءِ هو گهٽو ڪري دير سان گهر ايندو هو. رات جو دير تائين ويهي الائي ڪهڙا نقشا ٺاهيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن هو مون کي پنهنجي هڪ دوست جي گهر وٺي ويندو هو، جتي مون کي اڪيلو ڇڏي، هو ٻيئي اڳرڻ ۾ نہ ڳُنڌڙ ڳالهين ۾ لڳي ويندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن هو پٿرين کي ائين وينا اڳتي پوئتي ڪندا هئا، چڻ شطرنج کيڏي رهيا هجن. هڪ ڀيري مون هن کان پڇيو، ”اهڙا ڪهڙا توتي وڏا ڪم اچي پيا آهن!“ هن جواب ڏنو تہ ”منهنجي آفيسر بجليءَ جي هڪ مشين جي مرمت جو ڪم مون تي رکيو آهي، پر اڃا تائين مان ان ڪم جي پوري ڪرڻ جو رستو لهي نہ سگهيو آهيان.“ هڪ ڏينهن، شاديءَ واري مُنڊي سنڌس هٿ مان گم ٿي ويئي. اُن جي نگ تي انگريزي اکر ’ڪيو‘ اُڪريل هو. اها مُنڊي مون سال **1964**ع جي بهرئين چنڊ واري ڏينهن کيس سوکڙي ڪري ڏني هئي. هن ٻڌايو تہ مُنڊيءَ سنڌس ڪم ۾ رنڊڪ ٿي وڌي! ان جواب مون کي حيران ڪري ڇڏيو، ڇوتہ جڏهن مون اها مُنڊي کيس ڏني هئي، تہ هو خوشيءَ مان ڪپڙن ۾ نٿي ماپيو- چڻ کيس ڪا مقدس شيءِ ملي ويئي هئي! هن گهڻي پيار مان مُنڊي پنهنجي آڱر ۾ پاتي هئي، ۽ پوءِ ان کي ڦيرائي، ڏسي، ٻڪ ڪئي هئائين تہ مٿان ڪم ڪرڻ وقت ڪٿي ڪسڪي ڪِري نہ پوي! مُنڊي پائيندي، هن کلندي چيو هو تہ ”هيءَ منهنجي هٿ کان تڏهن جدا ٿي سگهندي، جڏهن ڪنهن حادثي ۾ منهنجي آڱر ڪٽجي وڃي.“

اسان جي شاديءَ کان اڳ بہ هن کي مون سان اٿاهہ محبت هئي. سنڌس هڪ سوٽِ منهنجي ساڻس واقفيت ڪرائي هئي، جيڪا ڪارخاني ۾ مون سان گڏ ڪم ڪندي هئي. ٽيهريءَ جوءِ روزانو، جڏهن بہ اسان کي ڪم تان موڪل ملندي هئي، تہ هو ٻاهر بيٺو منهنجو انتظار ڪندو هو- پوءِ ڪٽي اُس هجي يا مِينهن واچ هجي. هڪڙي ڀيري هو ٻن هفتن لاءِ پنهنجي ڳوٺ ڪُوانگ نام ويو، جتان مونکي بہ ڊگها خط لکيائين. اُهي خط پڙهي، مون کي ائين لڳو، چڻ اسان ڪيترن سالن کان هڪٻئي کان جدا ٿي ويا هئاسون. مان

ڏاڏي چاهه سان اهي خط پڙهندي هيس. انهن جو اکر اکر مون کي بر زبان ياد ٿي ويو. مان فخر ڪندي هيس ته مون کي اهڙو وفادار ۽ اٿاهه محبت ڪرڻ وارو پرين مليو آهي. منهنجي گهر وارا به سندس عزت ڪندا هئا.

ٻين نوجوانن به مون کي پاڻ ڏي ڇڪڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر هو سپني کان اڳرو هو. هن ڪڏهن ٻَڙ ٻڙ ۽ چاپلوسي نه ڪئي. هن جو پيار اونهو ۽ سچو هو، پر ان سان گڏوگڏ هُو مانائتو ۽ گنڀير هو. ڪا رواجي اوٺائي به وساريندو نه هو. هو چوندو هو ته ”مان توکي اجا به سٺي چوڪري ٺاهڻ ٿو چاهيان. اسان جو فرض آهي ته اسان هڪٻئي سان جيتري محبت ڪريون، اوترو هڪٻئي کي بهتر انسان ٺاهڻ جي ڪوشش ڪريون.“

پر شاديءَ کان پوءِ سندس بدليل رخ منهنجي سمجھ ۾ نه ايندو هو. هو چُپ چاپ رهندو هو. مون ڏاڏيءَ اُڻ تُڻ سان ان اوچتي ڦيري جي سبب ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي. ائين سو ضرور هو ته روزانيءَ زندگيءَ ۾ هو اڳي کان به وڌيڪ منهنجو خيال رکندو هو. هڪ ڏينهن مان ڪجھ بيمار ٿي پيس ۽ ان ڏينهن ڪم تي وڃي نه سگهيس. هو ڳڻتيءَ کان بي حال ٿي ويو ۽ دوا درمل لاءِ ائين ڀڄ ڊُڪ ڪرڻ لڳو ڄڻ مان سخت بيمار هجان. منهنجي دل پرچائڻ لاءِ هن ميندولن وڄائي. مون کي چانورن جي ڀيجي ۽ ميوو کارايائين. ڏاڏي قرب سان مون کي دلداريون ڏنائين. رات جو دير تائين هو منهنجي مٿي کان ويهي پکو هڻندو رهيو. اسان جي گهر ۾ وهنجڻ جي جاءِ نه هئي، ۽ اسان پاڙي وارن جو غسلخانو ڪم آڻيندا هئاسين. هو منهنجي وهنجڻ لاءِ سدائين مون کي پاڻيءَ جي بالٽي پري اُتي رکي ڏيندو هو. ان ڇنڇر تي شام جو، پاهر وڃڻ کان اڳ، هن منهنجي وهنجڻ جو بندوبست ڪيو. پر جڏهن مون هن کي پاهر وڃڻ لاءِ تيار ٿيندو ڏٺو، ته مون کي ڪاوڙ اچي ويئي، ۽ مون چيو-

”جي توکي پاهر وڃڻو آهي ته ڀلي وڃ. مان پاڻ به پاڻي پري سگهان ٿي.“

”اڙي نه- رستي ۾ هيٺ مٿاهين آهي. ڪٿي ڪِري نه پوين!“ جڏهن پاهر وڃڻ لڳو، ته دروازي وٽ بيهي، موٽر سائيڪل هڪ هٿ ۾ جهلي، چوڻ لڳو. ”مان مشين جي مرمت مان جلدي واندو ٿي ويندس. سياڻي جتي چوندينءَ اُتي توکي گهمائڻ وٺي هلندس. جي تنهنجي دل چيو، ته هڪ به ڏينهن پاهر به هليا هلنداسين-“

ان ڪري مون کي پڪ هئي ته ان آچر تي هو ضرور گهر ايندو، ۽ اسان گهمڻ وينداسين. مون شاديءَ جو وِڳو ڪڍيو، ۽ پاهر وڃڻ جو پروگرام سوچڻ لڳيس ته ’ڪهڙن مائٽن وٽ پهرين وڃڻ کپي. ان کان پوءِ ٽروئيءَ کي مان پنهنجي ساهيڙين وٽ ضرور وٺي ويندس.‘ چوته اُنهن ستائي ستائي، منهنجو ساهه ڪڍي ڇڏيو هو. چونديون هيون، ”تنهنجو مڙس ته ڪنوار وانگر لڄارو آهي. اڄ ڏينهن تائين اسان کي شڪل نه ڏيکاري اٿس!“

ان ڏينهن صبح جا نَو وڳا هوندا. اوچتو پوليس جا اٺ نَو ماڻهو هڪ ماڻهوءَ کي گهليندا، اسان جي گهر ۾ گهڙي آيا. ان ماڻهوءَ جا هٿ پٺيان هٿڪڙين ۾ قابو هئا. مان پهرين

ٽُروئيءَ کي سجاڳي نه سگهيس، پر هن مون ڏسندي ئي واڪو ڪيو- ”ڪوئِينِ- مون کي گرفتار ڪيو اٿن.“ مان وسميءَ ۾ پئجي ويس. ۽ هُو منهنجي ويجهو آيو. هو ته رڳو هڪ رات پاهر رهيو هو، پر هن جي حالت ئي متجي ويئي هئي! هن جو لباس رت ۽ گپ سان لِتل هو- ايترو، جو ڪپڙن جو اصلي نيرو رنگ ڏسڻ ۾ ئي نه پيو اچي. هن جو مُنهن ڏَڪن ڪري سڄيل هو. وار چنل ۽ ڪندريل هئا. سپاهين بي رحميءَ سان ڪيس ڌِڪو ڏنو، ۽ هو ٿيڙ کائي اچي پلنگ تي سٽيو. انهن مان هڪڙي، جيڪو شايد ڪمانڊر هو، اسان جي ڪوٺيءَ کي چوڌير ڏسڻ شروع ڪيو- پوءِ هو ڪروڌ ڀريل آواز ۾ چوڻ لڳو- ”ڏاڍو آرام وارو گهر آهي. نئين شادي ڪيل جوڙي لاءِ مزي واري جاءِ آهي. تڏهن به هي ٻاهر وڃڻ ۽ فساد ڪرڻ کان نه مُڙيو-“

هو ڪوٺيءَ جي شين ڏي اشارو ڪندي، چوڻ لڳو،

”مينڊولين- نوان ڪپڙا-“

۽ پوءِ جڏهن مون تي نظر پيس ته چوڻ لڳو-

”۽ هڪ نوجوان ڪنوار! توکي ته خوش ٿي وڃڻ گهربو هو- آخر توکي ٻيو ڇا گهرجي-؟“

ٽُروئي وارن کي اکين اڳيان هٽائڻ لاءِ مٿي کي جهٽڪو ڏيئي چيو، ”مون توکي رات ڪيئي ڀيرا ته ٻڌايو هو ته مون کي هيءُ کپي ته سيني **يانڪين** کي ناس ڪرڻ چاهيان ٿو—ڏکڻ کي آزاد ڏسڻ چاهيان ٿو- “

پوليس ڪمانڊر ٽُروئيءَ جي آڏو ميز تي جهڪيل هو. هن تکين اکين سان ٽُروئيءَ ڏانهن ڏسي، ڌمڪيءَ سان چيو، ”تنهنجي انهيءَ سورمائيءَ جو جلد علاج ڪري ڇڏينداسين.“ ان کان پوءِ هو سپاهين تي اچي ڪڙڪيو، جيڪي اُگڙ ۾ بارود جي گولا ۾ لڳل هئا، ۽ ڪين هوشياريءَ سان جهاڙو وٺڻ جو حڪم ڏنائين. پوءِ هو بستري ڏي وڌندي چوڻ لڳو-

”هيءُ بسترو- هي ڪمبل- ۽ هي وهاڻا نوان نڪور آهن. ڪهڙا نه نرم ۽ آرام ڏيندڙ آهن! تون پنهنجي گهر ۾ رهي ۽ گهر جي اِنهن سُکن تي خوش ٿي، ويهي نٿو سگهين! اُن جي بدران **ويٽ ڪانگ** جي ڏتن ۾ اچي سورمائي ڪرڻ نڪتو آهين! ويٽ ڪانگ پارڻ ته پڇي وياءِ پر تون اسان جي هٿ چڙهي وئين! ترس، اجا توکي ٻيو به مزو چکائينداسين.“

ٽُروئيءَ سندس اکين ۾ اکيون وجهي ڏنو ۽ ٺهه ٺڪ چيو، ”جڏهن يانڪي منهنجي ملڪ جي ماڻهن کي مارڻ لاءِ بندوقن ۽ بمن جا انبارڪٽي ٿا اچن، ته مان تو وانگر ناهيان، جو ذلت سان آرام جي زندگي گذاريان.“

هو پنهنجي چوڌاري بيٺل سپاهين کان بي پرواهه ٿي، پلنگ جي مٿي کان ٽيڪ ڏيئي، ڏاڍي مزي سان ويٺو هو. هن جون اکيون پنهنجي ننڍڙيءَ ڪوٺيءَ جي چئن ئي پاسي ڦري رهيون هيون. هن پنهنجي پاٽيجي جي مدد سان هڪ هڪ تختو ۽ ناريل جي

وٽن جو هڪ هڪ پَن ڪري گڏ ڪيو هو ۽ وڏيءَ محنت کان پوءِ ٻن سالن ۾ هيءُ گهر ٺاهيو هئائين. هو ڪيتري مهل مونکي ڏسندو رهيو. هن جي اکين ۾ پيار ۽ پاپوهہ جو سمنڊ چوليون هڻي رهيو هو. ائين پئي لڳو ڄڻ هو ڪجھ چوڻ ٿو چاهي ۽ مونکي آٿت ڏيڻ ٿو چاهي. جيئن جيئن مون کي هن جي اٿاهہ محبت جو احساس پئي ٿيو، تيئن تيئن غم کان منهنجي حالت خراب ٿيندي پئي ويئي. هن کي نہ سمجهي سگهڻ تي مون پنهنجو پاڻ کي ڏوهاري پئي سمجهيو، ۽ هن جي وفاداريءَ تي شڪ ڪرڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي مجرم سمجهڻ لڳيس. تجربي نہ هئڻ سببان مان سندس خيالن کان واقف نہ ٿي سگهي هيس، پر هن جي زندگيءَ جا سڀ راز اڄ منهنجي آڏو کليل ڪتاب وانگر هئا. مون کي خبر پئجي وئي هئي تہ انقلاب جي لاءِ هن پنهنجي ذاتي خوشين کي قربان ڪري ڇڏيو هو. ايستائين جو هڪ گهُمري هو پنهنجي شاديءَ کي بہ ملتوي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو هو. هاڻي مون کي معلوم ٿيو تہ هو پنهنجي شادي ڇو پئي ڪنهن موقعي تي ڪرڻ لاءِ چوندو هو. مون کي ان وقت شڪ ٿيو هو تہ مون کي ڇڏڻ ٿو گهري. مان پنهنجي شاديءَ جا دعوت ناما بہ ماڻهن کي موڪلي چڪي هيس. مان ان فڪر ۾ هيس تہ اسان جي شادي هٽي ويئي، تہ ماڻهو ڇا چوندا! پوءِ منهنجي اعتراض ڪرڻ تي جڏهن هو مون کي مڃائي نہ سگهيو، تہ چپ چاپ ويهي رهيو هو، ۽ پوءِ چيو هئائين-

”مون کي سمجھ ۾ نہ ٿو اچي توکي ڪيئن سمجهايان! اسان جي شادي پروگرام موجب ٿي ٿيندي. پر مان توکي منٿ ٿو ڪريان تہ منهنجي لاءِ ڪو برو خيال دل ۾ نہ آڻجان. توکي خبر ناهي تہ مان توسان ڪيترو پيار ڪريان ٿو. مان توکي ڇڏڻ جو سوچي بہ نہ ٿو سگهان. هاڻي توکي ڪاوڙ ٿي لڳي. پر هڪ ڏينهن تون سموري ڳالهہ سمجهي ويندينءَ.“

آخر مان سمجهي ويس، هن کي گرفتار ڪيو هئائون. مان ڪوٺيءَ جي هڪ ڪُنڊ ۾ مُنهن لڪائي ڏاڍي رنيس.

سپاهين بارود جي تپاس وارن اوزارن سان اسان جي اڱڻ جي ذري ذري جي تلاش ڪئي، پر انهن کي ڪابہ شيءِ نہ ملي. ان کان پوءِ تُروئيءَ کي گهيرو ڪري ببهي رهيا ۽ مون کان پڇيائون-

”ڇا توکي خبر آهي تہ تنهنجي مڙس ڪا بارودي شيءِ گهر ۾ لِڪائي آهي؟ ڇاهِ تو هن کي ڪا شيءِ لِڪائيندي ڏٺو؟“

مون روئڻ شروع ڪيو، ۽ کين جواب ڏنو-

”مون کي پنهنجي مڙس جي ڪمن جي باري ۾ ڪابہ خبر ناهي- نہ ئي مون کيس ڪا شيءِ لڪائيندي ڏٺو آهي.“

”جي تون صاف ٻڌائيندين تہ بارود ڪٿي لڪل آهي، تہ هي گهر توهان لاءِ بهشت آهي، بهشت ٿي رهندو. جي تون انڪار ڪندين، تہ ياد رک هي گهر توهان لاءِ دوزخ جي باهہ ٻڄي ويندو ۽ هتي ئي تون چيچلائي دم ڏيندين.“

”مون کي بارود جي ڪابہ خبر ناهي.“ ٽُروئيءَ جواب ڏنو. اهو ٻڌندي ئي، سپاهي ڪيس ورائي ويا. ڏاڍو مارياٺونس. بجليءَ جا شاڪ ڏناٺونس. شاڪ ايڏا سخت هئا، جو هو بستري تي ڦٿڪڻ لڳو. هاڻي مون لاءِ ماٺ رهڻ ممڪن نہ هو. منهنجي دل مان ڊپ ۽ عقل اڏامي ويو. مان هنن بدمعاشن سان اٽڪي پيس، ۽ پنهنجي مڙس کي بچائڻ لاءِ جُهد ڪرڻ لڳيس. هڪ سپاهيءَ مون کي پڪڙي ورتو، ۽ مون کي زور سان هڪ ڪرسيءَ تي ڪيرائي، منهنجي مٿان ٻيهي رهيو. مون گوڙ ڪرڻ شروع ڪيو. هو پستول ڪڍي مون تي تڪي بيٺو. هاڻي هنن ٽُروئيءَ کي مارڻ بند ڪري، ڪانئس وري پڇا ڪرڻ شروع ڪئي- ”ٻڌاءِ، ٻڌاءِ! بارود ڪٿي آهي؟“

هن کي اپ- ساهي تي پيئي هئي. تنهن هوندي بہ هن اُگهي ڪان وڌيڪ زوردار آواز ۾ چيو، ”مون توهان کي ٻڌايو آهي تہ مون کي ڪابہ خبر ناهي. جي اجا بہ توهان کي ضد آهي تہ ٻُڌو! جتي يانڪي هوندا، اتي ئي بارود هوندو.“

هن پيري پوليس ڪماندر پاڻ هن کي مارڻ شروع ڪيو. هن لَڪڻ سان ٽُروئيءَ تي ڏَڪن جو وسڪارو ڪيو، ۽ هر پيري ماري بس ڪرڻ کان پوءِ هو ڪانئس پڇا ڪندا رهيا. اهڙيءَ ريت هڪ ڪلاڪ لنگهي ويو. پر هو ڪانئس هڪ بہ اکر اڪلرائي نہ سگهيا. پوءِ ڪماندر سپاهين کي حڪم ڏنو تہ، ”هن کي وٺي وڃو!“

هو وڏي ڪوشش سان پيرن پر بيٺو ۽ مون کي چيائين، ”ڪوئِين، ڪوبہ فڪر نہ ڪجانءِ. منهنجي پاڻيجي سان هتي ئي گذارو ڪرڻ جي ڪوشش ڪجانءِ.“

هن جو لباس اُگهڙيون ٿي ويو هو. هن جي ڪپڙن ۾ هڪ بہ ٻٽڻ نہ بچيو هو. سندس چاتيءَ ۽ مُنهن مان رت وهي رهيو هو. هن جا پير آهستي آهستي دروازي ڏانهن وڌي رهيا هئا، پر سندس اکيون مون تي جميل هيون. هو زوريءَ مُرڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. مان هن سان چنبڙڻ لاءِ سپاهين جي وچان اُڳتي وڌيس، ۽ رڙيون ڪري چوڻ لڳيس، ”ٽُروئي! منهنجي توسان اٿاهہ دل آهي- ياد رکجانءِ، اٿاهہ دل آهي-“

ڪماندر مون ڏي گهوري، چوڻ لڳو-

”اِن اٿاهہ دل کي پاڻ وٽ رک. هاڻي ڪو ٻيو مڙس ڳول. هن جي سزا موت آهي.“

اُن رات، رات جو ٻارهين وڳي پوليس جا سپاهي وري آيا. هنن چيو تہ ”تنهنجو مڙس توسان ملڻ ٿو گهري- اصل هاڻي جو هاڻي-“

هن سان ملڻ جي اميد ۾ مان جهٽ پٽ موٽر تي چڙهي ويٺيس. سوچيم تہ جي مون کي اها خبر پئجي ويئي تہ ڪيس ڪٿي رکيو اٿن، تہ مان سندس سار سنڀال لهي سگهنديس ۽ ڪيس ماني پاني پئي پهچائينديس. ٿوريءَ دير ۾ موٽر هڪ گهٽيءَ ۾ مڙي ويئي، جتان هنن هڪ شاگرديائيءَ کي گرفتار ڪيو. ان کان پوءِ اسان ٻنهي کي شهري پوليس جي هيڊ ڪوارٽر تي وٺي ويا. پڇا ڳاڇا ڪرڻ سان پتو پيو تہ ان ڇوڪريءَ تي بہ

تُروئيءَ سان واسطو رکڻ جو شڪ اٿن. ان رات ٿي مون کان پڇا ڪئي ويئي. هڪ پوليس سپريڊنٽ مون کان پڇيو-

”ڇا توکي پنهنجي مڙس جي سرگرمين جي باري ۾ ڪنهن ڳالھ جي خبر آهي؟“

”نہ-“

”تنهنجي شاديءَ کي ڪيترو وقت ٿيو؟“

”پورا اوڻيھ ڏينهن.“

”ڇا توکي خبر آهي تہ اُهي ڏينهن تُروئيءَ ۽ تو جهڙن نَون جوڙن لاءِ ڏاڍا پيارا ۽ خوشين جا ڏينهن هوندا آهن.“

”ها- مون کي اهو احساس آهي.“

”چڱو- جي تون سڀ ڪجهہ ٻڌائيندينءَ تہ تو لاءِ زندگيءَ جا اهي پيارا ۽ خوشين ڀريل ڏينهن ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندا-“

اهو چئي، هن ڪر موڙيا ۽ ڪرسيءَ سان ٽيڪ ڏئي ويٺو. هن جو مُنهن ڪُوئي جي منهن جهڙو هئو ۽ افعالن مان آفيمي ٿي لڳو. چوڻ لڳو-

”تُروئيءَ جي سڀ کان گهڻي اچ وڃ ڪنهن وٽ هئي؟“

”هو تہ سڄو ڏينهن ڪم ڪندو هو. شام جو بہ ڪم ۾ لڳو پيو هوندو هو. هو ٻاهر تمام گهٽ نڪرندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ٻاهر نڪري، گهٽيءَ ۾ گهمندو هو. مون کي خبر ناهي تہ ڪنهن وٽ ايندو ويندو هو.“

”ڇا هن وٽ ڪو ماڻهو گهر ۾ ملڻ ايندو هو؟“

”ڪڏهن ڪڏهن- ان وقت بہ هو يا ڳڏجي ساز وڄائيندا هئا، يا ڳائو ڳائيندا هئا- يا وري مرمت جو ڪم ڪندا هئا. جيڪو ڪين ٺيڪي ۾ مليل هو. اسان جي شاديءَ کي اڃا ٿورا ڏينهن ٿيا آهن. ان ڪري مون کي سندس دوستن سان ايتري واقفيت ڪانهي.“

”پنهنجي يادگيريءَ تي زور ڏيئي، جيڪا خبر اٿئي، سا ٻڌاءِ. جي تون ڪجهہ بہ نہ لڪائيندينءَ تہ هن کي آزاد ڪيو ويندو. مان هاڻي هاڻي تُروئيءَ سان مليو آهيان. سچ پچ توهان جو جوڙو ڏاڍو چڱو آهي. مون کي توهان تي رحم ٿو اچي.“

هن منهنجو ۽ تُروئيءَ جو هڪ فوٽو ميز تي اڇلايو، جيڪو اسان جي شاديءَ جي موقعي ڪڍيو ويو هو. مون کي ان فوٽي ۾ نيري رنگ جي گُلن وارو چولو پاتل هوءِ ۽ هٿ ۾ دائودي گُلن جو هڪ گلدستو هيم. مون سان گڏ تُروئي بيٺو هو. سپريڊنٽ وڏيءَ ڪوشش سان پنهنجي آواز ۾ نرمائي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي-

”خدا جو قسم توهان جهڙي نوجوان جوڙي جي جدا ٿيڻ جو سوچي، هر شخص جي دل پڃي پوندي. مان ڪيترن ڏينهن کان ان ڪم تي آهيان ۽ ڪيترن ئي ڪٽنبن جي باغ کي ويران ٿيڻ کان بچايو اٿم. تون مون تي پورو اعتبار ڪري سگهين ٿي. تون تُروئيءَ جي اڳواڻن ۽ ساٿين جي ڳولا ڪرڻ ۽ بارودي شين کي تلاش ڪرڻ ۾ اسان

جي مدد ڪر. پوءِ پڪ ٿي پڪ تون ۽ ٽُروئي هڪ ٻئي سان وري ملندؤ ۽ سدائين سڪيا ستابا گذاريندؤ.“

مون چيو، ”مون کي اِنهن معاملن جي ڪابہ ڄاڻ ڪانهي. منهنجو سڄو وقت فيڪٽريءَ ۽ گهر جي ڪم ۾ گذري ويندو آهي. اوهان ان فيڪٽريءَ ۾ وڃي تہ ڏسو، جتي مان ڪم ڪندي آهيان. توهان کي مون تي اعتبار اچي ويندو. مان تہ آچر ڏينهن بہ ڪم ڪندي آهيان. هفتي جا باقي ڏينهن لڳاتار ٻارهن ڪلاڪ ڪم ڪرڻو پوندو اٿم.“

پوليس سپريڊنٽ ٽُروئيءَ جي واقفڪارن جي پتي لڳائڻ لاءِ مون کان ۽ اُن شاگرديائيءَ کان پڇا ڪندو رهيو. اڌ رات جو هو اسان کي عذاب واري ڪوٺيءَ ۾ وٺي ويو- ۽ اسان کي مار ۽ ايذاءَ جا اوزار هڪ هڪ ڪري ڏيکارڻ لڳو- **”ڇتن مان لٽڪندڙ هي رسا قيدين کي ٻَڌڻ لاءِ آهن. ربڙ جون هي ڳوٺيون اُنهن جي لاشن کي بند ڪرڻ لاءِ آهن. هي صابڻ جو پائوڊر آهي، جيڪو زوريءَ قيدين جي نِڙيءَ** ۾ اوتيو ويندو آهي.“ هڪ جاءِ تي ڪيترن قِسمن جون سُيون پيون هيون. اُنهن مان هڪڙي کڻي، چوڻ لڳو، ”هي قيدين جي نَنهن ۾ چُڀايون وينديون آهن. هوڏانهن اُها پاڻيءَ جي هودي ڏسو. اُها چالاءِ هوندي، سو اوهان پاڻ سمجهي وٺو!“

پوءِ هو اسان کي ڌمڪائڻ لڳو-

”جي توهان اسان کي بيوقوف بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي، تہ هي اوزار توهان تي بہ آزمايا ويندا.“

اٽڪل **2** وڳي صبح جو اسان کي پُڇا جي ڪمري ۾ موٽائي آندائون. واٽ تي هر ڪمري وٽان لنگهڻ وقت مون ان ۾ ليئو پائي ٿي ڏٺو، تہ من ٽُروئيءَ جو مُنهن نظر اچي وڃي. پر مون کي ڪٿي بہ ٽُروئي نظر نہ آيو، مون پوليس سپريڊنٽ کان پڇيو-

”اوهان چيو هو تہ منهنجو مڙس مون سان ملڻ ٿو چاهي. هو ڪٿي آهي؟“

هو چوڻ لڳو، ”ڪالهہ منجهند مهل پڇا ڳاڇا لاءِ هتي هو. سرڪار ڪيس ’تربيتگ پاليسي‘ سمجهائڻ ٿي چاهي، جيئن هو پنهنجي ڏوهہ تي شرمندو ٿئي، ويٽ ڪانگ کي ڇڏي، سرڪار سان مِلي وڃي. جي هو مڃي وڃي ها، تہ توهان جو ميلاپ ٿي وڃي ها. پر اجا اسان ڳالهہ ئي شروع مس ڪئي، تہ هن دريءَ مان ٻاهر ٽپو ڏنو ۽ پنهنجي ٽنگ ڀڄائي وينو. هاڻي هو ’چُورن اسپتال‘ ۾ آهي.“

اُهو ٻڌي، مان زار زار روئڻ لڳيس.

”توهان ماري سندس ٽنگ ڀڄي وڌي ۽ هاڻي ماڻهن کي ٿا چئو تہ هن دريءَ مان ٽپو ڏنو-“

هن وچ ۾ ڳالهايو، ”اڌ رات جي وقت گوڙ نہ ڪر- مون توکي سچ ٻڌايو آهي. جلد ئي توکي خبر پئجي ويندي. هتي ڪنهن بہ شخص توکان ڪجهہ بہ لِڪائڻ جي ڪوشش نہ ڪئي آهي.“

”جي منهنجو مڙس اسپتال ۾ آهي، ته مون کي گهر وڃڻ ڏيو.“
”جڏهن تنهنجي موڪل ٿيندي، ته توکي پڌايو ويندو.“

(٢)

اُنهيءَ وقت مون کي خبر پئي ته مون کي به گرفتار ڪيو اٿن. مون کي اُتي پوليس لاڪپ ۾ رکيو ويو، ۽ گهران ڪپڙن ۽ بستري آڻڻ جي موڪل به ڪانه ڏنائون. مون کي روز پُڇا جي ڪمري ۾ آڻيندا هئا، جتي ميڪنمارا کي قتل ڪرڻ جي منصوبي ۾ جهليل ماڻهن کان پڇا ٿيندي هئي ۽ کين مارون ۽ عذاب ڏنا ويندا هئا. سپني کان وڌيڪ ظلم هڪ

چوڪري لوئيءَ تي ٿيو. هن ڪي ٽُروئيءَ سان گڏ گرفتار ڪيو هئائون. جنهن ڏينهن ٽُروئيءَ پڇڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي، انهيءَ ڏينهن لوئي، پنهنجي هٿڪڙي پچي قيدخاني جي پٽ تي چڙهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. پر بدقسمتيءَ سان هن ڪي ٻيهر پڪڙي ورتائون. مون هِتي ڪيس ٻهريون پيرو ڏٺو هو. سندس عمر مس ڪا ارڙهن سال ڪن هئي. هو ۽ ٽُروئي هڪ ئي ڳوٺ جا رهندڙ هئا. جڏهن لوئيءَ کي ٻهرئين پيري گرفتار ڪيو هئائون، ته ٻيا قيدي سندس شڪل شبيهه ڏسي حيرت ۾ پئجي ويا هئا. متي جا وار تمام وڏا هئس، جيڪي سندس ڳچيءَ تائين پئي لڙڪيا. اصل لوفر پئي لڳو. پر پوءِ سندس ساٿي قيدين کي سندس اصل حقيقت جي خبر پئجي ويئي. هو هڪ حجام جي دڪان تي ڪم ڪندو هو ۽ هن پنهنجا وار دڪان جي مالڪ جي چوڻ تي وڌايا هئا، ته جيئن گراهڪ دڪان ڏانهن ڇڪي سگهجن. جڏهن قيدين کي خبر پئي ته هن ميڪنمارا کي مارڻ ڳالهه ۾ حصو ورتو آهي، ته هو سندس ڇڳي سار سنڀال لهڻ لڳا.

لوئيءَ کي پڇا جي ڪمري ۾ لنين سان ماريو ويو هو. مان لوئيءَ جي ان عذاب تي رُنيس پئي. مون کي خبر هئي ته ٽُروئيءَ تي اُن کان به وڌيڪ ظلم ٿيا هوندا. هنن لوئيءَ کي بيحد سنگدليءَ سان ماريو، پر هن زبان مان هڪڙو به اکر نه ڪڍيو. جڏهن هو مار کائي کائي بيهوش ٿي ويو، ته هن کي هڪ ڪُنڊ ۾ اڇلائي ڇڏيائون. پوءِ جڏهن اسان کي پنهنجي ماني وٺي اچڻ لاءِ ٻاهر ڪڍيائون، ته ٿوريءَ دير لاءِ لوئيءَ سان ڳالهائڻ جو وجهه ملي ويو. هن مون کي تڪڙ ۾ ٻُڌايو ته ”ٽُروئيءَ بيان ۾ چيو آهي ته هن سڄو ڪم پنهنجي مرضيءَ سان ڪيو آهي ۽ اُن ڳالهه ۾ ڪنهن سان به هن جو واسطو نه آهي. هو مار کائڻ جي باوجود اُهوئي جواب ڏيندو رهيو. هو وڏو بهادر آهي. جڏهن هن دريءَ مان ٽپو ڏنو، ته مان به اُتي هوس. ٻهرين هن پوليس وارن ڏانهن ۽ پوءِ دريءَ ڏانهن ڏٺو. ان کان پوءِ اوچتو هن هٿڪڙين جي باوجود دريءَ مان ٻاهر بازار ۾ ٽپو ڏنو. جي هو بازار مان لنگهندڙ موٽر مٿان نه ڪري ها، ته پڪ ئي پڪ پڇي وڃي ها.“

هنن جي ظلم جو ٻيو شڪار ٽُروئيءَ جو پاٽيجو ٿيو. ’هوئا‘ جي عمر رڳو سترهن سال هئي. هو به ٽُروئيءَ سان گڏ فاٽ ديم ڳهتيءَ ۾ لڱوٽ اَنٽ ڪمپنيءَ جي ڪارخاني ۾ ڪم ڪندو هو. هيءَ ڪمپني بجليءَ جي موٽرن ۽ بجليءَ تي هلندڙ گهرو استعمال جي شين جي مرمت ڪرڻ ۾ خاص طرح ماهر هئي. پوليس اهو دليل گهڙيو ته جيئن ته مامو پاٽيجو ٻيئي گڏ ڪم تا ڪن، ان ڪري پاٽيجي ضرور مامي جي مدد ڪئي هوندي يا ڪيس ٽُروئيءَ جي ڪمن جي ضرور ڪانهه ڪا ڄاڻ هوندي. خبر ناهي هُوئا کي ڪيترا ڀيرا ماريو هئائون، پر هن هر ڀيري اِهائي ڳالهه پئي چئي ته ”مون کي اهائي خبر آهي ته مامو رڳو اُهو ڪم ڪندو آهي، جيڪو ڪيس مالڪ ڏيندو آهي. ان کان وڌيڪ مان ڪجهه به نه ڄاڻان.-“

ٽن ڏينهن کان پوءِ پوليس سپريڊنٽ مون کي ٽُروئيءَ سان ملائڻ وٺي ويو. جڏهن ڪار بازارن مان لنگهي رهي هئي ته هو ٻاهر اشارو ڪري چوڻ لڳو-

”ڏِس ته سهي، تُنهنجو ٽُروئي ڪهڙو نه بيوقوف آهي. ماڻهو ڪيئن نه سک سانت سان پنهنجا ڪم پيا ڪن ۽ مزا پيا ماڻين، ۽ هو آهي، جو ويٺ ڪانگ جي ڳالهين ۾ اچي ويو آهي! ۽ هاڻي توهان زال مڙس هڪ ٻئي کان ڌار قيد ۾ پيا آهيو.“

هو ٻيون به ڳالهيون ڪندو رهيو. پر هن جا لفظ موٽر جي انجڻ جي شور ۾ دٻجي پئي ويا ۽ مان ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ لفظ ئي ٻڌي ٿي سگهيس. ”چورن اسپتال“ جي در تي پهچي، مون پنهنجي مڙس لاءِ ڪجهه ميوو ورتو.

ٽُروئي ٻين ڇهن ماڻهن سان گڏ هڪ ڪوٺيءَ ۾ بند هو. ڪوٺيءَ کي ڇت تائين لوهه جو مضبوط جهنگلو لڳل هو. درين کي شيخون لڳل هيون ۽ شيخن کان ٻاهر درين جي تاڪن کي به ڪارو رنگ ڏنو ويو هو. ٻر واريءَ ڪوٺيءَ ۾ پوليس گارڊ جو پهرو هو. ٽُروئيءَ جڏهن مون کي اندر گهڙندي ڏٺو، ته اُٿي ويهڻ جي ڪوشش ڪيائين. هو ڏاڍو نبل ٿي ويو هو. ان ڪري وري هنڌ تي ليٽي پيو. هن مون کي ڏسندي ئي پهريون سوال ڪيو.

”جن کي گرفتار ڪيو هئائون- ڇا سيني کي ڇڏي ڏنائون! جلدي ٻڌاءِ، ڇا سيني کي ڇڏي ڏنائون؟“

مان هن جي پرسان هنڌ تي ويهي رهيس. اُهي ماڻهو جن سان هن جو ايڏو قرب هو، انهن تي اجا عذاب ٿي رهيا هئا. ”ها- سيني کي ڇڏي ڏنو اٿن. تون فڪر نه ڪر. رڳي مان ئي باقي رهجي ويئي آهيان.“ هن کي فقط گنجي ۽ چڊي پاتل هئي. هن جي سيني تي نؤنشن ۽ لٺين جي ڌڪن جا نِير هئا. هن جي ساڄي ٽنگ ڏُڏ کان گوڏي تائين پلستر ۾ جڪڙيل هئي. هن جو بُت روڙجي ڪاٺيون ٿي ويو هو. اکيون ڏرا ڏيئي ويون هيس، ۽ ڳاڙي لڙڪي پيئي هيس. هن جو سڄو مُنهن، خاص ڪري نرڙ زخمن سان پريو پيو هو. اها حالت ڏسي، مان لُڙڪ روڪي نه سگهيس.

”ڇا توکي ڏاڍي تڪليف آهي؟“

”نه، گهٽي ناهي- ننڊ اچي وڃي ٿي- ڇا هنن توکي به ماريو آهي؟“

”نه-“

”سچ ٿي چوين؟“

”تون پاڻ ڏس- ها- هنن مون کان الاهي سوال پڇيا آهن-“ هن منهنجا هٿ پنهنجي هٿ ۾ ورتا ۽ مون کي پيار ۽ پاڄه جي نظرن سان ڏسندو رهيو. مون چچريل آواز ۾ چيو-

”مون کي معاف ڪر- ان ڏينهن شام جو جڏهن تون ٻاهر پئي وئين ته مون توسان بد تميزي ڪئي هئي. ۽ توسان ڪاوڙجي وئي هيس. هاڻي مون کي معاف ڪر ۽ منهنجو ڏوهه وساري ڇڏ.“

هن مُرڪيو، ۽ سندس منُهن تي ڏک جون ريکائون اُڀري آيون.

”نه، ان وقت ڏوهه منهنجو هو، مان ئي قصوروار هوس. مان توسان ڪڏهن به ڪاوڙجي نه سگهندس. مون کي توسان اجهاڳ محبت آهي، اجهاڳ محبت.“
اُن وقت پوليس سپريڊنٽ وچ ۾ ٽپ ڏيئي چيو،
”هاڻي اِن قسم جون ڳالهيون گهر وڃي ڪجو. مان توهان ٻنهي کي وري ملائڻ آيو آهيان.“ پوءِ تُروئيءَ کي چوڻ لڳو.
”چريا، تو دريءَ مان ٽپو ڇو ڏنو! مان ته رڳو توکي سرڪار جي پاليسي پئي سمجهائي. جيئن ئي تون حڪومت جي پاليسيءَ کي سمجهي وينديں ۽ ويٽ ڪانگ سان ناتا ڇنديں، توکي گهر وڃڻ جي موڪل ملي ويندي. توکي ان ڳالهه جي خوشي ته نه ٿي، پر مون ته اڃا ڳالهه به شروع نه ڪئي هئي، ته تون.“
تُروئيءَ سندس ڳالهه ڪٽي ڇڏي.
”مون کي سرڪار جي پاليسي سمجهائڻ ۾ پنهنجو وقت نه وڃاءَ.“
پوليس سپريڊنٽ ڪاوڙ پيو، ڏاڍي مِٺي لهجي ۾ چيو،
”مون کي خبر آهي ته اصلي ڏوهاري تون نه، ڪو ٻيو آهي.“
تُروئيءَ انڪار ۾ ڪنڌ لوڏي چيو، ”قصوروار ٻيو ڪوبه ڪونهي. آمريڪي حملي آورن کي مارڻ ڪو ڏوهه ڪونهي، پر مُلڪ جي خدمت آهي. مڪنمارا کي ختم ڪرڻ جو منصوبو، مون اڪيلي ئي ٺاهيو هو. ان ۾ ڪوبه شخص شامل ناهي.“
پر پوليس سپريڊنٽ ڏاڍي ڌيرج سان ڪيس مڃائڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو.
”ان معاملي تي چڱيءَ طرح سوچ. ڇا توکي احساس ناهي ته تو وڏو سنگين جرم ڪيو آهي. تو هڪڙي اعليٰ ترين مُدبر جي جان وٺڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.“
”مون کي خبر آهي ته هو آمريڪي سامراجين جو مُک آهي. ان ڪري ئي مون ڪيس ختم ڪرڻ ٿي چاهيو.“
سندس چوڌير بيٺل سپاهين جون غضبناڪ نگاهون هڪبئي سان مليون.هو تُروئيءَ کي ٺونشن هڻڻ لاءِ آتا هئا. هو پنهنجن هٿن کي مهٽڻ لڳا. پر سپريڊنٽ جو آواز ساڳيو ئي سانتيڪو هو.“
”ڪجهه پنهنجيءَ سهڻيءَ جوان زال جو خيال ڪر. ان تي رحم ڪر. ان جي شاديءَ کي اڃا ڪجهه ڏينهن ٿيا آهن. هِن جي زندگي تباهه نه ڪر.“
”جڏهن کان مان گرفتار ٿيو آهيان، تون اِهوئي راڳ آلاپيندو ٿو رهين، ۽ هر هر منهنجي شاديءَ جي ڳالهه ٿو ڪرين. جڻ پنهنجي زال جو خيال منهنجي وطن جي خيال تي ڇانئجي ويندو. تو اسان جي شاديءَ جي تصوير منهنجي آڏو رکي، محبت ۽ خوشيءَ جي فلسفي تي وڏيون تقريرون ڪيون آهن. مان توکي صاف صاف ٿو ٻڌايان ته تون اجايو وقت ٿو وڃائين. جيستائين اسان جي ڌرتيءَ تي ياڻڪي موجود آهن، ڪنهن به شخص کي خوشي ملي نه سگهندي.“

تُروئيءَ جهڙي سختيءَ سان پوليس سپريڊنٽ کي سِڏيون ٻڌايون، اهڙي ئي ٿڌائيءَ سان لاڻاريندي، هن چيو،

”تنهنجي وقت ڪَٽڻ لاءِ ڪالهه مون اُتر جي هڪ شاگرد جي بيان ڪيل ڪهاڻيءَ جو ٽيپ رڪارڊ آندو. هن ڏکڻ ڏي پڇي اچڻ جي خيال کان سترهين ويڪرائي ڦاڪ پار ڪئي.ڪميونسٽ لوهي پردي منجهان پڇي اينڊڙ شخص کي ڏسڻ يا ان جي تجربن کي ٻڌڻ جو موقعو مشڪل سان ملندو آهي. پر تو سرڪار جي نرميءَ ۽ فراخ دليءَ کي سمجهڻ کان انڪار ڪيو، ۽ رڪارڊ کي پڇڻ جي جراَت پڻ ڪئي. تون سپني حدن کان اُڪري ويو آهين. توسان انساني رواداريءَ جي ڪابه پاليسي اختيار ڪري نه ٿي سگهجي.“

”جيڪڏهن اهو بدمعاش منهنجي آڏو هجي ها، ته مان رڪارڊ نه پر سندس ڪوپري به پڇي ڇڏيان ها. هن نه رڳو اُتر جي خلاف ڪوڙا الزام هنيا، پر صدر هوچي مِن جي بي عزتي ڪرڻ جي جراَت پڻ ڪيائين. بي غيرت ڪتان جو.“

هو هڪ هڪ لفظ تي زور ڏيئي، وڏي آواز ۾ ڳالهائي رهيو هو، ۽ بستري تي سهڪي رهيو هو. ائين پئي لڳو ته هو اجا گهڻو ڪجهه چوڻ ٿو چاهي. پوليس سپريڊنٽ جو مزاج ٿڌو ٿي رهيو.

”مان وري ڪنهن مهل ايندس.“ ۽ مون کي چيائين، ”توکي به هلڻو پوندو. وقت ختم ٿي ويو آهي.“

مون جهٽ جهٽ ڪري هڪڙو سنگترو ڇليو، ۽ ڪجهه ڦارون تُروئيءَ جي وات ۾ وجهي، باقي سندس هٿ ۾ ڏنيون، ۽ هن تي جهُڪي آهستي سندس ڪَن ۾ چيم،

”تون جتي به ويندين، مان تنهنجي پٺيان ايندس. جي هي توکي ڪيڏانهن پئي هنڌ وٺي وڃن، ته ڪنهن نه ڪنهن طرح گهر وارن کي خبر ڪجانءِ.“

(٣)

ان کان پوءِ مون کي جنرل پوليس ڊپارٽمينٽ هيٺ هڪ ٻئي قيدخاني ۾ موڪليو ويو. مون کي جنهن ڪوٺيءَ ۾ بند ڪيائون، ان ۾ ڏهه عورتون ٻيون به هيون. ۽ منهنجي عمر جون هيون. 'الف' (ڪوئِين هتي پنهنجي ساٿي قيدياڻين جي اصل نالن ظاهر ڪرڻ بدران الف بي چيو) هڪ اسڪول جي شاگردياڻي هئي ۽ ڪيس آمريڪا خلاف هڪ پلي ڪارڊ (تختيءَ) جي نمائش ڪرڻ تي گرفتار ڪيو هئائون: 'ب' هڪ واپاري ڪوٺيءَ ۾ ڪم ڪندي هئي. ۽ هن کي وحشين وانگر ايذاءَ ڏنا هئائون، چوته هوءَ جتي ڪم ڪندي هئي، پوليس کي اتان قومي آزادي محاذ جون لکيتون ۽ اشتهار مليا هئا. روز صبح جو جڏهن هوءَ پڇا کان موٽندي هئي، ته هن لاءِ هلڻ به ڏکيو ٿي پوندو هو. هوءَ پِٽ جو سهارو وٺي، ڏاڍي تڪليف سان هلي سگهندي هئي. هڪڙي ڏينهن ظالمن هن جي ننهن جي هيٺان سُيون چڀايون هيون، ۽ هن جي زخمن مان رت پئي وهيو. ڪوٺيءَ ۾ گهڙڻ سان هوءَ پنهنجي هڪ ساهيڙيءَ سان چنبڙي پيئي، ۽ ان جي ڇاتيءَ ۾ منهن لڪائي، ساوڻيءَ جي مِينهن وانگر روئڻ لڳي. جڏهن ٻين عورتن کيس آٿت ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي، ته ويتر سندس صبر جا بند ڀڃي پيا، ۽ سُڏڪن کان سندس آواز به نه پئي نڪتو.

”مون کي دل ڪولي روئڻ ڏيو. مان رڳو پنهنجن وٽ روئي سگهان ٿي. هنن آڏو مون ڪڏهن به ڳوڙها نه ڳاڙيا آهن. پو مون کين ڏيکاريو آهي ته مون کي ساڻن نفرت آهي.“

مون کي ان جاءِ تي آئي به ڏينهن ٿيا هئا. پر مون اڃا ڪنهن سان به دوستي نه ڪئي هئي، چو ته ٻيون قيدي عورتون مون سان رڪائيءَ ۽ شڪ واري هلت هلنديون هيون.

اُن ڏينهن رات جي مانيءَ کانپوءِ ڪوليءَ ۾ اوچتو ڪنهن راڳ جا ٻول ٻڌڻ ۾ آيا. هڪ مائيءَ راڳ ڳائڻ شروع ڪيو ۽ ٻيون سڀ گڏجي، ڌيمي سُر ۾، ساڻس سُر ملائڻ لڳيون. 'ب' به ڳائڻ لڳي. مون حيرت سان ڏٺو. سندس گهاوَن سان چُور جسم ۽ مُنهن کي ڏسي، مون کي ڪانئس ڏک ڀريا ٻول ٻڌڻ جي اميد هئي، پر اُنهن چپن مان دل اُڀاريندڙ گيت ڦُٽي رهيا هئا. اهڙا گيت، جن جو مان تصور به ڪري نه ٿي سگهيس. هوءَ لوهه جي سيخن کي ٽيڪ ڏيئي، اسان ڏي مُنهن ڪري، ليٽي پيئي هئي ۽ جولاني آواز ۾ ڳائي رهي هئي. هن جا ڦٽيل هٿ گيت جي تار سان هيٺ مٿي ٿي رهيا هئا. جڏهن هن ڏٺو ته منهنجون اکيون روئي روئي ڳاڙهيون ٿي ويون آهن، ته هن مون کي چيو،

”گڏجي ڳائڻ چڱو آهي، تون ايتري اداس چو آهين؟ هاڻي روئڻ ڇڏ ۽ اسان سان ملي ڳاءِ.“

چوڪريون واري سان ڀرو ڏيئي رهيون هيون. جڏهن سنتري ويجهو پئي آيو ته سيني ڳانو بند ڪري پئي ڇڏيو ۽ پاڻ ۾ ڳالهيون ڪرڻ ٿي لڳيون. هي گيت ڪافي ڏکو هو ۽ اُن جو سُر اتر جي هڪ موسيقار ٺاهيو هو ۽ اُتي اُن کي ”اميد جو نغمو“ چوندا آهن. ان ڪان پوءِ مون کي روئڻ جي سگهه نه ٿي. مون محسوس ڪيو ته اُن قيد ۾ منهنجي هلت نه پئي ٺهڪي، ڇوته اُتي ته اميد پريو ماحول هو.

مان ان وقت وڏيڪ حيران ٿي ويس، جڏهن ڏٺم ته ’ب‘ ان گيت کي به بر زبان ياد ڪرڻ ڪرڻ جي ڪوشش ٿي ڪري. سندس دل زندگيءَ جي محبت سان ٽمٽار هئي. مون کي مٿس پروسو ٿيڻ ٿيڻ لڳو ۽ سندس هر سوال جو جواب ڏيرج سان ڏيڻ لڳيس.

ٻئي ڏينهن صبح جو وري اسين ڳالهيون ڪرڻ لڳيوسين. مون هن کي پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائي. مون جڏهن پنهنجي مڙس جو نالو ورتو، ته حيران ٿي ويئي، ۽ يڪدم پڇيائين.

”ڇا چيئي، نِگوين وان ٽُروئي؟ ڇا تون ان شخص جي زال آهين، جنهن ميڪنمارا کي ذري گهٽ ماريو هو!“

”ها، مان اُنهيءَ جي ئي زال آهيان.“

”ڇا اهو صحيح آهي ته هن دريءَ مان ٽپو ڏنو هو ۽ سندس ٽنگ ڀڃي پيئي آهي!“

”ها، مان سائٽس اسپتال ۾ ملي آئي آهيان.“

”او خدا!“ هن رڙ ڪئي، ۽ مون کي پنهنجائيءَ وارين نظرن سان ڏسڻ لڳي. هن جا سُڄيل هٿ منهنجي ڪُلهن تي ٽپڪيون هڻڻ لڳا، ۽ هوءَ چپ رهي هئي.

”گذريل سال جڏهن ميڪنمارا اولاهين زون جي پڙتال پئي ڪئي، ته ان وقت به هو موت ڪان بچي ويو هو ۽ سندس بچاءَ جو هوائي جهاز حملي جي مُنهن ۾ اچي ويو هو. هن پيري به هو مرندي مرندي بچيو آهي. جيتوڻيڪ ٽُروئيءَ هن کي مارڻ ۾ ڪامياب نه ٿيو آهي، پر تڏهن به هو پانڪي موت جي خوف ۾، ڏڪي رهيو هوندو. هاڻي جنهن ماڻهوءَ کي پڪڙيو اٿن، ان ٻڌايو ته آخر پوليس بارودي سرنگ ڳولي ورتي. هنن ڪانگ لائِي پل جي آس پاس سڄو پَٽ بارود جي تلاش ۾ نوسيو، پر ڪين پُل تان لنگهڻ جي همت نه ٿي. ميڪنمارا کي هڪ هيليڪاپٽر ۾ تان سُونِ هَٽ جي هوائي اڏي ڪان ري پبليڪن اسپتال آندائون، جتان هو وڏو چڪر ڪري آمريڪي سفارت خاني ۾ پهتو. ٽُروئيءَ هڪ ڪاروائيءَ سببان ڪيس ڪُوئي وانگر لِڪي وڃڻو پيو.“

اها خبر يڪدم سيني قيدين تائين پهچي ويئي ته ٽُروئيءَ جي زال ڪولي نمبر **4** ۾ موجود آهي. اسان جي ڪوليءَ جي آمهون سامهون واري ڪوليءَ مان هڪ زوردار آواز آيو.

”ٻُڌو اٿئون ته پيڻ ٽُروئي (ڪوئِين) اِتي آهي؟ ڇا اُها آهي، جنهن کي هلڪي نيري رنگ جو بلائوز پاتل آهي!“

”ها، مان ئي آهيان.“ مون جواب ڏنو.

”تون خوش آهين؟ هنن توکي ماريو ته ناهي؟“
آواز ڪنهن وڏيءَ عمر واريءَ عورت جو هو.
مون چيو، ”اجا ته نه ماريو اٿن- اجا پڇا ٽا ڪن ۽ ڌمڪائڻ جي ڪوشش ٿا ڪن-“
”اسان هتي جيل ۾ ٽُروئيءَ بابت گهڻو ڪجهه ٻُڌو آهي. ڪيس سجاڻڻ وارن قيدين کان سواءِ پوليس وارا به سندس ثابت قدميءَ جون ڳالهيون ٿا ڪن- جيتوڻيڪ هنن هزارين فوجي پهري تي لڳايا، پر تڏهن به ٽُروئيءَ سُرنگ هٽي چڏي ۽ اُهو ڌاڙيلن جو سردار مرندي مرندي بچي ويو-“
”ڏيءَ تنهنجي عمر گهڻي آهي؟“
”وِيهه سال.“
”توکي ڪنهن شيءِ جي ضرورت ته نه آهي؟“
مون کي سمجهه ۾ نه آيو ته ڪهڙو جواب ڏيان. ايتري ۾ هڪ قيديءَ چيو، ”هيءَ ته هتين خالي آئي آهي. هن کي ڪنهن به شيءِ آڻڻ جي مُهلت ئي نه مِلي-“
منجهند جو ڪوٺين جا درکوليائون، ته جيئن قيدي ماني کائي اچن. وجهه ڏسي، ڪيترن قيدين مون کي شيون ڏنيون- ڪپڙا، ڪمبل، مچرداني، ڏندن جو برش، ميوا ۽ پيون روزاني استعمال جون شيون. مانيءَ تي ڪيتريون عورتون وڙهي پيون. هر ڪنهن مون کي پاڻ سان وٺي وڃڻ ۽ ماني کارائڻ پئي گهُري. اُنهيءَ همدرديءَ سان منهنجي دل وڏي ٿي ويئي. ائين لڳو جڻ گهڻي وقت کان پوءِ مان سَڳن مائٽن سان ملڻ آئي هجان. پيرڻ ’الف‘ منهنجي پرسان وٺي هئي. ان منهنجي ڪَن ۾ چيو، ”توکي ڪا شيءِ کپي! ڪا پريشاني ته ڪين اٿئي؟ ڪا اهڙي ڳالهه هجي ته، اسان تنهنجي حفاظت ۽ مدد ڪريون. اسان توکي خوش رکڻ ٿيون چاهيون، جيئن ٽُروئيءَ کي آٿت ملي.“
هن چيو، آءٌ ٽُروئيءَ سان ملي آهيان-“ اهو ٻڌندي ئي، مان بيتابيءَ مان پڇڻ لڳيس، ”تون هن کي ڪٿي ملين؟- هن جي حالت ڪيئن هئي؟“
هوءَ چانورن جو گرهه ڳهي، آهستي چوڻ لڳي-
”جڏهن دريءَ مان ٽپو ڏيڻ کان پوءِ هن جي ٽنگ ڀڄي پيئي، ته هنن ڪيس ڏاڍو ماريو. اُنهيءَ ئي شام جو کيس چُورن اسپتال جي وارڊ ۾ داخل ڪيائون. اسپتال جي قيدي عورتن ۽ مون هڪ ماٿوءَ کي ڪجهه ايندي ڏٺو، جنهن جو منهن تائين سڄو جسم ڪمبل سان ڍڪيل هو. سپاهين هن کي اسان جي دروازي جي سامهون ليٽايو. هو اجا نوجوان هو. هن جي عمر مشڪل سان وِيهه سال هئي.“
”اسان سندس پهريدارکان خبرچار وٺڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اُن فقط ايترو ٻڌايو ته ’هي اهو شخص آهي، جنهن ميڪنمارا کي مارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي-‘ اهو ٻڌي اسين سندس ٿهل ٽڪور ڪرڻ لاءِ دوڙيون سين پر پوليس اسان کي ماري پوئتي هٽائي ڇڏيو. نيٺ اسان هڪ کي موڪل ملي ويئي- اُن اُنهيءَ نوجوان سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هو بيهوش هو. هن جون اکيون بند هيون ۽ سندس ساهه سُتل ماٿوءَ

وانگر آهستي هلي رهيو هو. هن جو پهريدار وارڊ جي سنتريءَ جو انتظار ڪري رهيو هو، جيڪو ماني کائڻ ويو هو. سنتري ڪُنجي کڻي آيو ۽ نوجوان کي هڪ ڪوٺيءَ ۾ بند ڪري ڇڏيائون. اُنهيءَ ئي رات جو نوين وڳي پوليس وارا گاڏي وٺي آيا ۽ کيس ڪنهن ٻئي هنڌ وٺي ويا. اسان ان جي سبب پڇڻ لاءِ گيٽ تي بيٺل سنتريءَ کي چوريو، ته هو ڪنڌ ڌوڻي چوڻ لڳو ته ”هي ويٽ ڪانگ ته وڏا خطرناڪ آهن. منجهد جو پڇڻ لاءِ هن دري مان ٽپو ڏنو ۽ پنهنجي ٽنگ ڀڃي وڌائين. اسان جو خيال هو ته هاڻي هو هتي ڪجهه ماٺ ڪري ويهندو، پر اڄ شام جو جيئن ئي اسان ڪوٺيءَ جو در کوليو، ته عجيب لقاءُ ڏٺوسين- هو پنهنجون پٽيون پيو کولي ۽ ڀڄڻ لاءِ ڪوشش پيو ڪري! ان ڪري هاڻي کيس اهڙي جاءِ تي موڪليو اٿن، جتي سخت نظرداري ٿيندس. جيڪڏهن هو ڀڃي وڃي ها، ته اسان کي به جيل وڃڻو پوي ها-“

ٻه ڏينهن پوءِ، اسان کي سندس اُنهن پهريدار پوليس وارن سان ملڻ جو وجهه مليو. اُنهن ٽُروئيءَ جون اسان کي ڪي ڳالهيون ٻڌايون. ’جنهن رات کيس چُورن اسپتال جي پهرينءَ قيد ڪوٺڙيءَ مان ٻئي هنڌ موڪليو هئائون، اُن رات اڌ رات جو پڇا ڪندڙ بدمعاشَ اُتي جاچ ڪرڻ آيا. جڏهن هُن هڪڙي ئي ڏينهن ۾ ٻه ڀيرا هن جي ڀڄڻ جو ٻُڌو، ته سندن مُنهن لهي ويا. ٽُروئيءَ جي هڪ ٽنگ ڀڃي پيئي هئي. هن جا ٻيئي هٿ هٿڪڙين ۾ جڪڙيل هئا. ظالمن جي مارڪُٽ کان سندس جسم چُور چُور هو، پر سندس حوصلي ۽ همت ۾ اجا ڪا گهٽتائي نہ ٿي هئي. هُو بدمعاشن جي هر ڳالهه جو کُٽو جواب ڏيندو پئي آيو ۽ هنن ۾ اک ئي نہ پئي ٻڌيس. بدمعاشن هن تي ڪميونسٽن جي ايجنٽ هجڻ جو الزام لڳايو. هنن ڪميونزم تي هر قسم جا بهتان مڙهيا- سندس خلاف ڪميونسٽن جي مددگار، تخريب ڪار ۽ دهشت پسند هجڻ جا الزام لڳايا.‘ ٽُروئي اُن جو اهو جواب ڏيندو آيو ته ’ مون سڄي حياتيءَ ۾ ڪميونسٽن کي ڪنهن کي به نقصان پهچائيندي نہ ڏٺو آهي. هوڏانهن يانڪين جي ٽولن جا ٽولا هتي ايندا پيو ڏسان- سائيگان مٿان سندن جهاز اڏامندا پيا وتن، ۽ هو اسان جي ماڻهن کي گولين ۽ بمن سان ماريندا ٿا وتن.‘ ان کان پوءِ هن ڏاڍي سخت نموني ۾ چيو ته ’ان هوندي به جي اوهان لوفرن مون کي ڪميونسٽن جو ايجنٽ سڏيو، ته مان اُن کي پنهنجي لاءِ عزت سمجهندس- ڪميونسٽ ته هن مُلڪ جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم پيا ڪن- آمريڪي توڏين کي پنهنجي هلت تي شرم اچڻ گهرجي.‘

ان رات بدمعاشن، پوليس کي سندس ويجهو رهي چوڪسي رکڻ جو حڪم ڏنو، جيئن هو وري ڀڄڻ جي ڪوشش نہ ڪري. ان ڪري پوليس وارا، سندس کٽ جي پرسان پهرو ڏيندا هئا. ٽُروئي، کين ويجهو ڏسي، سياسي حالتن تي ڳالهائيندو هو، ۽ کين سمجهائيندو هو. اُنهن مان هڪڙو سپاهي ٽُروئيءَ جي ڏاڍي عزت ڪندو هو. اُن اسان کي ٻڌايو ته ’جڏهن ٽُروئي، هُن ٽگين ساڻ جهيڙو ڪندو هو، ته سندس آواز ۾ تيزاب جهڙو تيک هوندو هو، ۽ سندن هر ڳالهه جو ٻاهه جي جهيءَ وانگر ساڙيندڙ جواب ڏيندو هو. پر هنن جي

هلئي وچڻ کان پوءِ جڏهن هو اسان سان ڳالهائيندو هو ته سندس آواز ۾ ماکيءَ جهڙو ميٺاج اچي ويندو هو-‘

سپاهيءَ ٻڌايو ته ’مان لِکائي لِکائي پيئڻ جو پاڻي کيس ڏيندو هوس ۽ ٻُت اگهڻ لاءِ کيس ٽوال آلو ڪري ڏيندو هوس.‘

(۴)

اُن ڏينهن قيدي عورتن کي جيل جي اڱڻ ۾ اُس ۾ ويهڻ جي موڪل ڏنائون. اسان جهڙين نويل چوڪرين کي اس تي ويهي، يا بيگار ڪرڻ وقت، پيرڻ ’الف‘ يا ٻين قيدياڻين جي واتان دشمن جي قيدخانن ۾ وطن دوست قيدين جي جدوجهد جي ڪهاڻين ٻڌڻ جو سٺو وجهه ملي ويندو هو. پيرڻ ’الف‘ ڪيترن ئي جيلن ۾ رهي چڪي هئي. هن کي ڪيترائي سال انڌارين ڪوٺين ۾ به رکيو ويو هو. هن جي مڙس کي موت جي سزا جو حُڪم ٻڌايو ويو هو ۽ شايد ماري به ڇڏيو هيائونس. زندگيءَ ۾ اهڙين سخت حالتن ڏسندي به، هوءَ اسان جهڙن قيدين لاءِ خوشي ۽ اميد جو ڪرڻو هئي. هوءَ گهڻو ڪري ڌيمي سُر ۾ اسان کي ’ياءِ دونگ‘ نالي هڪ گيت ٻڌائيندي هئي. اسان جي قيد خاني ۾ ان گيت کي ”ڪميونسٽ ڪردار جو گيت“ سڏيو ويندو هو. هوءَ اسان کي ”ياءِ دونگ“ جي انقلابي ڪارنامن ۽ گياڊِن جيل ۾ سندس بهادراڻي موت جا واقعا ٻڌائيندي هئي. هوءَ دونگ جي زال جي ڏاڍي ساراهه ڪندي هئي، جنهن کي پنهنجن ڪيترن ئي ٻارن جي سار سنڀال لهڻي پوندي هئي. ان هوندي به هوءَ بهادريءَ سان پنهنجي مڙس جو ساٿ ڏيندي رهي ۽ جيل جي ڪوٺڙيءَ ۾ آخري دم تائين انقلاب لاءِ وڙهندي رهي. مون کي خاص ڪري اهڙين زالن جي ڪهاڻين ٻُڌڻ جو شوق هو، جيڪي ڏکين وقتن ۾ وفاداريءَ سان پنهنجي مڙسن جو ساٿ ڏينديون رهيون. اُهي ڳالهيون ٻڌي مون کي شرم پڻ ايندو هو، ڇوته نه رڳو مان پنهنجي مڙس جي انقلابي ڪم ۾ ڀاڱي ڀائيوار نه ٿي هُيس، پر ڪڏهن ڪڏهن هُن لاءِ جنجال پڻ بڻجي ويندي هيس. ويچارو ترُوئي- جڏهن هو دير سان گهر موٽندو هو، ته رستي ۾ منهنجي اباڻي گهر ضرور ليئو پائيندو هو ۽ منهنجي ننيڙي پيرڻ کي پاڻ سان گڏ وٺي ايندو هو، جيئن مان سندس سِڪ ۽ پيار ۾ شڪ نه ڪريان. ان قسم جون گذريل ڳالهيون هڪ هڪ ٿي، منهنجي اکين آڏو قرڻ لڳيون، ۽ منهنجي دل ۾ سُئين وانگر چُڀڻ لڳيون.

مان هاڻي سوچيان ٿي ته منهنجي شاديءَ کان اڳ ۽ پوءِ ترُوئيءَ کي پنهنجي انتهائي مشڪل ۽ خطرناڪ فرض لاءِ ڪيڏي نه قوت ۽ سوچ خرچ ڪرڻي پيئي هوندي، ۽ ان سان گڏ منهنجي دل وٺڻ لاءِ منهنجو خيال به ڪرڻو پيو هوندس.

پيرڻ ’الف‘ منهنجي آلين اکين ۾ ڏسي چيو-

”ڳوڙهن کي پِيِي وڃڻ جي ڪوشش ڪر- جي تون روئڻ لڳين ٿي، ته هو شڪ ڪندا ۽ اسان کي وري بند ڪري ڇڏيندا.“
مون چيو، ”پين ماڻهن کي پنهنجي انقلابي ڪمن ۾ پنهنجي مڙس يا زال جي مدد ملندي آهي. ۽ هِتي مان آهيان، جا نه رڳو ٽُروئيءَ جي ڪا مدد نه ڪري سگهيس، پر ڪيترا ڳهرا سندس راهه ۾ رڪاوٽ پڻ بڻجي پيس. مون کي اُن ڳالهه جو ڏک آهي ته مان ٽُروئيءَ جو پروسو حاصل ڪري نه سگهيس-“
پيرڻ ’الف‘ مون کي سمجهائيندي چيو، ”انقلابي ڪم ۾هر شخص کي پنهنجو ڪم پارڻ ئي پورو ڪرڻ گهرجي. جيستائين سندس فرض ۾ اها ڳالهه شامل نه هجي، پنهنجي ڪم جي باري ۾ ٻئي شخص سان ڳالهه ٻولهه نه ڪرڻ گهرجي. اِهو اٽل قاعدو آهي، ۽ هر واسطيدار ماڻهوءَ تي ان جي پابندي ضروري آهي. جي ٽُروئيءَ کي توتي پروسو نه هجي ها، ته هو توسان شادي ڇو ڪري ها؟ توسان پيار ڇو ڪري ها؟ ڀلا اِهو ته ٻڌاءِ ته توهان پاڻ ۾ ڪنهن معاملي تي ڳالهه ٻولهه به ڪندا هئا؟“
”ها- هو گهڻو ڪري مون سان اٽڪي پوندو هو-“
”ڪهڙين ڳالهين تي؟“
مون ڪجهه سوچي چيو، ” جيڪڏهن مان پاڙي وارن جو خيال نه ڪندي هيس، ته هو مون تي نڪته چيني ڪندو هو. هن کي ڀپڪيدار پوشاڪ پسند نه هئي. هو چوندو هو، ’اسان مزدور ماڻهو آهيون، ۽ اسان کي ڏيک ويک کان پاسو ڪرڻ گهرجي. ان ڪري منهنجا ڪپڙا يا ته نيرا آهن يا اڇا-ڪيس اِهي رنگ ڏاڍا پسند هئا. هو سئنيما وڃڻ کان انڪار ڪندو هو ۽ چوندو هو ته ’جڏهن سائيگان به هنوئيءَ جهڙو ٿي ويندو، ته اسان ڏاڍيون سئنيمائون ڏسنداسين.‘ پر سالن جي گڏ رهڻ ڪري اسان هڪ ٻئي جي عادتن کان چڱيءَ طرح واقف ٿي وياسين، ۽ اُن عرصي ۾ هڪ پيرو سئنيما ڏٺيسين-“
پيرڻ ’الف‘ پڇيو، ”هاڻي ته توکي خبر پئجي ويئي هوندي ته ٽُروئِي يانڪِين کان ڪيتري نفرت ڪندو هو- ڇا تنهنجي آڏو به هن اها ڳالهه ظاهر ڪئي؟“
”ها ها- ڪيترا پيرا. هن مون کي ٻڌايو هو آمريڪي ڊِيَم تولي **1954**ع ۾ ڪميونسٽن جي خلاف جيڪي ڪاهون شروع ڪيون، هن ڀهريون پيرو پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ اُنهن جو نظارو ڏٺو. هن مون کي ٻڌايو هو ته ’مون ڇاڊِ وڪِ ۽ وان ٽِرنِ جهڙا ماڻهو به ڏٺا، جن جا هٿ تارُن سان ٻڌل هئا، ۽ ڪنهن کي به خبر ناهي ته هو ڪاڏي ويا- انهن مان ڪوبه ماڻهو اڄ تائين موٽي نه آيو آهي.‘ اُنهن جي ڳالهه ڪندي، هن جي پيرڻ هڪ پيري هن هن کي تڏهن چيو هو ته ’چڱو ٿيو جو تون اڃا ٻار آهين، نه ته تنهنجو به اهڙو حشر ٿئي ها.‘ اسان جي لڳاپن وڌڻ کان پوءِ هن کي اِنگ نام ضلعي ۾ پنهنجي ڳوٺ وڃڻو پيو. ان کان پوءِ هو ’هُوئِي‘ ويو. اُنهن ڏينهن ۾ اُتي ٻوڌين کي ڀهريون پيرو ڪچليو پئي ويو. جڏهن هو سائيگان موٽي آيو، ته هن جي اندر ۾ ڪاوڙ جا مچ پئي ٻريا. هن مون کي ٻڌايو ته ’مون پنهنجي اکين سان انسان کي ٽٽنڪن هيٺان چيچندي ۽ بمن سان انساني

جسمن جا عضوا اڏامندي ڏٺا آهن. سچ پچ تہ يانڪي فرانسين ڪان بہ وڌيڪ وحشي آهن.‘ ان ڪان پوءِ جڏهن هو اُنهن واقعن جو ذڪر ڪندو هو، تہ چوندو هو، انسانن جي مظاهرن کي دٻائڻ لاءِ توبن جو استعمال- سڄيءَ دنيا ۾ شايد ڏکڻ ويٽنام ئي هڪ اهڙو مُلڪ آهي، جتي اِهو ڏاڍو تو ٿئي. هن ڪڏهن غلطيءَ مان بہ آمريڪي حملہ آورن کي آمريڪي ڪونہ چيو هو- اسان جڏهن گهمڻ نڪرندا هئاسين ۽ ڪو آمريڪي ٽولو سامهون ايندو ڏسندو هو، تہ چوندو هو، ’هِنن گندن سُوئرن کي لنگهي وڃڻ ڏي.‘ ۽ مون کي پوئتي هٽائي ڇڏيندو هو. آمريڪي حملہ آورن کي هو ائين سڏيندو هو. ڪجهہ ڏينهن اڳ، آمريڪين خلاف هن ۾ ڪنهن بہ سرگرميءَ جو آثار نہ ڏٺم. پر هن جي ڳالهين ۽ ڪم ڪار مان پائيندي هيس تہ هي ڪنهن اهڙي جماعت ۾ شامل ٿي ويو آهي، جيڪا آمريڪين جي خلاف آهي. اسان جي شاديءَ کان يڪدم پوءِ هڪ ڏينهن هو گهر آيو، تہ سندس منهن جوش ۽ خوشيءَ سان ٻهڪي رهيو. هن چيو، ’اڄ تہ زبردست خبر آهي. تو ٻڌي آهي؟‘ مون ارڻ ڄاڻائي ظاهر ڪئي. هن چيو، ’اسان جي عوام هڪ پندرهن هزار ٽنن جو جهاز ٻوڙيو آهي. ۽ ان تي ڪيئي هوائي جهاز بہ چڙهيل هئا. ڪاش مان بہ ڪو اهڙو ڪارنامو ڪري سگهان.‘ ان کان ڪجهہ ڏينهن پوءِ هو منجهند جي مانيءَ تي گهر نہ آيو. اُنهي ڏينهن مَئي جي **6** تاريخ هئي.

”ٻين مزدورن سان گڏ هو هڪ ٽيڪسي ڊرائيور جي جنازي سان ويو. جڏهن هو گهر آيو، تہ مون کي ٻڌايائين تہ جنازي گُلم گُلا آمريڪين خلاف مظاهري جو صورت اختيار ڪئي ۽ ماڻهن نعرا لڳايا تہ، ’آمريڪي قاتل- مرده باد!‘ ان ڏينهن **22** مَئي تائين آمريڪا خلاف هفتي ملهائڻ جو فيصلو ٿيو. ٽيڪسي ڊرائيورن فيصلو ڪيو تہ اُهو هفتو هو آمريڪين کي پنهنجي ٽيڪسين ۾ ويهڻ نہ ڏيندا. ٻين ڌنڌن وارن، ايتري تائين جو اخبار وارن ۽ بوٽ پالش وارن بہ، آمريڪين جي بائيڪاٽ جو فيصلو ڪيو. ٽُروئي پڻ آمريڪا جي خلاف جدوجهد جي اُن هفتي جي انتظار ۾ هو. پر **9** مَئي تي هو گرفتار ٿي پيو.“

پيرڻ ’الف‘ ڪنڌ ڌوڻيو--”پياري ڪوئِين- تون ڏاڍي سادي ڇوڪري آهين. توکي اِن ڳالهہ جي خبر ئي نہ پيئي تہ ٽُروئيءَ کي توتي پورو پروسو آهي! هو توکي ڪنهن انقلابي ڪم لاءِ تيار ڪري رهيو هو. سائيگان جهڙي شهر ۾، جتي دشمن قبضو ڪيو ويٺو آهي، عوام جي محبت ۽ پناهہ کان سواءِ ڪوئي بہ شخص يڪدم جاسوسن جي هٿ چڙهي سگهي ٿو. ٽُروئيءَ جي نڪتہ چينيءَ جو سبب اِهو هو تہ جيئن تون پنهنجي پيرن تي بيهي سگهين، جيئن توکي چڱي مَئي جي خبر پئجي وڃي. هن جو مطلب هو تہ توکي آهستي آهستي خبر پئجي وڃي تہ ڏکڻ ۾ هي مصيبتون ڪنهن پيدا ڪيون آهن، ۽ اُنهن لاءِ تنهنجي دل ۾ نفرت جو جذبو پيدا ٿئي ۽ توکي انقلاب ۾ شامل ٿيڻ جي ضرورت جو احساس ٿئي. تنهنجون ڳالهيون ٻڌي، منهنجي دل ۾ تنهنجي مڙس لاءِ عزت ويتر وڌي ويئي آهي. سائيگان شهر هر قسم جي براين سان پريل آهي. ان ۾ ويهن سالن جي نوجوان جو رڳو هڪ پيرو فلم ڏسڻ، سو بہ پنهنجي زال جي دل رکڻ لاءِ ڏاڍو حيران ڪندڙ آهي.“

اِنهيءَ ڳالهه تي مان پريشان ٿي ويس، ۽ چيم ”اسان جيڪا فلم ڏٺي هئي، اُها مهاتما ٻُڌ جي حياتيءَ جي باري ۾ هئي.“ مون کي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي، جڏهن مون هن کان فلم جي باري ۾ پڇيو، ته هن چيو ته ”مون کان ته سڄي فلم وسري ويئي آهي!“

ٻين ڦيدين اها ڳالهه ٻڌي وڏا ٽهڪ ڏنا. ڪن پنهنجي کِل لڪائڻ لاءِ وات تي هٿ ڏنو. پيرڻ ’الف‘ پڇيو، ”ڇا هن توکي پنهنجي زندگيءَ جي باري ۾ ڪجهه ٻڌايو!“ اسان جون سڀ ساٿياڻيون ڏاڍيءَ دلچسپيءَ سان اسان جون ڳالهيون ٻڌي رهيون هيون. اِهو ڏسي اسان ٻيئي اڱڻ جي ٻئي ڇيڙي تي کسڪي ويونسين، ۽ مون پنهنجي ڪهاڻي وري شروع ڪئي.

”مون کي هن جي ڳوٺ ۾ وڃڻ جو موقعو ڪڏهن به نه مليو. هن انجام ڪيو هو ته ’اسان ڪنهن ڏينهن اوڏانهن هلنداسين، ۽ شاديءَ کان پوءِ ڪجهه ڏينهن جي موڪل اُتي گذارينداسين.‘ هن ٻڌايو ته ’ڪوانگ نام هڪ غريب علائقو آهي. اُتي ڇانورن جي ڪجهه پوک ٿيندي آهي ۽ ماڻهن کي روزگار جي ڳولا ۾ ٻين علائقن ۾ رُلڻو پوندو آهي. البت اُتي هڪ شيءِ گهڻي آهي- اُها آهي پاڻي. اُتي سائيگان وانگر ماڻهن کي سرڪاري نلڪن تي هڪ ڏول پاڻيءَ لاءِ پارڻ ۾ وڙهڻو نه پوندو آهي.‘ هن ٻڌايو ته سندس ڳوٺ وٽان وَهندڙ درياهه، ٽوبُون، ڪيڏو نه سهڻو آهي! هن جي گهر کان درياهه سؤ ميٽر تي آهي. اُن جو پاڻي ڏاڍو شفاف آهي. ان جي ڪنارن تي بانس جا جهڳٽا پاڇو ڪيون بيٺا هوندا آهن. ’جڏهن سائيگان جا ماڻهو وانگ تائو ۾ سمنڊ جي ڪناري خوشين لاءِ گَڏ ٿيندا آهن، ته مان ڪين چوندو آهيان ته جي توهان اسان جي ڳوٺ هلو، ته ڏسندؤ ته اسان جي درياهه جا واريءَ وارا ڪِنارا سمنڊ جي ڪناري کان گهٽ ناهن. اُتي اسان کي اُس تي ويهڻ لاءِ گهڻو وقت ملندو. هن نِنڍپڻ ڏاڍن ڏکن ۾ گذاريو هو. هو اڃا ٻار هو، ته هن جي ماءُ لاڏاڻو ڪري ويئي. هو اڃا ٽن سالن جو هو ته فرانسين انقلابين جي ڳولا ۾ ان علائقي تي حملو ڪيو. هن جي ماءُ هن کي کڻي جهنگ ۾ لِڪي ويئي، ۽ ڪجهه مهينن کان پوءِ بُک ۽ بيماريءَ کان مري ويئي. هن جي پيءُ کي فرانسين گرفتار ڪيو. آزاد ٿيڻ کان پوءِ هو روزگار جي تلاش ۾ پري پري نڪري ويو ۽ سالن کان پوءِ گهر ايندو هو. تُروئيءَ کي سندس چاچي، ياءِ ۽ ياٽيجيءَ پاليو.“

’شاديءَ کان اڳ ۾ اسان ڪنهن ڳالهه تي وڙهي پياسين. اُن تي هن کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ چيائين، ’ننڍپڻ کان ئي مان پنهنجي ماءُ جي هنج کان پري ٿي ويو آهيان. مان پنهنجي پيءُ کي به سالن ۾ هڪ ڀيرو ڏسندو آهان. سدائين گهر جي ماحول لاءِ سِڪندو آهيان. هاڻي مون کي پنهنجي پياري ملي آهي- اُها به ڪاوڙجي مون کي ڏکوئي ٿي! تنهنجي ڪتنب کي اتر کان اچي هتي رهڻو پيو ۽ مون کي روزگار لاءِ ڪوانگ نام کي ڇڏڻو پيو. اسان ٻنهي جا مسئلا هڪجهڙا آهن. هاڻي قسمت سان اسان جو ميلاپ ٿيو آهي. اسان کي هڪ ٻئي سان قرب ونڊڻ کپي.‘

”جڏهن ٽُروئِي پندرهن سالن جو ٿيو، تہ هو روزگار جي اُميد ۾ وڏي ڀاءُ وٽ وانانگ ويو. پر سندس ڀاءُ ۽ ڀاڃائي بيحد غريب هئا، ۽ هن محسوس ڪيو تہ ڪيس مٿن بار ٿيڻ نہ کپي. ان ڪري هن سائيگان وڃڻ جو فيصلو ڪيو. هڪ ڏينهن هو بندر تي ويو ۽ سائيگان وڃڻ واري جهاز ۾ چڙهي پيو. هن وڃڻ کان اڳ ڀاءُ ۽ ڀاڃائيءَ ڏي هڪ دوست هٿان خط لکي موڪليو، جنهن اُهو ڪين ٽُروئِيءَ جي رواني ٿيڻ کان اڳ پهچايو. ٽُروئِيءَ جهاز جي ڊيڪ تي بيهي، جڏهن ڪناري ڏي ڏٺو، تہ پنهنجي ڀاءُ کي سائيڪل تي ڏاڍو تيز بندر ڏي ايندو ڏٺائين. هو جهاز جي هيٺئين حصي ۾ لکي ويو. ڀاڻس پريشانيءَ ۾ رڙيون ڪري رهيو هو. ’ٽُروئِي! گهر هليو آ! اسان گڏجي گذارو ڪنداسين! تنهنجي ڀاڃائي ۽ آءٌ تنهنجو چڱيءَ طرح خيال رکنداسين! منهنجا ڀاءُ، نہ وڃ! ايترو پري نہ وڃ!‘ ڀاءُ جو آواز ٻڌي، ٽُروئِي سڏڪا ڀري روئڻ لڳو. هن کي پنهنجي ڀاءُ سان بيحد پيار هو، پر هن پنهنجي ڀاءُ تي بار بڻجڻ نہ پئي گهريو. چوتہ زال کانسواءِ ڀاڻس کي ڪيئي ٻار پڻ هئا. ڀاڻس بندر تي زور سان سڏيندو رهيو، ’ٽُروئِي، موٽي آءُ! اسان وٽ جو ڪجهہ آهي، گڏجي کائينداسين- منهنجا ڀاءُ، موٽي آءُ!‘ ٽُروئِيءَ جو ڀاءُ ائين پڪاريندو رهيو، جيستائين جهاز لنگر کنيو. ڪيترا ڀيرا ٽُروئِيءَ مون سان ڀاءُ جي اُن دردناڪ پڪار جو ذڪر ڪيو- ۽ اهو ذڪر ڪندي هو ڏکي ويندو هو.

”هتي پهچڻ کان پوءِ نہ هن کي ڪنهن ڪم سِکڻ جي مُهلت ملي ۽ نہ وري هو پنهنجي پيءُ کي لهي سگهيو. ان ڪري هن رڪشا ڊرائيور بڻجي، روزي ڪمائڻ جي ڪوشش ڪئي. شهر جي واقف نہ هجڻ ڪري سوارين کي رلائٽو پوندو هوس، جنهن تي گراهڪ کيس گهٽ وڌ بہ ڳالهائيندا هئا ۽ ڀاڙو بہ گهٽ ڏيندا هئا. ڪڏهن تہ رستو بہ ڀڄائٽو پوندو هوس. ان ڪري ڪنهن سوار کي ڪاوڙ لڳندي هئي، تہ بنا ڀاڙي ڏيڻ جي ڀي رڪشا ڪري هليو ويندو هو. هن جي زندگيءَ جو اُهو دور ڏاڍين مشڪلاتن ۾ گذريو. گهڻو ڪري هو رات جو خالي پيٽ تي سمهندو هو. هو چوندو هو تہ ’ماڻهو چون ٿا تہ پوڙها روزيءَ ڪمائڻ لائق نہ هوندا آهن، پر مان تہ جوان ۽ سگهارو آهيان- سڄو ڏينهن سخت محنت ڪرڻ کان پوءِ بہ پيٽ ڀري کائي نہ ٿو سگهان!‘ هو پنهنجي چوڌاري ماڻهن وٽ ايتري دولت ڏسندو هو، جو ڪين خبر ٿي نہ هئي تہ ايڏي دولت ڪاڏي ڪجي. جيئن سندس رڪشا جو مالڪ هو، جنهن کي فقط هڪ ڪم ڪرڻو پوندو هو- اهو هو غريب ماڻهن جا ڪمايل پئسا ڳڀي وٺڻ ۽ گڏ ڪرڻ، جيڪي سندس رڪشائون مسواڙ تي وٺي هلائيندا هئا. اهڙن رڪشائن ۾ رڪشا هلائيندڙن جي مالڪن وٽ ڪاڏي جي ڪابہ ڪوٽ ڪانہ هئي. هو ڊرائيورن کي ڪارڳند ڪرڻ پنهنجو حق سمجهندا هئا.

”ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ سندس پري جي هڪ مائٽ کيس بجليءَ جي دڪان تي ڪم سکڻ لاءِ لڳايو- هن ٻن ڪارخانن ۾ ڪم ڪيو، جتي پڻ کيس پيٽ ڀري کائڻ جيتري بہ ڏهاڙي نہ ملندي هئي. ان کان پوءِ هو نِڳو ڪاٽِ هليو آيو ۽ گرفتار ٿيڻ تائين اتي ئي ڪم ڪندو رهيو.“

اسان جو اُس ۾ ويهڻ جو وقت ختم ٿي چڪو هو. واردن رڙ ڪري اسان کي واپس ڪوٺين ۾ وڃڻ جو حڪم ڏنو. ان ڪان پوءِ جڏهن به وجهه ملندو هو، تڏهن پيون قيدي عورتون مون کي تُروئيءَ جي ڳالهين ٻڌائڻ لاءِ چونديون هيون. مون کي پنهنجي مڙس جي باري ۾ ڳالهائيندي شرم ايندو هو، پر پيرڻ 'الف' هڪ ڀيري مون کي چيو، "اسان جهڙا ماڻهو، جن کي جيل ۾ بند ڪيو ويو آهي ۽ جن کي لڳاتار سختيون سهٽيون ٿيون پون، تن کي پنهنجي بهادر ساٿين جي زندگيءَ ۽ جدوجهد جي ڳالهين مان همت ۽ حوصلو ٿو حاصل ٿئي. انهن ڳالهين مان اسان کي هر آزمائش جي مقابلي ڪرڻ لاءِ نئين طاقت ٿي ملي، ۽ دشمن جي خلاف اسان جي ڌڪار وڌي ٿي وڃي. مان تُروئيءَ جي باري ۾ پيون به ڳالهيون ٻڌڻ چاهيان ٿي، جيئن اسان هن جي ڪارنامن جي پيروي ڪري سگهون. ڀاءُ ڊُونگ بابت گيت لکيو ويو آهي. جيل ۾ قيد ڪاٽڻ وارن ساٿين لاءِ هاڻي ڀاءُ تُروئيءَ بابت به هڪ گيت جي ضرورت آهي."

هڪ ڏينهن ڪن پوليس وارن مون کي سڏايو ۽ پڇيو- "ڇا تون پنهنجي مڙس سان ملڻ گهرين ٿي؟" مون جواب ڏنو، " مان هر وقت ساڻس ملڻ لاءِ تيار آهيان." هنن چيو، "پر هڪ شرط سان- ته تون کيس ڏوهه باسڻ لاءِ تيار ڪر-"

مان چپ ٿي ويس. پيرڻ 'الف' مون کي پوليس جي اتڪلن کان واقف ڪيو هو. پوليس وارا ڪن ڳالهين کي پنهنجي مڙسن تي دٻاءَ وجهڻ لاءِ استعمال ڪندا هئا. اهو گُر هاڻي مونتي ٿي آزماياٿون. هو مون کي ايترو جلد وٺي وياءِ جو مان تُروئيءَ لاءِ ڪا ڪائڻ جي شيءِ به وٺي نه سگهيس. مون سمجهيو هو ته اسپتال ۾ ايترا ڏينهن رهڻ ڪري هو ڪافي سَگهو ٿي ويو هوندو، پر هن کي ڏسڻ کان پوءِ معلوم ٿيو ته سندس حالت ساڳي هئي. هن جو رنگ پيلو هو ۽ مُنهن ۾ لٿل هو. هن جا وار وڌي، ڪَنن تائين اچي ويا هئا. هن جي ڪاڏيءَ ۾ ڪُٻ پئجي ويو هو. هن جي جسم تي مٽيءَ جا تهه ڄمي ويا هئا. هن جي سُڪل هٿن تي نيريون رڳون اڀري آيون هيون. هن منهنجي ٻانهن کان وٺي، مون کي پنهنجي پرسان ويهاريو ۽ چوڻ لڳو-

"هاڻي منهنجي طبيعت ٺيڪ آهي. مان چڱو ڀلو ٿي ويو آهيان." هن جي ڇاتي اُگهاڙي هئي. هن جو جسم هڪ ڪپڙي ۾ ويڙهيل هو، جيڪو پگهر ۾ ٻڏل هو. هن جا وکريل وار هن جي نرڙ تي پيل هئا. مون پنهنجي آڱرين سان سندس وار سنواريندي، پڇيو.

"ڇا توکي اُتي کان آرام آهي!"

هن جي جواب ڏيڻ کان اڳي ئي هڪ پوليس واري مون کي اتان هٽائڻ جي ڪوشش ڪئي. تُروئيءَ مضبوطيءَ سان منهنجي ٻانهن پڪڙي، پر هن بدمعاش زور سان جهٽڪو ڏيئي، منهنجي ٻانهن ڇڪي ورتي، ۽ منهنجي مڙس کي چوڻ لڳو-

"پنهنجو ڏوهه باس، نه ته توکي جنرل پوليس ڊپارٽمينٽ ۾ وٺي ويندس. اُتي توکي اُتي کان به وڌيڪ ايذاءَ ڏيندا. چڱيءَ طرح سوچ ته تون اُنهن ايذائن کي سهي سگهندين!"

ٽُروئِيءَ چيو، ”مون ڪوبہ ڏوهہ نہ ڪيو آهي. مان فقط هڪ ڳالهہ قبول ڪيان ٿو تہ مون ميڪنماراڪي مارڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ ان ۾ ڪامياب نہ ٿيس-“

”جيڪڏهن تون ڏوهہ نہ باسيندين، تہ توسان خاص قسم جو سُلوڪ ڪنداسين. ان وقت اسان کي ظالم نہ چئجانءِ. جي تون پنهنجو ڏوهہ نہ باسيو، تہ ياد رک تنهنجي زال بہ جيل ۾ سڙندي رهندي.“

ٽُروئِي اهو ٻڌي چپ ٿي ويو، ۽ ان بدمعاش ڏي ڪاوڙ ڀريل اکين سان ڏٺائين. تنهن تي بدمعاش تيش ۾ اچي، چيو-

”تولاءِ آزاد ٿيڻ جو هيءُ پويون وجهہ آهي، ۽ تون اهو بہ وڃائين ٿو! تون حڪومت خلاف بڪواس ڪندو ٿو رهين، ۽ آمريڪين تي گند اڇلائيندو ٿو وتين. تون جيڪي ڳالهيون ساٿين سان ٿو ڪرين، اسان اهي ٽيپ ڪري ڇڏيون آهن. تون جو ڪجهہ چوندو رهيو آهين، اُهو پنهنجي ڪَنن سان ٻڌڻ چاهين ٿو؟ تو آمريڪي بچاءَ وزير کي قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ۽ هاڻي تون قومي فوج تي الزام تراشي ٿو ڪرين؟ تون وزير اعظم جي بي عزتي ڪرڻ کان بہ نہ مڙئين-“

”مون پنهنجي خيالن کي ڪڏهن بہ لڪل نہ رکيو آهي، ۽ سدائين سچي ڳالهہ چئي اٿم. تون اهڙيون اخبارون آڻيدو رهيو آهين، جيڪي آمريڪي مشيرن جي تعريف ۾ زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏيديون آهن، ۽ هنن کي ويٽنام جي عوام جو دوست سڏيندیون آهن. مون انهن کي ڦاڙي ڦٽي ڪري ڇڏيو، جو اهي ڪوڙ لکنديون آهن. مان چاهيان ٿو تہ انهن اخبارن جي پڙهندڙن کي مان آمريڪي مشيرن جو اصلي روپ ڏيکاريان، جي ويٽ نام جي عوام جا دوست نہ، پر جاني دشمن آهن- ۽ انهيءَ ڪري اُنهن سيني کي ڳولي ڳولي ختم ڪرڻ گهرجي.“

پوليس واري ڪاغذن جو هڪ ٿهو ڪڍيو، جنهن تي هن ٽُروئِيءَ کان صحيح وٺڻ ٿي گهري. هن انهن ڪاغذن جي لکت پڙهي ٻڌائي، ۽ پوءِ چورڻ لڳو-

”هاڻي توکي صاف ٻڌائڻو پوندو تہ ان ڪم لاءِ توکي ويٽ ڪانگ کان گهڻا پئسا مليا هئا-“

ٽُروئِي بستري تي ئي ليٽيو رهيو، ۽ لفظ لفظ تي زور ڏيندي چيائين، ”مان پئسن جي ڪري آمريڪين جي مخالفت نہ ٿو ڪريان، پر مان تہ اُنهن جو ساهہ ڪيڍڻ ٿو گهران. مون جو ڪجهہ ڪيو آهي، اُن جو مقصد آهي ڏکڻ ويٽنام کي آزاد ڪرڻ ۽ ظلم جي چنبي مان ڇڏائڻ. اِهوئي منهنجو جواب آهي.“

اُهو ٻڌي، هو بدمعاش مون ڏي وريو- ”پنهنجي مڙس کي چئُو تہ پنهنجو ڏوهہ باسي، نہ تہ ڪيس ماري ڇڏيندا-“

مون چيو، ”مون کي هن جي ڳالهين جي خبر ئي ناهي- مان کهڙي ڏوهه باسڻ لاءِ چوانس.“

ٽروئي بستري تي سنئون سمهيو پيو هو. هن جون پانهون بستري تي هيون ۽ هن جون اکيون ڇت تي ڄميل هيون. هن جي مُنهن تي اونهي گنڀيرتا هئي. هو پنهنجي آس پاس کان بيخبر پئي لڳو.

پوليس واري چيو، ”تون اُهوئي ماڻهو آهين، جنهن ڪانگ لائي پُل اڏائڻ جو ارادو ڪيو هو-“

”منهنجو ارادو ميڪنمارا کي مارڻ جو هو- آمريڪي بچاءَ جي وزير کي-“

”تو آپگهات جي نيت سان دريءَ مان ٽپو ڏنو. تو پنهنجي خلاف سڀ ثابتيون لڪائڻ تي گهريون- ڇا اِهو صحيح آهي؟“

”اهو غلط آهي- مون جهڙا ماڻهو آپگهات نہ ڪندا آهن. مان ڪجهہ وقت جيئرو رهي، آمريڪي حملي آورن کي ماري سگهڻ جي نيت سان ٽپو ڏنو هو. جي مان مري وڃان ها، تہ اهو هڪ اتفاق ٿئي سگهجي ها-“

هو بدمعاش وري وري ڪانئس سوال ڪندا رهيا، ۽ مٿس واهيات ڳالهيون مڙهيندا رهيا. هنن جو مقصد هو تہ هن جي جرأت واري ڪاروائيءَ کي بدنام ڪيو وڃي، جنهن جو سڄي سائيگان ۾، خاص ڪري نوجوانن ۽ شاگردن تي، ڏاڍو ڄميل هو. هنن ڪيس اُٿاري ويهاريو ۽ ڪانئس ڪاغذن جي ٿهي تي صحيح وٺڻ جي ڪوشش ڪئي، جن ۾ ڪُوڙ جا دفتر پريل هئا. هن ڪاغذن کي پڙهڻ کانپوءِ قلم کنيو ۽ هڪ هڪ ڪري سيني ڦُقرن کي ڪاٽيندو ويو، ۽ سڀ ڪاغذ آڏين سِڌين لڪيرن سان پرجي ويا. پڇاڙيءَ ۾ هن قلم پوليس واري جي جهول ۾ اڇلايو ۽ بستري تي ليٽي پيو.

هن کي دٻائڻ ۾ ناڪام ٿيڻ کان پوءِ، هو ڪيس اُٺي کان بہ وڌيڪ ايذاءَ ڏيڻ جا دڙڪا ڏيڻ لڳا. هنن مون کي بہ دڙڪا ڏيئي ڪمري مان ڪڍي ڇڏيو ۽ چيائون تہ ”خبردار، جي هڪ بہ لفظ ٻاهر ڪڍيو اٿئي، نہ تہ تنهنجو خير نہ هوندو-“ مان اُگرڻ ۾ ٻيهي روئڻ لڳيس. جڏهن مون دوڙي پنهنجي مڙس وٽ وڃڻ جي ڪوشش ڪئي، تہ ٻن ٺوڳي بدمعاشن مون کي ٻانهن کان پڪڙي ڪار ڏي گهلڻ شروع ڪيو.

جڏهن قيدخاني جي ڪوٺيءَ ۾ موٽي آيس، تہ منهنجون ساٿياڻيون ڦِري آيون، ۽ ’ب‘ مون کي آٿت ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. اُن کان پوءِ بہ جڏهن هوءَ منهنجون اکيون آليون ڏسندي هئي، تہ مون کي آٿت ڏيڻ جي ڪوشش ڪندي هئي، ۽ منهنجي ڏک ميسارڻ لاءِ مون کي ڪهاڻيون ٻڌائيندي هئي، يا ڪنهن نہ ڪنهن ڪم ۾ لڳائي ڇڏيندي هئي. تازو مون ويهاڻي جون بہ ڇُهون ناهيون هيون. پيرڻ ’ب‘ مون کي انهن تي پيرت پيرڻ ۽ ٽروئيءَ سان گڏ پنهنجو نالو سِڪڻ سيکاريو. جيتوڻيڪ سندس هٿ سُئيُن لڳڻ ڪري، اجا بہ سڄيل هئا، پر هوءَ سَنهي ڪم سيکارڻ وقت پاڻ سُئي کڻي، ڪم شروع ڪندي هئي. هوءَ چوندي هئي، ”جڏهن تون ڇُهُن تي پيرت جو ڪم پورو ڪرين، تہ انهن

ڪي پنهنجي مڙس وٽ ڪٽي وڃڻ ۽ ڪيس چئجانءِ تہ ’ڪولي نمبر **4** جي قيدياڻين ڪيس شاديءَ جي سوڪڙي ڏني آهي. جيتوڻيڪ دير ٿي ويئي آهي، پر اسان ڪي اميد آهي تہ هو ضرور قبول ڪندو!‘ ڪم جي وقت اسان پيرڻ ’ب‘ جي پسند جو گيت ”پنهنجي مجاهدن لاءِ ڪپڙا ٿا سِبون-“ ڳائيندي هيون سين-

(۵)

-قيدخاني ۾ هڪ نئون قيدي آيو هو. ڇئن سالن جي عمر جو هڪڙو ننڍڙو پنهنجي ڏاڏيءَ سان گرفتار ٿي آيو هو. پريل سينو، مضبوط ٻانهون- ڪنهن هاري گهر جو ٻار پئي لڳو. سنترين ڪيس اڱڻ ۾ ڪليل ڇڏي ڏنو ۽ سندس ڏاڏي اسان جي ڪوليءَ کان ڪجهه پريرو هڪ ڪوليءَ ۾ بند هئي. هو هر ڪوليءَ آڏو گهمندو پئي وتيو ۽ هر ڪوليءَ ۾ ليئا پئي پاتائين. ڪڏهن ڪڏهن اڱڻ ۾ پکين کي لهندو ڏسي، اُنهن ڏانهن ڊوڙ پائيندو هو. هڪ ڀيري هڪ پوليس واري کي سائيڪل تي ويندو ڏسي، چيائين، ”اڙي تون چاچي ٽُروئيءَ جي سائيڪل ڇو ٿو هلائين! موٽائي ڏي نه ته چاچي کي چوندوسانءِ-“

اسين سندس ٻاراڻين حرڪتن تي کِلي ڏينديون هيونسين. مان سوچيندي هيس ته شايد سندس چاچي جو نالو به ٽُروئي هوندو. هڪ ڏينهن هو منهنجو نالو وٺي مون کي سڏڻ لڳو. ڪنهن هن کي چوٿين نمبر چڪري ڏي موڪلي ڏنو. هن اسان جي ڪوليءَ جي آڏو اچي سڏ ڪيو- ”چاچِي ڪوئِين!“ مون پڇيو، ”ننڍڙا ڪهڙو ڪم اٿئي!“ مون کي عجب لڳو ته ننڍڙي کي منهنجي نالي جي خبر ڪيئن پيئي.

هن هڪ سنگترو مون کي ڏنو ۽ چيائين، ”هُتي، جيڪو چاچو آهي، اُنهيءَ هيءُ سنگترو ڏنو اٿئي- ۽ پڇي ٿو ته توهان خوش آهيو-“

مون سيخن مان هٿ وڌائي، سندس هٿ پڪڙيو ۽ سنگترو چِلي ڪيس ڏنم، ته چيائين، ”هُتي چاچن اِلاهي ڏنا اٿم-“ مون سندس پٽڪڙو هٿ جهلي چيو-

”تنهنجو نالو ڇاآهي؟“

”ڍاڻ-“

”چڱو ڍاڻ- هاڻي وڃي چاچن کي چوُ ته چاچي ڪوئِين بلڪل ٺيڪ آهي- ۽ توهان جي ٿورائتي آهي.“

هو ”چڱو چاچي!“ چئي، مَردن جي بلاڪ ڏي ڊوڙي ويو. هو ڏاڍو ذهين ٻار هو، ۽ جلد ئي سيني رستن جو واقف ٿي ويو. هو هڪ ڪوليءَ کان ٻيءَ تائين نياپن پهچائڻ ۽ شين پهچائڻ لاءِ ڏاڍو ڪارائتو ثابت ٿيو، ۽ سنترين کان لڪائي شيون هيڏي هوڏي ڪٽي وڃڻ جو ڍنگ سکي ورتائين. پوليس جي ايذائن کان ڪمزور ٿيل قيدين کي ماني پهچائڻ لاءِ هو ڪولين آڏو بنا ٿڪجڻ جي ڊڪندو وتندو هو. جڏهن ڪنهن سنتريءَ کي ڏسندو هو، ته هو وڏن وانگر هٿ پويان لڪائي ڇڏيندو هو. گهٽو ڪري لوئِيءَ جو وڏيڪ اڳو پيچو ڪندي ڏِسبو هو، جيڪو ٽورن ڏينهن کان جيل ۾ آيو هو. هڪ ڏينهن ڪوليءَ کان ٻاهر، مان ڪم تي لڳيس، ته هڪ شخص ننڍڙي کي هٿ کان وٺي، مون وٽ آيو، ۽ چوڻ لڳو-

”هي چاهي! تون پنهنجي پائيتي کي نٿين سجاڻين؟ ڊان تنهنجي مڙس کي سڃاڻندو آهي ۽ گهڻو ڪري ان جي باري ۾ پڇندو آهي. هن جي ڪتنب تي به تُروئِيءَ جي سرگرمين ۾ حصي وٺڻ جو شڪ ڪيو اٿن، ۽ ان ڪري ٿي ڏاڏيءَ سان گڏ هن کي جيل ۾ وڌو اٿن. ان کان پوءِ هو ٻارکي چوڻ لڳو- ”هيءَ چاچي ڪوئِينِ آهي- چاچي تُروئِيءَ جي زال- هن کي سلام ڪر-“

ننڍڙي ادب کان سيني تي هٿ ٻڌي، پيار سان چيو، ”سلام چاچي ڪوئِينِ-“

مون کيس هنج ۾ ويهاريو، ۽ چيو، ”هان- تون چاچهين تُروئِيءَ کي سڃاڻين!“

هن هاڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو.

”هائو، مون لاءِ رانديڪا آڻيندو هو ۽ پنهنجي موٽر سائيڪل تي چڙهي، اسان جي گهر ايندو هو.“

”توکي خبر آهي ته چاچهين تُروئِي هاڻي ڪاٿي آهي؟“

”ان کي جيل ۾ وڌو اٿن-“

مان زار زار روئڻ لڳيس ۽ ننڍڙي ڊان کي پنهنجي سيني سان لڳائي ڇڏيم. گهڻن اسان کي ماءُ پُٽ پئي سمجهيو- جڻ اسين وڏي جدائيءَ کان پوءِ مليا هئاسين. ننڍڙي کي تُروئِي ڪيڏو ياد هو! هن سچ پچ اهو سمجهيو ته واردِر منهنجي مڙس جي سائيڪل تي چڙهيل آهي، ان ڪري هن واپس وٺڻ پئي چاهيس. ان مان لڳو ٿي ته ننڍڙي کي تُروئِيءَ سان ڪيڏو اُنس هو! اجا ڊان جا ڀريان ڏند به نه پڳا هئا، ته سندس ماءُ کانئس جدا ٿي ويئي هئي. پوءِ جيل ۾ اچڻ واري هڪ قيديءَ ٻڌايو ته تُروئِيءَ جو ان ٻار سان ڏاڍو پيار هو. ڊان اجا ڇهن مهينن جو هو ته ماڻس گرفتار ٿي ويئي، ۽ قيد ۾ ماري ماري کيس ماري ڇڏيائون. هُن ويچاريءَ جو قُصور اِهو هو ته هُن اُنهيءَ دشمن جي ڪٺ پتلي حڪومت کي مڃڻ ۽ ان جي جهنڊي کي سلام ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو، ۽ ڪميونسٽن جي ننڌا نٿي ڪيائين. پڻس کي روزگار لاءِ سخت محنت ڪرڻي پوندي هئي ۽ ننڍڙي ٻار جي سار سنڀال لاءِ وقت ئي نه ملندو هوس. تُروئِيءَ کي ٻار تي ڪهل ايندي هئي ۽ گهڻو ڪري هُن لاءِ رانديڪا وٺي ايندو هو ۽ کيس وهنجاريندو هو. ٻار جي ڏاڏي چوندي هئي ته ’ڊان پيءُ کان وڌيڪ تُروئِيءَ کي ياد تو ڪري.‘

مون سوچيو ته ٻار جي سار سنڀال لاءِ هاڻي مون کي مڙس جي جاءِ سنڀالڻ کپي. قيد جي اُنهن ڏينهن ۾ ڊان منهنجي ڏک جو ٻار هلڪو ڪري ڇڏيو هو. هو سڄو ڏينهن ڳالهيون ڪندو هو ۽ سوين سوال پڇندو هو. ڪڏهن ڪاوڙجي پوندو هو ته دڙڪو ڏيندو هو ته ”مان چاچا تُروئِيءَ کي چوندس.“ مان کيس ڪجهه کائڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن ڪا مٺائي ڏيندي هيس، ته چوندي هئيمانس ته، ”هي چاچهين تُروئِيءَ موڪلي آهي-“ اهو ٻڌي، سندس مُنهن اميد ۽ خوشيءَ کان ٻهڪڻ لڳندو هو، ۽ يڪدم پڇندو هو، ”چاچا تُروئِي ڪڏهن ايندو؟“

ڪڏهن ڪڏهن سچ لهڻ ڪان پوءِ سندس ڏاڏيءَ جي ڪوليءَ مان سندس آواز ايندو هو- ”چاچي ڪوئِين- توکي چاچا تُروئِي ياد ايندو آهي؟“ اِهو ٻڌي، سڀ ٽهڪ ڏيڻ لڳنديون هيون، ۽ ڪيس چونديون هيون، ”بس بس- هاڻي سمهي پؤ.“

پيون قيدياڻيون ڊان ڪان هر وقت تُروئِيءَ جون ڳالهيون ٻڌي، چونديون هيون ته ”ڊان وانگر، جي تُروئِيءَ جو پنهنجو ٻار هجي ها، ته ڪيترو پيار ڪريس ها!“ ان تي مون ڪي ياد ايندو هو ته منهنجي مڙس ڪي ڪيڏي آس هوندي هئي ۽ چوندو هو ته ”ائين ناهي ته ڪو مان ڌيئرن ڪي نه ٿو چاهيان، پر هرويرو دل ٿي چوي ته ٻهريون ٻار پٽ هجي-“ اُنهن ڏينهن ۾ مون ڪي مڙس سان ملاقات جي ڏاڍي خواهش هئي. مون ارادو ڪيو ته جڏهن به ملاقات جو وجهه مليو، ته مان ننڍڙي ڊان ڪي ساڻ وٺي وڃڻ جي ڪوشش ڪنديس. هن ڪي ڏسي هو ڪيڏو نه خوش ٿيندو!

## (6)

اُنهيءَ شام جو ڪوئِين پيڻ دل جمعيءَ سان پنهنجي ڪهاڻي بيان نہ ڪري سگهي. هوءَ گهڙيءَ گهڙيءَ وقت ڏسي رهي هئي. اوچتو پر واري ڪمري مان آواز آيو- ”ڪوئِين- هاڻي وقت ٿيڻ وارو آهي-“
سيني ماڻهن ڪالهہ رات ريڊيو هَنوئيءَ تان اعلان ٻُڌو هو تہ اڄ رات ساڍي اٺين بجي هڪ فلم جو اڪين ڏٺو احوال نشر ٿيندو. فلم جو نالو هو. ”نِگوين وان ٽُروئِي هميشہ زندهہ رهندو هو-“ اُها فلم اتر جي سئنيما گهرن ۾ ڏيکاري پئي ويئي.
منديڪان ٽي سيني ڪي اٺين لڳوءِ جڻ هو خود فلم ڏسي رهيا هجن- ۽ پنهنجي اکين سان ٽُروئِيءَ ڪي قتل جي جاءِ ڏي ويندو ڏسي رهيا هجن. ٻڌائڻ واري جو آواز ڪڏهن ڏک کان پرجي پئي آيوءِ تہ ڪڏهن نفرت کان ٿڙڪيو ٿي. هو اسان ڪي فلم جي ڏيکن جو ٻڌائي رهيو هو- ’ٽُروئِي هاڻي اخباري عيوضين سان ٿو ڳالهائي- هاڻي ياچين جي ٻاري وٽ ترسيو آهي- هاڻي پنهنجي اکين تان پَٽي ڇِني اڇلائي اٿس-‘
ڪوئِين ٽرانزسٽر ريڊيو جي پيتي پنهنجي ٻانهن ۾ جهليو ويٺي هئي ۽ هڪ هڪ لفظ کي ڪن لڳائي پئي ٻڌائين. هوءَ پنهنجن اُڏمن ڪي لڪائڻ جي سخت ڪوشش ڪري رهي هئي. پر هن جا لڙڪ سانوڻ جي مينهن وانگر بي اختيار وهندا پئي ويا. وقت بہ وقت سائيگان جون عيوضياڻيون سڏڪن ۾ پئجي ٿي ويون. ان کان پوءِ پردي تي نظارو بدلجي ٿو- ۽ ريڊيو تي اسان ڪي ٻڌائڻ وارو ڳالهہ ڪي پوئتي وني ٿو وڃي- فلم جو اٺين ٿهيل هئي-
’هَنوئيءَ جا ماڻهو رات ڏينهن زبردست مظاهرا ڪري رهيا آهن-گهٽي گهٽي مشعالن جي روشنين سان چمڪي رهي رهي آهي- هڪ جلسي ۾ ٽُروئِيءَ ڪي غائبانہ بجليءَ جي ڪارخاني جو اعزازي مزور ٻڌايو پيو وڃي- ”ٿاءِ نِگوين جي لوهہ ۽ رُڪ جي ڪارخاني“ ۾ سڀ کان اوچيءَ جاءِ تي سندس تمام وڏي تصوير لڳائي ويئي آهي- هڪ اسڪول جي ڪلاس ۾ شاگردن ڪي سندس داستان ٻڌايو ٿو وڃي- ”هو اڃا بہ جيئرو آهي- سڄي اُتر ۾ جڳهہ جڳهہ تي سندس تصويرون لڳل آهن- جهنگلن، جبلن، ۽ ٻيٽن تائين- سمندن ڪان زمين تائين-“
هَنوئيءَ کان ٻڌائڻ واري جو آواز اسان ڏڍن ڪن عورتون ۽ مرد ڏڪڻ ويٽنام جي آزاد علائقي جي هڪ ننڍڙي گهر ۾ ٻڌي رهيا هئاسين. ”ٽُروئِيءَ سان سمنڊ ۾“ نالي وارو

ويڙهو جهاز ڏسجي پيو- ساموندي لهريون اُن سان ٽڪرجي رهيون آهن. انهن جو آواز پڌرڻ ۾ پيو اچي- ٽُروئيءَ جي نالي تي نهيل هيءُ جهاز ڏينهن رات پنهنجي مادر وطن جي حفاظت ۾ لڳو پيو آهي-

اُنهن ڏينهين اسان جو علائقو ڏکڻ ويٽنام جي عورتن جي ڪانگريس لاءِ وقف هو. اسان جي چوڌاري بيشمار ريڊيا وڄي رهيا هئا، جن مان هاٽي شاعر ’توهُو‘ جو دردناڪ ۽ جذباتي آواز اچي رهيو هو. هو پنهنجو گيت ”ياد رکجوا!“ پڙهي رهيو هو- اتي پروگرام پورو ٿيو.

ريڊئي بند ٿيڻ سان ئي سائيگان جي عيوضياڻين ۾ جوشيلي گفتگو شروع ٿي ويئي. هنن مان هر هڪ ڪنهن نہ ڪنهن ڳالهہ تي راءِ ڏيئي رهي هئي- ”اُتر جا ماڻهو ٽُروئيءَ سان عزيزن کان وڌيڪ محبت ٿا ڪن-“ ٽُروئي هاٽي سچ پچ تہ اُتر جي ڪُنڊ ڪڙڇ ۾ ياد آهي-“ ٽُروئيءَ جو نالو ۽ سندس ڪم اُتر جي هڪ هڪ فوجيءَ، هڪ هڪ خلاصيءَ ۽ هڪ هڪ هواباز جي دل ۾ ٻُري رهيا آهن.“

اسان سان ويٺل پيٽن مان هڪ پروفيسر پيڙ چوڻ لڳي- ”هاٽي اسان کي ٽُروئيءَ جي موت بابت تفصيل سان ٻڌايو-“

”اُتر وارن وٽ شايد ٽُروئيءَ جي موت بابت رڱيي ننڍڙي فلم آهي. هڪ شاگرد، جنهن جو صحافي پاءُ، ’ڇِي هوئا‘، پنهنجي ڪلاسين کي ٻڌايو تہ ڪن اخبار وارن ٽُروئيءَ جي پوئين وقت جون – خاص ڪري جڏهن هو سندن سوالن جا جواب ڏيئي رهيو هو، تنهن وقت جون تصويرون ڪڍي ورتيون هيون. آمريڪي ٽولي اُن وقت ڪيترن غير ملڪي صحافين کي بہ دعوت ڏني هئي. هُنن اِهو اُن اميد تي ڪيو هو تہ گولين هڻڻ واري دستي جي آڏو اچي، ٽُروئيءَ جي همت ٽُٽي پوندي، ۽ هو لاچار ٿي ڏوهہ باسي وجهندو. ڪي پاڙيٽُو اديب ۽ جاسوس هن کان چيڙائيندڙ سوال ڪري،ڪيس ڦاسائڻ لاءِ تيار بيٺا هئا. پر جڏهن هنن کيس موت جي سزا وارن ڏوهارين جي کوليءَ مان ٻاهر ايندي ڏٺو، تہ کين يڪدم احساس ٿيو تہ هو کيس لوڏي نہ سگهندا. ٽُروئي اخبار وارن کي ڏسي مُرڪيو. حاضرينن مان ڪيترا موت جي سزا جو تصور ڪندي ڏکي رهيا هئا، پر ٽُروئي بلڪل اڏول هو ۽ وڏي شان سان اخبار وارن جي سوالن جا جواب ڏنائين. جنهن شاگرد جو مون ذڪر ڪيو آهي، اُن جيڪي ڪجهہ پنهنجي اخبارنويس پاءُ کان ٻُڌو، تہ ٽُروئيءَ هُن کي چيو، اُهو هيئَن آهي-

’- توهان اخبارنويس آهيو- هتي جو ڪجهہ بہ ٿي رهيو آهي، ان جي توکي پوريءَ ريت جاڻ هجڻ گهرجي. آمريڪين اسان جي مُلڪ تي اڳرائي ڪئي آهي. هو هوائي جهازن ۽ بمن سان اسان جي ماڻهن کي ماري رهيا آهن. ميڪنمارا اسان جي ويٽ نام کي فتح ڪرڻ جو ناپاڪ منصوبو ٺاهيو آهي. مون کي پنهنجي وطن سان اٿاهہ محبت آهي. مان آمريڪين کي پنهنجي سرزمين کي برباد ڪرڻ جي موڪل نہ ڏيندس. مان پنهنجي عوام جي خلاف ناهيان- آمريڪين جي خلاف ضرور آهيان. انڪري ئي مون ميڪنمارا کي

ختم ڪرڻ تي گهريو. چوته هو ويٽ نام ۾ ٿيندڙ سيني قتل ۽ خون جي ڏوهن جو اصل ڏوهاري هو.'

هڪ اخبارنويس پڇيس- 'ڇا توکي مرڻ کان اڳ ڪنهن ڳالهه جو ڏک آهي؟'

هن يڪدم چيو، "مون کي ڏک رڳو اِن ڳالهه جو آهي ته مان ميڪنمارا کي ماري نه سگهيس-"

جڏهن هڪ ڪيٿلڪ پادري هن جي گناهه بخشائڻ واريءَ آخري مذهبي رسم لاءِ تيار ٿيو، ته هن چيو، 'مون ڪوبه گناهه نه ڪيو آهي. ان رسم جي ضرورت آمريڪين کي هوندي، جن اڻ ڳڻيا گناهه ڪيا آهن-"

هن پنهنجي زندگيءَ جي آخري گهڙيءَ تائين هر شخص کي حيران رکيو ۽ سيني تي گولين جي پهرين وسڪاري کان پوءِ به نعرا هڻندو رهيو-

'ويٽ نام - زنده باد!'

ڪي اخبارنويس هيءُ دل چيريندڙ نظارو سهي نه سگهيا، ۽ چيخون ڪرڻ لڳا. هنن کي اهڙو گمان به نه هو ته ڪو انسان اهڙيءَ ماٺ سان موت جو مقابلو ڪري سگهي ٿو يا ڪنهن شخص کي پنهنجي وطن سان ايتري اٿاهه محبت به ٿي سگهي ٿي. ٽروئِيءَ مرڻ کان اڳ پنهنجي مُنهن تان ڪارو نقاب پَٽي اڇلايو ۽ چوڻ لڳو- 'نه نه!- مرڻ کان اڳ مون کي هن سرزمين کي آخري ڀيرو ڏسڻ ڏيو- پنهنجي پياريءَ سرزمين کي!'

انسان دشمن ٽولا سالن کان ماڻهن جي ذهنن ۾ زهر پريندا رهندا آهن، ۽ چوندا آهن ته ڪميونسٽن جو ڪوبه وطن نه ٿيندو آهي- پر اُن گهڙيءَ ڪن اخبار نويسن اکين سان حقيقت ڏسي ورتي ته ڪميونسٽن کان وڌيڪ ڪوئي به ويٽ نامين جي وطن سان محبت نٿو ڪري. هو زندگيءَ جي آخري دم تائين پنهنجي اباڻيءَ سرزمين سان محبت ڪن ٿا.

ٽروئِي آخري وقت تائين وڙهندو رهيو. هن جي موت جي خبر ڇاپڻ واريون سڀ اخبارون هٿوَن هٿ کپي ويون. "ڊان چوموئِي" ۽ "نئين جمهوريت" جون سڀ ڪاپيون يڪدم وڪجي ويون. ماڻهن کي ان واقعي جي هڪ هڪ تفصيل پڙهڻ جو شوق هو. انهن ۾ لکيو ويو هو ته ٽروئِيءَ مرڻ کان اڳ ۾ ٽي ڀيرا نعرو لڳايو هو ته "صدر هوچي من، زنده باد!"

ڪوئِين جون ساٿي عيوضياڻيون رات جو گهٽيءَ دير تائين سندس مڙس جي بهادريءَ واري موت جي باري ۾ ڳالهيون ڪنديون رهيون. سندن خواهش هئي ته ٽروئِيءَ جي سڄيءَ زندگيءَ جي فلم تيار ٿيڻ گهرجي. ان ڳالهه ٻولهه ۾ ڪوئِين ٽروئِي جي باري ۾ اُن رات مون سان وڌيڪ ڳالهيون ڪري نه سگهي.

پئي ڏينهن شام جو پيڻ ڪوئِين پُڏايو ته،

- جيل ۾ هڪ ڏينهن صبح جو مون کي مرد قيدين جي هڪ جماعت لاءِ پيڻ جي پاڻيءَ ٺهڪائڻ جو ڪم ڏنائون. اُتي ڏٺم ته کولين جو هڪ نئون بلاڪ اَڏايو پئي ويو. اوچتو هڪ پوليس واري چيو. ”فان ٿِي ڪوئِين- تون يڪدم پنهنجو سامان کڻي، آفيس ۾ پهچي وڃ!“ اِن طرح سان سڏائڻ وارن قيدين کي گهٽو ڪري پري پري جلاوطن ڪندا آهن. اتي ڪم ڪندڙ سپني ماڻهن پنهنجو ڪم بند ڪيو. لوهه ڪٽڻ وارا، سِرون ۽ سيمنٽ ڍوئڻ وارا سڀ هٿ ڇنڊي، منهنجي چوڌاري گڏ ٿي ويا. هر ڪنهن مونکي دلاسي ڏيڻ لاءِ ڪجهه نہ ڪجهه چيو- هنن مون کي هدايت ڪئي ته ”هو توکي جتي به وٺي وڃن، پنهنجي عظيم ۽ بهادر مڙس جو شان رکجانءِ.“

ان وقت منهنجي دل گهريو ته ٿُروئِيءَ کي اِن ڳالهه جي خبر پوڻ گهرجي، چوته وڃڻ کان اڳ، جي مان هن سان ملي نہ سگهيس ته هو ڏاڍو پريشان رهندو. مون گڏ ٿيل ماڻهن کي چيو ته ”مان پانيان ٿي ته ٿُروئِيءَ کي چاڪ ٿيڻ کان پوءِ هتي ئي موڪليندا، پر جي توهان مان ڪنهن جو ساڻس ڪٿي به ملڻ ٿئي ته کيس ٻڌائجو ته مان چاڪ چڱي ڀلي آهيان. هاڻي خبر ناهي مون کي ڪاڏي ٿا وٺي وڃن. ان ڪري، جي مان گهڻي عرصي تائين ساڻس نہ ملي سگهيس، ته هو گهٻرائجي ڪندو. مان آزاد ٿيڻ کان پوءِ کيس ڳولي لهنديس-“

هڪ ماڻهوءَ مون کي تسلا ڏني. سندس مُنهن ۽ ڪُلهن تي گهاوَن جا نشان هئا. هو سندس گهران اچڻ واريون شيون به مون کي ڏيندو هو- هن چيو، ”تون فڪر نہ ڪر- جڏهن اسان ٿُروئِيءَ سان ملنداسين، ته ان کي ٻڌائينداسين ته سندس زال جيل ۾ پنهنجو وقت ڪيئن گذاريو. اُهو ٻڌي هو ڏاڍو خوش ٿيندو. اسان جو مُلڪ جلد ئي مِلي هڪ ٿي ويندو ۽ پوءِ توهان ٻيئي ملي سگهندؤ. ان ڪري هاڻي خوشيءَ سان موڪلاءِ.“

اُهي سڀ ٿُروئِيءَ جي ڏاڍي عزت ڪندا هئا، ۽ مون سان همدرديءَ سان پيش ايندا هئا. هنن ۾ اُتر کان سواءِ وچولي توڙي ڏکڻ جا ماڻهو هئا ۽ انهن مان ڪيترا معذور ۽ بيحد ڪمزور ٿي ويا هئا، ۽ گهڻا جنرل پوليس ڊپارٽمينٽ جي قيد خانن ۾ رهي چڪا هئا.

مَردن کان موڪلائي، جڏهن مان عورتن جي بلاڪ ۾ آيس ته اُتي سپني کي خبر پئجي چڪي هئي ته مان ۽ ڪجهه ٻيون قيدياڻيون جلاوطنيءَ جي سفر تي وڃڻ واريون آهيون. ننڍڙو ڊان ۽ سندس ڏاڏي به اسان سان هلي رهيا هئا. ساٿياڻين مون کي ڪيتريون ئي سوکڙيون ڏنيون، جن ۾ ڪپڙا، صابڻ، ٽوال ۽ کائڻ پيئڻ جون شيون هيون- جيئن مون کي نئين قيد خاني ۾ تڪليف نہ ٿئي. هنن کان موڪلائڻ وقت دل جي اُڌمن کان منهنجون اکيون پرجي آيون. هر ڪا مون کي آٿت ڏيڻ لڳي ۽ صبر جي هدايت ڪرڻ لڳي، پر سندن اکيون پاڻ ڳوڙهن سان پريل هيون. پيڻ ’ب‘ مون کي مختصر نصيحت ڪئي، ”روئڻ بدران ڳائيندي ڪر- جي روئڻ جي ضرورت هجي، ته به دشمن جي آڏو نہ روئجانءِ.“

مانِ آخري وقت ۾ به قيدياڻين ڪي ٽُروئِيءَ لاءِ پيغام ڏنو. جڏهن مان ڊان جي هٿ ڪي جهلي اَگرڻ ۾ آيس، ته پيرڻ ’الف‘ سڏ ڪيو. هن نصيحت ڪئي ته، ”چڱيءَ طرح ياد رک ته هو مَردن تي اثر وجهڻ لاءِ سندن زالن ڪي سندن ڪمزوري سمجهي، ايذائيندا آهن يا لالچ طور ڪم آڻيندا آهن. تون جتي به هجين، هوشيار رهجانءِ ۽ انهن جي چالبازين ۾ نه اچجانءِ. ٽُروئِيءَ تي ڪوبه بار نه وجهجانءِ-“

اُن ڪان پوءِ ارڻ ٺيٺي ڳالهه ٿي. جيل جي آفيس ۾ ڪلاڪ ڪن ڪان پوءِ هنن مون ڪي، ننڍڙي ڊان ۽ سندس ڏاڏيءَ ڪي آزاد ڪري ڇڏيو. ان جو ڪوبه سبب نه ٻُڌايائون. مون اها خبر ٻين قيدين ڪي ٻڌائڻ تي گهري، پر سنتريءَ مون ڪي موڪل نه ڏني.

*******

## (7)

مان فيڪٽريءَ ۾ ڪپهہ صاف ڪرڻ جي ڪم تي موٽي ويس. ٽُروئِيءَ کي وقت بہ وقت ڪاڌي جي شين پهچائڻ ۽ شاديءَ جي رهيل قرض لاهڻ لاءِ منجهند ۽ رات جي وقت ڪم ڪرڻ شروع ڪيم- هن کي هڪ ٻيءَ اسپتال ”چوڪُوآن“ ۾ موڪليو هئائون- ۽ هن جي ملاقات تي سخت پابندي هئي. جيترا ڀيرا مان هن سان ملڻ ويس، هر ڀيري روئيندي رهيس. رڳي مان نہ، پر ان اسپتال ۾ ايندڙ هر ملاقاتيءَ جون اکيون آليون رهنديون هيون. ان اسپتال ۾ قيدين سان انتهائي بي رحميءَ جو سلوڪ ڪندا هئا. اُتي قيدين سان ملاقات جو عجيب ۽ ڏاڍو ڏکوئيندڙ طريقو هو. اسپتال جي وڏي دروازي جي هڪ سوراخ مان رڳو ڏسڻ جي موڪل هئي. دروازو اَڱڻ وٽ هو، ۽ اڱڻ جي پرئين پاسي پندرنهن وال پري، هڪ لوهہ جي جاري هئي، جا هڪ ننديءَ پٽ جي مثان هئي. مريض قيدي پٽ جي پوئين پاسي لوهہ جي جاريءَ مان سوراخ ۾ اکيون وجهي، زور سان رڙيون ڪري، ٽُروئِيءَ کي سڏيندي هيس. مان سندس جسم جو مٿيون حصو ڏسي سگهندي هيس- ۽ هن کي بہ منهنجي آواز مان خبر پوندي هئي تہ سوراخ مان ڏسندڙ اکيون منهنجون آهن. در وٽ ڏاڍي ڀيهہ هوندي هئي- ماڻهو پنهنجي پيارن جي هڪ جهلڪ ڏسڻ لاءِ گهڙيءَ گهڙيءَ سوراخ وٽ ايندا هئا. ان گهڙيءَ ۾ جيستائين ڪو پنهنجي قيديءَ کي ڳولي، تيستائين ڪو ٻيو ڪيس پري ڪري اچي سوراخ وٽ بيهندو هو. جڏهن مان پهريون ڀيرو ملاقات لاءِ آيس، تہ لوهہ جي در سان لڳي انتظار ڪرڻ لڳيس. هڪ عورت ٻڌائي رهي هئي، ”مون کي ائين ڪرڻ ۾ چار سال لڳي ويا تہ منهنجو مڙس هتي هو. گذريل ڀيري مان هتي آيس، تہ منهنجي پٽ پنهنجي پيءُ جي فقط هڪ جهلڪ ڏٺي. مان توهان کي منت ٿي ڪريان تہ سوراخ وٽ مون کي ٿوري دير وڌيڪ بيهڻ ڏيو- چوتہ مون کي جلدي ’هوئي‘ وڃڻو آهي.“

گذريل ڀيري هن جي پٽ پنهنجي پيءُ جي هڪ جهلڪ ڏٺي هئي. هو هڪ سنتريءَ پٺيان لڪي لڪي اندر وڃي رهيو هو، تہ پڪڙي ورتائونس، ۽ مار ڏيئي، ٻاهر ڪڍي ڇڏيائونس.

وڏي در ۾ پوليس وارن جي اچ وڃ لاءِ هڪ ننڍڙو دروازو بہ هو. مريض قيدين لاءِ ڪاڌي پيتي جون شيون اتي وٺندا هئا. هڪ ڀيري مان دروازي تي ٽُروئِيءَ هڪ هڙ پئي ڏني، تہ ڪجهہ وڌيڪ وقت لڳي ويو. ۽ دروازو هڪ يا ٻہ منٽ کليل رهيو. ٽُروئِيءَ مون کي در وٽ ڏسي، خوشيءَ مان رڙ ڪئي-

”تون آزاد ٿي وئين ءَ؟“

”ها-“
”هاڻي ڪيئن آهين؟“
”بلڪل ٺيڪ آهيان.“
هو بيساکين تي هليو، لوهي سيخن واريءَ دريءَ وٽ آيو، ۽ پنهنجو هٿ ٻاهر ڪڍي لوڏڻ لڳو. پوءِ ان ڪان اڳي جو مان ڪوئي جواب ڏيان، دروازو بند ٿي ويو.
مان ڊڪي وڏي در وٽ پهچي ويس ۽ اندر ليئو پاتم. هو اڃا بيساکين تي پريشان بيٺو هو. مون سندس نالو وٺي سڏ ڪيو ۽ هٿ دروازي جي سوراخ ۾ وجهي لوڏڻ لڳيس. اندران سنتريءَ مون تي گارين جو وسڪارو لڳائي ڏنو، ۽ هڪ پٿر ڪٽي مون ڏي اڇلايائين، جيڪو دروازي ڪي اچي لڳو. منهنجي مڙس ڪي ڏاڍو صدمو آيو ۽ هن چيو-
”پياري ڪوئِين! تون هفتي هفتي نہ، پر پندرهين پندرهين ڏينهن هتي ايندي ڪر. چونہ هتي هر ڀيري توکي ڏاڍي تڪليف ٿي ٿئي. ڪوئِين، تون منهنجو آواز ٻڌين ٿين-“
مون پنهنجا سڏڪا جهليندي چيو، ”مون ڪي چونہ هن ڪان ڏهوڻي تڪليف ٿئي، تہ بہ مان توسان ملڻ لاءِ ايندس. تون منهنجي ڳڻتي نہ ڪر!“
مون ڪيس سٺي ڪاڏي پهچائڻ جو فيصلو ڪيو، ۽ جيئن ٻرتي تي سگهيو، مان ڪيس ڪافي شيون پهچائيندي رهيس. مون ڪي خبر پئجي ويئي تہ چوڪُوآن اسپتال ۾ قيدين ڪي آهستي آهستي ماريو ويندو آهي. هنن ڪي وچڙندڙ بيمارين وارن، خاص ڪري سلهہ ۽ ڪوڙهہ جي مريضن سان گڏ رکيو ويندو آهي. مانيءَ ڪين صفا ردي ۽ اڻ پوري ملندي آهي. ان ڪري مون چاهيو ٿي تہ ترُوئِي جلد ئي صحتمند ٿي وڃي، جيئن هو ٿيون ڀيرو ڀڄڻ جي ڪوشش ڪري سگهي.
منهنجي ماءُ بہ هن سان ملڻ لاءِ بيقرار هئي، پر مون هن ڪي جهليو. چو تہ مون ڄاتو ٿي تہ نانيءَ سان هوءَ هڪ لفظ بہ ڳالهائي نہ سگهندي، ۽ ڪيس صدمو ٿيندو. پر هن منهنجي ڳالهہ نہ مڃي، ۽ ايندڙ ملاقات تي منهنجي نندي ۾ نندي پيڻ ڪِين ۽ پاڻ تيار ٿي بيٺيون. هوءَ چوڻ لڳي تہ، ”مان هڪ منٽ چا هڪ سيڪنڊ ئي ترُوئِيءَ ڪي ڏسان، تہ بہ چڱو-“
منهنجيءَ ماءُ جو هو دلگهريو ناٺي هو. امان ڪي ٻارهن ٻار هئا، پر هن ناٺيءَ ڪي هوءَ سيني ڪان وڌيڪ پيائيندي هئي. هڪ ڀيري مزدورن جي بستيءَ ۾ باهہ لڳي. ترُوئِي ۽ ٻيا مزدور ڪم ڇڏي، باهہ وِسائڻ ۾ لڳي ويا. اُها باهہ اسان جي گهر وٽ هئي. هن اسان جي گهر مان ڪيتريون شيون ڪڍي، سڙڻ ڪان بچايون. اُن واقعي ڪان پوءِ اُن بستيءَ جا ماڻهو ترُوئِيءَ جي ڏاڍي عزت ڪرڻ لڳا- خاص ڪري منهنجي ماءُ. اِن ڪري مجبور ٿي، امان ڪي ملاقات تي وٺي وڃڻو پيم. هن ڀيري پاڳن سان ڪجهہ گهڙين لاءِ درڪليل رهڻ جو موقعو ملي ويو. جيئن ئي امان منهنجي مڙس ڪي ڏٺو، خوشيءَ مان وٺي رڙ ڪيائين-
”منهنجا ٻچا، ڏس! تنهنجي ماءُ آئي آهي! تنهنجو حال ڪيئن آهي؟“
نندڙيءَ ڪِين دانهن ڪئي- ”ادا! ادا!“

تُروئِي کين ڏسي مرڪيو. هن جواب ۾ ڪجهه چيو، پر ان وقت اڱڻ ۾ ايترو گوڙ هو، جو سندس لفظ ٻڌڻ ۾ ئي نه آيا. اسان جي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا ۽ هوءَ الاهي دير در وٽ بيٺي رهي. اُتي ڊزن کن مائرون هڪ ٻئي سان ڏک سور اوري رهيون هيون. ايتري ۾ هڪ موٽر آئي، جنهن مان هڪ پوليس آفيسر لهي، انهن عورتن وٽ ويو ۽ هڪ کي چوڻ لڳو، ”تون وري هتي به آئي آهين؟ مان جتي به وڃان ٿو، توکي ڏسان ٿو. ڇا تنهنجي ڇوڪري بيمار ٿي آهي، جو هتي ڏسڻ آئي آهينس؟“ اُن عورت ڪنڌ ورائي، بنا ڪجهه ڪڇڻ جي، غمگين اکين سان پوليس واري کي ڏٺو. مون کيس سڃاڻي ورتو. هوءَ چاچِي ’ج‘ هئي، جنهن سان ٿورا ڏينهن اڳ منهنجي واقفيت ٿي هئي. اُهو ڏينهن اربعا جو هو ۽ ڏاڍو مينهن پئي پيو. مون در تي چنبڙي سوراخ تي اکيون ڄمائي، پنهنجي مڙس کي ٿي ڳوليو. پر مينهن جي ڪري هو مون کي نظر نه آيو. مون هن کي ڪيترائي سڏ ڪيا، پر منهنجا سڏ به برسات جي شور ۾ گم ٿي پئي ويا. مان سڄي پُسي ويس، ۽ ٿڪجي در وٽ روئڻ لڳيس، ته ڪنهن منهنجي ڪلهن تي برساتي ڪوٽ وڌو ۽ مون کي ٻانهن کان جهلي، هڪ ويجهيءَ جاءِ ۾ وٺي آئي. اها چاچِي ’ج‘ هئي. جڏهن ٻڌايومانس ته مان تُروئِيءَ جي زال آهيان، ته پيار مان ٿپڪي هٽي، چيائين، ”مون هتي توکي ڪيترا ڀيرا ڏٺو آهي.“

پوليس آفيسر کيس چيو ته، ”مون توکي اڳي به چيو آهي ته پنهنجيءَ ڌيءَ کي رڳو ان ڳالهه تي راضي ڪر ته هوءَ آمريڪي جهنڊي کي سلام ڪري ۽ مڃي ته ڪميونسٽ دهشت پسند آهن، ته کيس يڪدم آزاد ڪري ڇڏينداسين. تون ڇئن سالن کان رلندي ٿي وتين ۽ جيلن جي درن تي ڌڪا ٿي کائين. ائين اجايو پنهنجي زندگي خراب نه ڪر.“

چاچِيءَ ’ج‘ جواب ڏنو، ”مون هن کي چٽيو آهي. ان ڪري سنديس سار سنڀال لهڻ به منهنجو فرض آهي. هوءَ جهنڊي کي سلام ڪري يا نه- ڪميونسٽن کي چڱو سمجهي يا خراب- اها سندس مرضي- مان پنهنجي ڌيءُ کي اُن لاءِ ڪجهه نه چونديس.“

مان ڏهون ڀيرو تروئِيءَ سان ملڻ ويس، ته هو چوڪُوآن ۾ ڪونه هو. گيٽ واري مون کي ائڻ سڌو ٻڌايو ته ”تنهنجي مڙس جي طبيعت هاڻي ٺيڪ ٿي ويئي آهي ۽ کيس جيل موڪليو اٿئون-“ منهنجو شڪ برابر ثابت ٿيو. هن کي ٻيهر جنرل پوليس ڊپارٽمينٽ جي قيدخاني ۾ موڪليو هئائون. پيرڻ ’الف‘ جيل مان ڇٽڻ کان پوءِ مون کي ٻڌايو ته-

**4** آگسٽ جو صبح هو. جيل جي اڱڻ ۾ پورهئي ڪرڻ وارن جو گوڙ هو. هڪ گاڏي زالن جي کولين واري بلاڪ وٽ اچي بيٺي. گاڏيءَ جو در کليو ئي مس، ته اندران ڪنهن وڏي آواز ۾ چيو ته ’مان پاڻ هلي سگهان ٿو-‘ ان کان پوءِ اسان هڪ قيديءَ کي ڏٺو، جيڪو پوليس جي ٻن بدمعاشن جي هٿن کان پاڻ ڇڏائي رهيو هو. پر هو هلڻ کان معذور هو ۽ گاڏيءَ جي فرش تي رڙهي رهيو هو ۽ پنهنجي معذور ٽنگ کي گهليائين پئي، جيڪا سڄي پٽين ۾ ويڙهيل هئي. هن کي ڇڏي ۽ پوري رنگ قميص پيل هئي. جڏهن هن اکيون مٿي کنيون، ته مون کيس سڃاڻي ورتو ۽ واڪو ڪيم- ’تُروئِي موٽي آيو آهي-‘ اُهو ٻڌي سڀ قيدياڻيون ڊڪ پائي، ورانڊي ۾ اچي بيٺيون، جتي اچڻ جي منع هئي. هر

ڪنهن جي دل ٿپاڪائي رهي هئي. سڀ چئي رهيون هيون، ’ڪوئين جو مڙس اڇي ويو- ٽُروئي موٽي آيو-‘ اها خبر جهٽ پٽ ڪولين ۾ پهچي ويئي. مرد قيدي به اچي پهتا. سندن جسم پگهر ۾ آلا هئا. چنگهن ۽ پانهن تي گاري ۽ سيمينٽ جا تهه چڙهيل هئا. هو گاڏيءَ کي قري آيا، ۽ اتاوليءَ مان پڇڻ لڳا، ’ٽُروئي ڪٿي آهي؟‘ ان وقت يڪدم دزن ڪن پُٺا جهڪي ويا ۽ گاڏيءَ سان لڳ انساني پٺن جو چڙهڻ ٿهو نهي پيو. ٽُروئي ٻاهر نڪري آيو ۽ هڪڙي قيديءَ جي چيلهه ۾ ٻڪ وڌائين. ساٿي سندس ڳِتن سان ڳِتا گسائي رهيا هئا. پين سندس جسم ۾ معذور ٺنگ کي سهارو ڏنو. اهو سڀ ڪجهه ايترو تڪڙو ٿيو، جو هو پاڙيتو ٺڳ ڏسي، واٽڙا ٿي ويا. پوءِ هو گاريون ڏيڻ لڳا- ’پري ٿيو- توهان کي هن خونيءَ جي ويجهو اچڻ جي موڪل ناهي-‘ هنن ٽُروئيءَ کي پنهنجي ساٿين جي گهيري مان ڪيڏڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪامياب نه ٿيا. اسين قيدياڻيون درين جي سيخن مان ڪين پِٽينديون رهيونسين- ’ناپاڪ سوئر- توهان کي هڪ زخميءَ سان اهڙيءَ هلت جي جرئت ڪيئن ٿي- هي ظلم آهي- سراسر ظلم-‘ مرد قيدي ٽُروئيءَ کي گهيري ۾ وٺي ’سي‘ بلڊنگ ۾ آيا، جتي هر نئين آيل جي ڪاغذن کي ڏٺو ويندو آهي. اُتي هنن ٽُروئيءَ کي هڪ بينچ تي ليٽايو ۽ پوءِ پوليس وارن کي پنهنجي مڪروهه ڪاروائيءَ جي موڪل ڏني-

”ٻئي ڏينهن يعني **5** آگسٽ تي ٽُروئيءَ کي مقدمي جي شنوائيءَ لاءِ ڪوليءَ مان ڪڍيائون. هو پنهنجي دوست لوئيءَ جو سهارو وٺي، ڏاڍيءَ تڪليف سان هلي، عورتن جي بلاڪ جي چيڙي تائين پهچي، گاڏيءَ جو انتظار ڪرڻ لڳو. ٿوريءَ دير ڪان پوءِ گاڏي آئي ۽ هن کي کڻي ويئي.“

هتي پهچي، پيرڻ ’الف‘ ٿوري دير چپ ٿي ويئي. پوءِ هن تفصيل سان مون کي انهن ڏهن منٽن جو احوال ٻڌايو، جيڪو هوءَ ٽُروئيءَ جي ويجهو رهي هئي. پيرڻ ’الف‘ انهن ڏهن منٽن کي زندگيءَ جو قيمتي حصو چوندي آهي. هن چيو، ”مان هن ڪان اتڪل تي وال پري هيس. عورتن جو بلاڪ نديڙيءَ ميز جي بلڪل سامهون آهي، جتي جيل اندر ۽ ٻاهر ويندڙ گاڏين جي داخلا ٿيندي آهي. ٽُروئي ميز وٽ هڪ ڪرسيءَ تي ويٺل هو. هن کي چڊي ۽ نيري قميص پيل هئي. هن جي وارن کي ڦٽي ڏنل هئي. هاڻي هو ايترو ڏُبرو نه پئي لڳو. سندس چپن تي مُرڪ ته نه هئي، پر تڏهن به اسان کي هن خوشيءَ پريل نظرن سان پئي ڏٺو. هنن ڪميڻن کي هن جو اسان جي ويجهو وپهڻ نه وڻيو. هنن اسان کي مار جو دڙڪو ڏيئي، اتان هٽائڻ جي ڪئي، پر اسان جمي وبهي رهيون سين، ۽ اتان چُريوسين به ڪين. پوءِ هنن تنگ ٿي اسان کي چوڙڻ چڏي ڏنو. ٽُروئي زالن جي بلاڪ آڏو ويهي رهيو. هن جي اکين ۾ جيارينڌڙ ٻهڪ پيدا ٿي ويئي. ائين ٿي لڳو جڻ هو مُرڪي ڪجهه چوڻ ٿو گهري. اسان سُس پُس ڪري هڪٻئي کي تنهنجو پيغام ياد ڏياريو، پر افسوس آهي جو اسان اهو ڪيس نه پهچائي سگهيونسين، چوته چار بدمعاش لڳاتار سندس چوڌاري بيٺا رهيا، ۽ تي ته اصل چُريائي نٿي. توکي ته سندن نالا به ياد هوندا- گياپ، لُوڪ ۽ تام هيُو. ٽُروئيءَ کي اتي ويٺي به منٽ ٿيا هوندا ته بدمعاش لُوڪ ڪيس توک مان چيو: ’تون

اجا جوان آهين- مون کي خبر آهي ته تنهنجي زال به سهڻي ۽ جوان آهي، ۽ توهان جي شادي نئين نئين ٿي آهي. توکي پنهنجي خوشيءَ جو خيال چونه ٿو اچي. تون ويٽ ڪانگ جي گشن ۾ اچي، اهري قِسم جو ڏوهه ڪيو.‘
ترُوئِيءَ اسان تان نظرون هٽائي، زهريلي مُرڪ سان چيو- ’ڏوهه- ؟ مون ته پنهنجي وطن جي ڀلائيءَ لاءِ هيءُ ڪم ڪيو- ڇا آمريڪي حملهَ آورن کي قتل ڪرڻ ڏوهه آهي؟‘
’تون پنهنجي ڪم کي صحيح ڪيئن ٿو چوين! تون معذور ٿي ويو آهين- ويٽ ڪانگ جي گشن تي لڳڻ جو اهو نتيجو اٿئي-‘
هاڻي ترُوئِيءَ ان بدمعاش جي اکين ۾ اکيون وجهي، سختيءَ سان جواب ڏنو، ’مون کي ڪنهن به گشو نه ڏنو آهي. مون کي آمريڪي حملهَ آورن کان سخت نفرت آهي. مون کي ميڪنمارا کان نفرت آهي، جنهن ڏکڻ تي ايتريون مصيبتون آنديون آهن. مون ڪيس مارڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.‘
”گيادِنِ جيل جو بدنام ٺڳ گياپ سندس سامهون ويهي رهيو ۽ چوڻ لڳو، ’ان جو نتيجو به ته ظاهر آهي! تو پنهنجي ٽنگ به ڀڃائي- ۽ جيل ۾ به پيو آهين-‘
ترُوئِيءَ جو منهن ڪاوڙ مان لال ٿي ويو- هن ميز کي جهلي، هڪ هڪ لفظ چِٻي چِٿي چيو، ’اوهان سڀ ڪن ڪولي ٻڌو- جيڪو ڪجهه مون چيو آهي، اُهو صحيح آهي. مون حملهَ آورن کي مارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هيءُ ڪم ڪيترو به خطرناڪ چونه هجي، مان زخمي ۽ اپاهج ٿي وڃان يا مري وڃان- اُن ۾ مونکي ڏاڍي خوشي ٿي حاصل ٿئي. مان اُنهن ٽوڏين، ڀڄ- لڪائو ڪتن وانگر جيئڻ نٿو گهران، جيڪي پنهنجي حياتي سلامت رکي، پنهنجي وطن کي ۽ وطني ڀائرن کي نقصان ٿا پهچائين.‘
اُهو ٻڌي، گياپ جي مُنهن تي ڦڪائي ظاهر ٿي-
’تو اسان کي ٽوڏي چيو آهي.‘
ترُوئِيءَ هاڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو. اسان جون دليون ڌڙڪڻ لڳيون. هن جي چوڌاري بيٺل بدمعاش جهنگلي جانورن وانگر گِرڻ لڳا، پر هن کي هيسائي نه سگهيا. اُن ڪان اڳ مان حياتيءَ ۾ اهڙو ٻيو ڏيو شخص نه ڏٺو آهي. مون کي اهڙن مجاهدن سان گڏجي وڙهڻ ۽ سندن ساٿي سڏائڻ تي فخر آهي. هُن وڏيءَ دليريءَ سان سندن بڪواس جو جواب ڏنو.
گياپ چڙي پيو، ’ائين سهي- پر اسان ته هڪ ڏينهن به ڏکيو نه گهاريو آهي. اسان کي خوب کائڻ پيئڻ لاءِ ملي ٿو. اسان جون زالون توڙي ٻار عيش پيا ڪن. جي تون ائين ڳالهائيندين ۽ ڪِئي تي نه پڇتائيندين، ته پوءِ اسان مان نرميءَ جي اميد نه رکجانءِ-‘
ترُوئِيءَ اِهو ٻڌي، ٻگڙي ويو ۽ انڪار ۾ ڪنڌ لوڏي چيائين، ’مان توهان وانگر زندگي گهاري نٿو سگهان. اهڙيءَ حياتيءَ کان موت بهتر ٿو سمجهان-‘

اُن تي ڳاڙهي وات واري ڏکهي تام هِيؤَ ڪِلي، ٽُروئِيءَ جي پڳل ٽنگ ڏي اشارو ڪري چيو، ’تون موت جي منهن ۾ اچي به ضد تي قائم آهين. پنهنجي پڳل ٽنگ ته ڏس! هي ويٽ ڪانگ جي قندي ۾ اچي وڃڻ جو نتيجو آهي.‘

هاڻ ٽُروئِيءَ ڪان جهليو نه ٿيو. هو پڳل ٽنگ سان اٿي بيٺو ۽ پنهنجي ٻانهن مٿي ڪري ٻه ٽي قدم اڳتي هليو. پوءِ بدمعاش ڏي ڏسڻ ڪان سواءِ زورائتي آواز ۾ چيائين، ”توهان ڪميڻا آهيو. مان توهان سان ڳالهائڻ نٿو گهران-“

لوئِي پٺ ڪي ٽيڪ ڏيئي ويٺو هو. هُن ٽُروئِيءَ ڪي بيٺل ڏسي، يڪدم ٽپو ڏنو- ۽ ڊوڙ پائي وٽس پهچي ويو، جيئن هو ڪِري نه پوي. پر ان وقت مون ڪي ٽُروئِيءَ جي شخصيت ۾ اڻ چاتي طاقت آيل پئي لڳي. هو سڌو ٿي بيٺو ۽ آسمان ڏي نهارڻ لڳو.

موٽر جي پهچندي ئي هنن ڪيس ڏڪو ڏيئي، ان ۾ ويهاريو. ان ڏينهن لوئِيءَ ۽ سندس خلاف ڪيس هلٽو هو. جڏهن ڳاڏي رواني ٿي، ته اسان سڀ ٻيهي رهيوسين ۽ نعرا هٽي، ڪين روانو ڪيوسين. هو موٽر جي درڪي جهلي، مڙي، اسان ڪي ڏسڻ لڳو. ان ڪان پوءِ جڏهن به ٻين قيدين سان ملڻ ٿيندو آهي، ته اُنهن املهه ڏهن منٽن جي ڳالهه ٻڌائڻ جي فرمائش ڪندا آهن، جن ۾ مون ڪي ٽُروئِيءَ ڪي ويجهو ڏسڻ جو وجهه مليو آهي. اُن ڪان پوءِ جڏهن به پوليس اسان ڪي ماريندي آهي يا جلاوطنيءَ جو حڪم ڏيندي آهي، ته اسان هڪ ٻئي ڪي چونديون آهيون ته ’اسان ڪي ٽُروئِيءَ وانگر بهادر ٿيڻ ڪپي ۽ اُن وانگر زندگي گهارڻ ڪپي.‘

## (8)

-سائيگان ۾ حالتون روزبروز خراب ٿينديون پئي ويون. هاڻي رات جو به مظاهرا ٿيندا هئا. منهنجا پيءُ ماءُ پاسي واري ڳوٺ ۾ رهندا هئا. اتي پينٽر، ملازم، رڪشا ڊرائيور، شاگرد ۽ ڪنڊ جي ڪارخاني جا مزور وڏي تعداد ۾ رهندا هئا. هنن سيني ڪم ڇڏي ڏنو، ۽ 'ڪان' ڪان (جيڪو ان وقت ٿوڏي حڪومت جو اڳواڻ هو) استعيفا جو مطالبو ڪرڻ لڳا، ۽ جهندا ۽ بئنر کڻي، سنڌس هيڊ ڪوارٽر وٽ مظاهرا ڪرڻ لڳا. نگوين ڪانِ منهنجي مڙس کي موت جي سزا ڏيڻ واري حڪم نامي تي صحيح ڪئي هئي. هاڻي اُنهيءَ ئي ڪانِ تي چوڏاري لعنتن جو وسڪارو ٿي رهيو هو. قيد ۾ رهندي، مون ٻڌو هو ته جي شهر سائيگان جا ويجهه لک ماڻهو شهر جي اندران ۽ ٻاهران ٻَڌي ڪري ٿوڏي حڪومت تي حملو ڪن، ته دشمن جو خاتمو ٿي وڃي. اُنهن ڏينهن ۾ مان سخت پريشان هُيس. ۽ منهنجي دل ۾ هروقت اِهو خيال هو ته سائيگان جا ماڻهو اُٿي کڙا ٿين، ته مان يڪدم قيدخاني هلي ويندس، ۽ مڙس کي آزاد ڪرائڻ لاءِ ماڻهن سان ملي، جيل جي پٽين کي ڊاهي ڍير ڪنديس. مون کي خبر نه هئي ته هو ڪهڙي جيل ۾ آهي. سترهين آگسٽ تي هن کي موت جي سزا جو حڪم ٻڌايو ويو هو ۽ هاڻي هو الائي ڪٿي هو! مان هن کي روز ڳوليندي هيس.

مان اُن ڳڻتيءَ ۾ ڳري رهي هيس. ڇا، هو اجا به چِي هُوا جيل ۾ آهي، يا مونکي بيوقوف بڻائڻ لاءِ روز سنڌس جيل مٽائيندا رهن ٿا! ممڪن آهي ته هِن وقت ٽائين ماري ڇڏيو هجننس. مان ڪيس ڳولڻ لاءِ جيل ۾ موت جي سزا وارن قيدين جي وارڊ ۾ پهتيس. مان اجا هڪ سنتريءَ جي جواب جو انتظار ڪري رهي هيس، ته اوچتو منهنجي ڪنن تي آواز پيو، ”ڪوئِين- ڪوئِين!“

اُهو منهنجي مڙس جو آواز هو. جڏهن مان ڊوڙ پائي ٻاهر آيس، ته جيل جي هڪ گاڏي منهنجي آڏو لنگهي ويئي. گاڏيءَ جي ننڍڙيءَ دريءَ مان مونکي ٽُروئِيءَ جو منهن نظر آيو. هو مونکي سڏي رهيو هو ۽ الوداع چئي رهيو هو. مان بدحواس ٿي گاڏيءَ جي پٺيان ڊوڙيس ۽ رڙيون ڪرڻ لڳيس ته ”ماڻهوءَ منهنجي مڙس کي بچايو- هي ڪيس مارڻ ٿا وٺي وڃن-“ گاڏي هڪ موڙ وٽ نظرن کان اوجهل ٿي ويئي. مان رستي جي اڌامنڊڙ دڙ کي ڏسندي رهجي ويس. مان مدد لاءِ پڪاري رهي هيس ۽ ”ٽُروئِي، منهنجا ٽُروئِي!“ پڪاري رهي هيس. آفيس جي دريءَ مان منهن ڪڍي، هڪ سنتريءَ چيو، ”ڇاجي لاءِ ٿي رڙيون ڪرين. هو تنهنجي مڙس جون تصويرون ڪڍڻ ويا آهن. ٿيهريءَ

جو موتي ايندا. مان توکي پاس ڏيندس. تين وڳي اچجانءِ توکي ملاقات جي موڪل ملندي.“
مون کي هن کي اعتبار نہ آيو- ”سچ ٿو چوين؟“
”ها ها- هي وٺ پاس.“
اُن کان پوءِ مون کي اطمينان ٿي ويو. ٽين وڳي مان اُتي پهتيس. موت جي سزا وارن قيدين جي ڪمري ۾ ٽُروئِي منهنجي انتظار ۾ هو. هو پنهنجي پانهن ڪنڌ جي هيٺان ڏيئي، هڪ بينچ تي ليٽيو پيو هو. سندس پرسان هڪ قيدي ويٺو هو، جيڪو ٽماڙ تان سهارو ڏيئي ڪيس هيٺ لاهي آيو هو. ڪجهه ڦُٽ پري، هڪ پوليس جو ماڻهو ننڍڙيءَ ميز آڏو ويٺو هو. ٽُروئِيءَ جو دوست مونکي ايندو ڏسي، اٿي ويٺو. هن کي اڇي قميص ۽ ليڪن واري چڊي پيل هئي.
مون ڪاڏي جي شين جي ٽوڪري هٿ ۾ مضبوط جهلي، تہ ڪٿي ڪِري نہ پوي. مون کي پنهنجي قيدي ساٿين جي نصيحت ياد آئي تہ ”پنهنجو ڪنڌ سدائين مٿي رکجانءِ. چا بہ ٿئي، روئجان نہ! روئڻ سان تنهنجي پيارن جي پريشاني وڌي ويندي.“ مون نٿي گهريو تہ ٽُروئِيءَ کي زندگيءَ جا بچيل بہ ٽي ڏينهن منهنجي ڪري پريشاني ٿئي. اُن هوندي بہ بي اختيار منهنجي اکين مان لُڙڪ وهي هليا، ۽ مان انهن جي لوڻياٺ پنهنجي چَپن تي محسوس ڪئي. مون سندس نالو وٺڻ گهريو، پر منهنجي نِڙي گهُٽجي ويئي.
مون لُڙڪ پيي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي. چَپ ۾ چڪ وڌم. ۽ ڪجهه چوڻ ڪانسواءِ سندس ويجهو ويس. هن پنهنجون ٻانهون کولي ڇڏيون ۽ منهنجون ٻيئي ٻانهون سوگهيون جهلي، مون کي پنهنجي پرسان بينچ تي وهاريو. مون پنهنجو مٿو سندس ڪُلهي تي رکي ڇڏيو. پر مونکي غم تي ڪو وس ئي نہ هو. مون ڳالهائڻ گهريو، پر زبان مان سندس نالو بہ اڪلي نہ سگهيو. مان هن کي چنبڙي پيس، ۽ منهنجي جهلَ جي آخري ڪوشش بہ نہ هلي ۽ مان سڏڪا پرڻ لڳيس.
هن ڪيترو وقت منهنجي وارن کي پٺي پيار سان لسايو، ۽ پوءِ چوڻ لڳو، ”توکي اها خبر پڙهي صدمو ٿيو هوندو-“ مون سُڏڪن سان گهُٽيل آواز ۾ چيو، ”مان چا ٻڌايان- مون کي ماڻن ۽ سڄڻ ڏاڍي رک رکاءَ سان اها خبر ٻڌائي، پر هو پاڻ بہ روئڻ لڳا. مان ڪيترا ڏينهن ڳوليندي رهيس تہ تون ڪهڙي جيل ۾ آهين. بابا اپيل ڪرڻ لاءِ هڪ وڪيل ڪيو آهي.“
ٽُروئِيءَ ان تي ڪاوڙجي چيو، ”وڪيل ٻڪيل نہ ڪيو- اجايو پئسا ٽا وڃايو-“ ان کان پوءِ هن منهنجا ڳوڙها اُگهي چيو، ”مون سان ناتو رکي، تو ڏاڍا ڏُک پرايا آهن. چا تون بہ مونکي ڏوهي ٿي سمجهين؟“
”مان توسان پيار ٿي ڪريان، مون کي توسان شڪايت چو ٿيندي؟ مون گهڻن وقتن تي توکي سمجهڻ ۾ ڏاڍي غلطي ڪئي، پر جيل ۾ ساٿين مون کي تعليم ڏني ۽ مون کي غلطين کي سمجهڻ لائق بڻايو. جڏهن مون غلطي محسوس ڪئي، تہ مان

ڏاڍي شرمندي ٿيس. مون کي اهو وهم گمان ۾ به نہ هو تہ تون انقلابي ڪم ۾ لڳل آهين، اِن ڪري مان ڪڏهن ڪڏهن شڪي ۽ جهيڙاڪار ٿي پوندي هيس، ۽ تنهنجي ڪم ۾ رنڊڪ وجهندي هيس-"

هو چوڻ لڳو، "اسان جي شاديءَ کان ٿورو ئي اڳ مان اُن ڪم ۾ ڏاڍو رُڌل هوس. اُن ڪري مون کي ڏينهن رات گهر کان ٻاهر رهڻو پوندو هو. اُنهيءَ قسم جي ڪمن ۾ اصول موجب پنهنجي ڪم کي راز ۾ رکڻو پوندو آهي. اِنهيءَ ڪري ڪڏهن ڪڏهن مان توسان ڪوڙ بہ ڳالهائيندو هوس. اِن ڪري ئي تون منهنجي وفاداريءَ تي شڪ ڪرڻ لڳينءَ. مون کي اُن جي خبر هئي، ۽ تولاءِ مون کي ڏُک ٿيندو هو. جڏهن کان اسان جي شادي ٿي، مان انجام موجب توکي گهمائڻ نہ وٺي ويس، پر اُن کان سواءِ ٻيو ڪو رستو نہ هو. مون کي خبر آهي تہ مون توسان چڱو ورتاءُ نہ ڪيو. شاديءَ کان پوءِ روز شام جو مان نڪري ويندو هوس ۽ رات جو دير سان گهر موٽندو هوس، جو مون کي گڏجاڻين ۾ وڃڻو پوندو هو، ۽ پنهنجي اوزارن کي ٺيڪ طرح سان لڪائڻ لاءِ دشمن جي چرپر تي نظر رکڻي پوندي هئي. آءٌ پاڻ کي سنو مڙس نہ ٻڌائي سگهيس. جي تون ڪاوڙجي ويندي هئينءَ، تہ مان اهو چئي، لنوائي ڇڏيندو هوس تہ مون کي پنهنجو ڪم ڪرڻو آهي. جي تنهنجي جاءِ تي مان هجان ها، تہ اهڙيون حالتون مون کي پڻ شڪي ٻڌائي ڇڏين ها. تون وفادار زال ثابت ٿي آهين. ڪا ٻي رواجي عورت اهڙين حالتن جو مقابلو نہ ڪري سگهي ها. مون کي خبر هئي تہ تون ڏاڍي پريشان آهين، پر مان توسان کولي ڳالهہ نہ ٿي ڪري سگهيس. مون سوچيو تہ پنهنجو ڪم پورو ڪري، پوءِ توکي ٻڌائيندس. هاڻي تہ تون سڀ ڪجهہ سمجهي ويئي آهين-"

"مون کي ان وقت خبر پئجي ويئي هئي، جڏهن هو توکي هٿڪڙيون هڻي گهر وٺي آيا هئا."

**هن چيو، "مان ڪيترا ڀيرا چوندو هوس، تہ مون کي ڪُوڙن ۽ دوکيبازن کان سخت نفرت آهي، ۽ ماڻهوءَ کي ننڍي کان ننڍيءَ ڳالهہ لاءِ بہ ڪوڙ نہ ڳالهائڻ نہ کپي. ان هوندي بہ مون پاڻ ئي توکي دوکو ڏنو ۽ ڪُوڙ ڳالهايا. مون کي ان لاءِ ڪابہ ڦِڪائي، ڪوبہ پڇتاءُ ڪونهي، ڇوتہ اِئين مون انقلاب جي عظيم مقصد خاطر ڪيو- ايندڙ وقت ۾ جي توکي سائيگان جي شهر ۾ انقلابي ڪم ڪرڻو پيو، جيڪو دشمن جي ايجنٽن ۽ جاسوسن سان ڀريو پيو آهي، تہ توکي بہ ڳالهيون لڪائڻيون پونديون."**

مان هڪ سنگترو ڇلڻ لڳيس، تہ هن مون کي جهليو ۽ چيائين، "اِهو مان پوءِ کائيندس. اسان وٽ ڪجهہ گهڙيون بچيل آهن. مون کي اڃا گهڻيون ڳالهيون ڪرڻيون آهن. جڏهن هو مونکي جنرل پوليس ڊپارٽمينٽ جي قيدخاني ۾ وٺي آيا، تہ ٻين قيدين مون کي تنهنجون سڀ ڳالهيون ٻڌايون. هنن ٻڌايو تہ تون ڪافي اڳتي وڌي آهين. تون

هنن جون نصيحتون ڏيان سان ٻڌندي هئين ٿ. منهنجي لاءِ اِها خبر مِٺي گيت مثل هئي. اجا به مون کي قيد مان ڇٽڻ جي اميد آهي. تي سگهي ٿو دشمن کنهن به وقت ڪابہ ڪاروائي ڪري. جيڪڏهن ڪو بُري ۾ برو واقعو ٿئي، تڏهن به تون دوستن سان ڪم ڪي جاري رکجان ٿ."

هو خبرداريءَ سان ڳالهائي رهيو آهي، پر مون سندس مطلب جهڙي ورتو ۽ سمجهي ويس ته "بُري ۾ بُرو واقعو" ڇا آهي. هن رومال ڪڍيو ۽ منهنجا ڳوڙها اگهيا. ۽ پوءِ منهنجي ڪَن ۾ چيائين، "منهنجا ساٿي اهو بندوبست ڪندا ته تون اڪيلي نه رهجي وڃين. تو جيل ۾ پنهنجي اکين سان سڀ ڪجهه ڏٺو آهي. مان اڪيلو ناهيان. ظلم ۽ ڏاڍ جي هوندي، هزارين ساٿي انقلاب سان وفادار آهن. تون جن ماڻهن کي گهٽين ۾ گهمندو ٿي ڏسين، اهي رڳو پيٽ ڀرڻ لاءِ هڏ نٽا هڻن، پر انقلاب لاءِ پڻ ڪم ڪن ٿا. هر شخص پاڻ تي مقرر ٿيل فرض پورو ٿو ڪري. بيشمار عورتون پنهنجي مڙسن، ماءُ پيءُ پنهنجن پٽن ۽ پيٽرون پنهنجن پائرن کان ڏار ٿي چڪيون آهن. تون به انهن جي مثال تي هل. توکي به ڪونه ڪو انقلابي ڪم ڪرڻ کپي- پوءِ رڳو اشتهار ورهائڻ يا ڪا سٺي خبر مشهور ڪرڻ جو ڪم چونه هجي."

مون چيو، "مان ٻجان ٿي- هو مون تي اعتبار نه ڪندا- مان ڪو نه ڪو انقلابي ڪم ڪرڻ گهران ٿي- تنهنجي گرفتار ٿيڻ کان پوءِ اڳي کان وڌيڪ اُن تحريڪ ۾ حصي وٺڻ جي چاهنا اٿم-"

هُن ڳالهه جو رخ ٻئي پاسي موڙيو-

"ڇا- سچ پچ هُنن اُتر تي بمباري ڪئي آهي؟"

"ها-"

"گهڻا ڀيرا؟"

"رڳو هڪ ڀيرو-"

"ڇا اسان جي ماڻهن ڪو هوائي جهاز ڪيرايو؟"

"چار آمريڪي جهاز-"

"اسان جو ڪو نقصان ٿيو؟"

"گهڻو نه- ڪناري سان فقط ڪجهه ڳوٺن تي حملو ٿيو-"

هو ڏاڍو خوش ٿيو- "اتر تي حملو ڪري، هو رڳو تباهيءَ کي سڏيندا. جي هو وري حملو ڪن، ته خبرون خيال سان پڙهجان، ۽ ايندڙ ملاقات ۾ مون کي تفصيل سان ٻڌائجان."

(آمريڪا 5 آگسٽ 1964ع تي اتر ويٽ نام تي پهريون هوائي حملو ڪيو هو.)

ان کان پوءِ هو دوستن ۽ مائٽن جي باري پڇڻ لڳو. "جڏهن تون مائٽن سان ملين، ته منهنجي پاران ڪانئن معافي وٺجان ٿ. هو اسانجي شاديءَ تي به آيا، پر مان هڪ ڀيرو به انهن وٽ نه ويس. امان ته ڏاڍي ڏکويل هوندي-"

سنتريءَ ملاقات جي وقت ختم ٿيڻ جو اعلان ڪيو. مون ٽُروئِيءَ کي اٿي بيهڻ ۾ مدد ڏني ۽ ساٽس چنبڙي پيس. مون کي ائين لڳو ته چڻ وري مان هن سان ملي نه سگهنديس. مون آخري سوال ڪيو-

”ڇا مان توسان وري ملي سگهنديس؟“

هن مونکي ٻانهن ۾ وٺي چمي ڏني. سندس ڳل منهنجي ڳوڙهن سان پُسجي ويا. هن منهنجي مُنهن کي ڏسندي چيو، ”اسان ضرور ملنداسين- خاطري ڪر-“

مون ٻنهي هٿن سان سندس ڪُلهن کي پڪڙيو هو. هن آهستي آهستي منهنجي مٺي کي پنهنجي سيني کان الڳ ڪيو ۽ هو منهنجي وارن کي پيار سان لسائڻ لڳو.

”پنهنجي جيل جي ساٿين وانگر حياتي گذار- مصيبتن کي صبر ۽ همت سان سَهڻ سِک ۽ دل وڏي ڪر-“

مون هن کي ڪمري جي ٻئي ڇيڙي تائين سهارو ڏنو. اتان ٻئي قيديءَ کيس سنڀاليو ۽ ٻيئي ڏاڪڻ تي چڙهڻ لڳا. منهنجون نظرون کيس اوستائين ڏسنديون رهيون، جيستائين هو اُنهن کان اوجهل ٿي ويو ۽ مان اتان موٽي آيس.

مون ٽيهين آگسٽ جو جو ڏاڍيءَ بي صبريءَ سان انتظار ڪيو. ان ڏينهن مون کي ٽُروئِيءَ سان وري ملڻو هو. مون سوچيو ته ’ڇا اسان جي هيءَ ملاقات آخري ٿيندي! مون ٽُروئِيءَ لاءِ اِلاهي شيون تيار ڪيون. ڪپڙن ۽ ٿيلهن تي مون پنهنجي هٿ سان ٽُروئِيءَ جو ۽ پنهنجو نالو پريو. پلاسٽڪ جي هڪ لَڪڻ ۽ هڪ ڪوپ تي به مون ٻيئي نالا لکيا. مون قيدين کان ٻُڌل سڀ گيت ياد ڪيا هئا ۽ انهن مان سڀ کان وڌيڪ وڻيل گيت رومال تي پريم. ان ڪم ۾ مون کي ڪي ئي راتيون لڳيون، ڇو ته هڪ هڪ ٽاڪو خبرداريءَ سان هڻڻو ٿي پيو- ٽُروئِيءَ هي سڀ ڏسي ڪيترو نه حيران ٿيندو. هو اعتبار ئي نه ڪندو ته ڪو اِهو سڄو ڪم مون ڪيو آهي.‘ پرت پري، مان پيڪن ۾ ويس، ۽ مشين تي ڪپڙن کي جهالر لڳايم. منهنجي پيرڻ اِهو گيت بابا کي پڙهي ٻڌايو-

”لهرن ۽ تيز هوائن ۾،

طوفانن ۽ واچوڙن ۾،

دل توسان وفا ڪندي رهندي،

تون خطرن کان محفوظ رهين،

شل ڪَٽي اچين هٿ خيرن سان،

۽ وطن وري تئي هڪ مِلي-“

بابا دانهن ڪئي، ”اڙي جي پوليس تو وٽ هي ڏسي ورتو، ته توکي ماري ڇڏيندي- اڳ ۾ ئي گهٽيون تڪليفون ڏنيون اٿئي-“

”توهان فڪر نه ڪريو. هاڻي مون کي ڪوبه پڪڙي نٿو سگهي-“ **30** آگسٽ صبح جو مان ڇِپي هُوا جيل ۾ پهتيس. مان اجا جيل جي آفيس ۾ گهڙيس مَس، ته اتان جي پوليس سارجنٽ مون ڏي اشارو ڪندي چيو، ”سرڪار نگوين وان ٽُروئِيءَ سان تنهنجي ملاقات تي بندش وجهي ڇڏي آهي. اڀُئين گهمري، تو هن جي ڪَن ۾ الائي ڪهڙي ڦوڪ ڏني، جو هن جيل ۾ هنگامو مچائي ڇڏيو.“

”مون هن جي طبيعت پڇي هئي، ۽ گهرو ڳالهيون ڪيون هيونسين. ان کان سواءِ ته مون ڪابه ڳالهه نه ڪئي هئي-“

مون ڏاڍيون منٿون ڪيون، پر ڪجهه نه وريو. هن ڪاڏي جي شين پهچائڻ کان به انڪار ڪيو. جيل جي در تي مسز ’ج‘ ملي ويئي. هن مون کي ڏسندي ئي روئي ڏنو-

”تنهنجي مڙس کي موت جي سزا ڏني اٿن نه؟“

”هائو-“

”تون هن سان ملڻ آئين آهين-“

”پر هو ملڻ نه ٿا ڏين-“

هن ڪاڏي جي شين پهچائڻ جو بار پاڻ تي کنيو ۽ مون کي اڳتي ملاقات لاءِ پاس هٿ ڪرڻ جو طريقو ٻڌايو. منهنجي قسمت چڱي هئي، جو ان ڏينهن هوءَ ملي ويئي. سنديس ڇوڪريءَ کي تازو چوکُوآن اسپتال مان ڇِپي هُوا جيل ڏي موڪليو هئائون. پنهنجي ڇوڪريءَ جي سار سنڀال لهندي ۽ جيلن جي درن تي رلندي، هن کي ڪيئي سال ٿي ويا هئا. ان ڪري هن جي پوليس وارن سان واقفيت ٿي ويئي هئي، ۽ پاس هٿ ڪرڻ جا طريقا سکيا هئائين.

نيٺ مون کي **18** سيپٽمبر تي ڇِپي هُوا جيل اچڻ لاءِ چيو ويو ۽ ٻڌايو ويو ته ان ڏينهن مون کي پاس ملندي، ۽ ٽُروئِيءَ سان ملاقات جي تاريخ ٻڌائيندا. جڏهن مان اُن تاريخ تي اتي پهتيس، ته پوليس واري ٻڌايو ته ”اڄ ٽيهريءَ جو تون ملاقات ڪري سگهين ٿي.“ هُن بَڪ ڪئي ته ”تنهنجي مڙس ڪئٿلڪ مذهب قبول ڪيو آهي. اڄ پادري ڪيس ڪرستان ڪري آيا آهن-“

مان جيل جي درڪان ڊڪ پائي ٻاهر آيس، ۽ جلدي جلدي ميوو ۽ ٻيون شيون ورتم. ٽُروئِي نه سگريٽ پيئندو هو نه چانهه. ميون سان دل هيس. مان ٻنهي هٿن ۾ لفافا کڻي، جهٽ ملاقاتي ڪمري ۾ پهتيس. اُتي هو منهنجو منتظر هو.

”توکي ڏاڍو انتظار ڪرڻو پيو-“

هن منهنجي ڳلن تان وارن جون ڇڳون هٽائيندي چيو، ”ها، ڪافي وقت کان. تنهنجو ساهه ڇو پرڇي آيو آهي؟“

”مون کي اميد نہ هئي تہ ڪو اڄ توسان ملڻ ڏيندا. انڪري مان ڪپڙا ۽ ٿيلهو نہ آڻي سگهيس. مون کي اڄ ئي پاس مليو آهي. هونءَ تہ پاس ملڻ کان ٻہ ڏينهن پوءِ ملاقات ڪرائيندا آهن، پر چيائون تہ ڪو خاص واقعو ٿيڻ وارو آهي. سو جي ملڻو اٿئي تہ اڄ ئي ملي وٺ. ان ڪري مان ڊڪ پائي تولاءِ شيون وٺي آيس، جيئن گهڻو انتظار نہ ڪرڻو پوي.“

هن منهنجي پارسلن کي ڏسندي چيو، ”تون اجايو خرچ ٿي ڪرين. مون کي ايڏين شين جي ضرورت ناهي. تون شاديءَ جي قرض لاهڻ لاءِ پئسو بچاءِ-“

”قرض جو فڪر نہ ڪر- مون بندوبست ڪري ڇڏيو آهي- پر اِهو تہ ٻڌاءِ تہ تون سچ پچ ڪئٿلڪ ٿي ويو آهين ڇا؟ مذهب مٽايو اٿئي ڇا؟“

”ڪير ٿو چوي؟“ هن حيرانيءَ مان پڇيو.

”جيل جي آفيس وارا-“

”اِهو ڪوڙ آهي- مان اِئين ڪڏهن بہ نہ ڪندس. ڪجهہ پادري آيا هئا، ۽ مون کي هِرکائڻ جي ڪوشش ڪيائون، پر مون کُتا جواب ڏنن. هاڻي هو چاڙي واڙي اهڙيون ڳالهيون ٿا هُلائين، جيئن ٻاهر وارن ساٿين تي اِهو تاثر پوي تہ مان دشمن سان ملي ويو آهيان.“

”تنهنجون پٽيون ڪڏهن کُليون؟“

”پندرهين تاريخ. امان ۽ بابا ڪيئن آهن؟“

”خوش آهن- ننڍڙي ڪِين توسان ملڻ لاءِ ضد ڪندي آهي. مان تہ ڊان کي بہ آندو پئي، پر پوليس مون تي هر وقت نظر ٿي رکي. مان نٿي گهران تہ اُن ويچاري جي گهر تي وري ڪا مصيبت اچي.“

”اسپتال ۾ مون سان ملاقات کان پوءِ نَنڍڙي ڪِينِ ڇا چوندي آهي؟“

”هوءَ ماڻهن کي وڏائيءَ سان چوندي آهي، تہ مون ادا کي ڏٺو آهي- هو ڪاٺين تي پئي هليو، ۽ مون کي ڏسي مُرڪيو هو-“

”مون کي هن سان ڏاڍي دل آهي، مون کي ڏسي هُن ڪيئن نہ هٿ لوڏيو، ۽ ’ادا‘ ’ادا‘ چيو هو! مون کي سندس ويجهي نہ ڏسڻ جو ڏک رهجي ويو. تون هن مهيني جي پڇاڙيءَ ۾ ملڻ اچين، تہ ڪيس وٺي اچجانءِ. ڊان لاءِ بہ ڪجهہ رانديڪا وٺي وڃجانءِ ۽ چئجانس تہ هي چاچا ٽُروئيءَ موڪليا آهن. اِن عمر ۾ مان بہ ائين هوندو هوس. مون وانگر هو بہ پيار جو بکيو آهي. منهنجي خاطر هُن جو خيال رکجانءِ! انجام؟“

مون چپن ۾ پڇيو، ”اڳئين ملاقات تي تو هتي ڪهڙو هنگامو ڪيو هو! چون ٿا تہ تو وڏو گوڙ ڪيو هو ۽ منهنجي ملاقات بہ بند ڪري ڇڏيائون-“

”مون ٻين قيدين کي خوش ڪرڻ لاءِ اُنهن کي بہ اِها خوشخبري ٻڌائي تہ آمريڪين اتر ويٽنام تي بمباري ڪئي، پر اسان جو ڪوبہ نقصان نہ ٿيو ۽ اٽلو سندن ڪيئي هوائي جهاز تباهہ ٿيا. سڀني ساٿين اها خوشخبري ٻڌي، خوشي ڪئي. ڦاسيءَ واري

سڄي بلاڪ ۾ جوش پيدا ٿي ويو. تنهنجي خبر آمريڪي پاڙيتو بدمعاش جي ڪوڙ کي ظاهر ڪري ڇڏيو.“

”توکي ٿيهين تاريخ منهنجي نه اچڻ تي ضرور مايوسي ٿي هوندي. مسز ’ج‘ جنهن توکي ڪاڏي جون شيون پهچايون، تنهن ٻڌايو ته تون سچو ڏينهن بي آرام هئين، ۽ هڪڙي گهڙي به خوش نه هئين!“

ٽُروئِي ۽ کِلي ڏنو-

”اُنهيءَ ڏينهن انتظار ڪان ڇڻ مان ڪَندن جي سيج تي ڦٿڪيس پئي. منهنجا ڪَن سنتريءَ ڏي هئا، ته ڇڻ اِجهو تو ملاقات لاءِ سڏي. مان توسان ملڻ لاءِ ڏاڍو بي تاب هيس. مون وٽ تنهنجي تصوير هئي، جيڪا هن جهلي ورتي ۽ ڦاڙي ڇڏي. جڏهن سچ لٿو ۽ تون نه آئين ۽، ته مون کي اُلڪو ٿي پيو، متان تون بيمار ٿي پيئي هجين يا توکي گرفتار ڪيو هجين.“

ڦاسيءَ واري بلاڪ مان هڪ عورت لٿي ۽ بينچ جي پٺي چيڙي تي پنهنجي ماءُ وٽ وڃي ويٺي. سنديس ماءُ روئي رهي هئي ۽ سُڏڪن کان سنديس آواز گهُٽجي پئي ويو. سندس ڳالهائڻ مان هوئي جي پاسي جو لهجو پئي ظاهر ٿيو.“

مون ٽُروئِيءَ کي ٻڌايو ته ڪُوانگ نام کان سندس مائٽ آيا هئا. ملاقات لاءِ ڏاڍي ڪوشش ڪيائون، پر ڪامياب نه ٿيا.

”ڇا هو اجا تائين اِتي آهن؟“

”نه هليا ويا.“

هن چيو، ”ڪين خط لکي ٻڌائجان ته مان خوش آهيان- ........ اڄڪلهه ڪٿي آهي؟ آزاد ٿيو آهي؟“

ٽُروئِي دلگير لهجي ۾ چيو، ”ڪيس منهنجا سلام ڏجان. هن کي رڳو ان ڪري گرفتار ڪيو هئائون، جو هو ويچارو اسان سان گڏ ساڳيءَ جاءِ ۾ رهندو هو. هن کي چئجان ته فڪر نه ڪري. هاڻي ته هُن کي جاءِ وڪڻي، ڪنهن ٻئي هنڌ وڃڻو پوندو. هن جي جاءِ وِڪي ته تون ڪٿي رهندين ۽؟“

ايتري ۾ هڪ پوليس وارو آيو ۽ مونکي هڪ ڪاغذ ڏنائين. ٽُروئِيءَ ان تي لڳل تصوير ڏسي ورتي ۽ پڇيائين-

”هيءَ تصوير ڪڏهن ڪڍايئهِ؟“

”هاڻي- هاڻي ملاقات جي درخواست سان گڏ تصوير به لڳائڻي ٿي پوي.“

”تصوير ۾ ڏاڍي لَٽل ٿي ڏسجين-“

هن پريشان ٿي، مون ڏي ڏٺو.

”تنهنجو رنگ پِيلو ٿي ويو آهي- ڇو؟“

”ڇا، پاڙيوارا اجا سندن جاءِ ۾ وهنجڻ جي موڪل ڏينئي ٿا؟“

”مان ته خوش آهيان.“

”هائو، هو مون سان ڇڳو هلندا آهن.“

هن غسلخاني جي ڊاڪٽ بابت تاڪيد ڪندي چيو، ”اها ڊاڊي ڏکي آهي- پاڻيءَ جي اڏ بالٽي ڪڻي چڙهندي ڪر. اِئين ڪِرڻ جو امڪان گهٽ آهي-“

”اِنهن معمولي ڳالهين جو فڪر نه ڪر. هاڻي مان بدلجي ويئي آهيان. اڳي ڪان مضبوط ٿي ويئي آهيان. مون کي اڳڻ ۾ اڪيلي نڪرڻ تي به ڊپ اصل نٿو ٿئي.“

هُن ڳالهه بدلائي-

”شهر جو ماحول ڪيئن آهي؟“

”حاڪمن ڪجهه رعايتون ڏنيون آهن. اِن ڪري هاڻي گهٽا مظاهرا ڪونه ٿا ٿين. جڏهن بغاوت ٿي، ته مان سڄي رات هڪ گهڙي به ننڊ ڪري نه سگهيس، ۽ گوليءَ جي آواز جي منتظر هيس. پر صبح جو حالتون معمول تي اچي ويون، ته ڏاڍي مايوس ٿيس. شهر کان ٻاهر سخت لڙائي ٿيندي رهي. پاڙي جا لارين ۽ ٽيڪسين جا ڊرائيور ٻڌائيندا آهن، ته ڪين آزاد فوج جا سپاهي اڪثر ملندا رهندا آهن. ڪڏهن آزاد فوج جا سپاهي سندن موٽرن ۽ بَسن کي روڪي اُتي ئي جلسو شروع ڪندا آهن. گهڻو ڪري اسان گهر ۾ رات جو گولين ڇُٽڻ جا آواز ٻڌندا آهيون. تون به اهڙا آواز ٻڌندو آهين؟“

هن ڪنڌ لوڏيو ۽ منهنجي ڳالهه ٻڌندو رهيو.

”ڪُوانگ نام جي دوستن جو چوڻ آهي ته تنهنجو اباڻو ضلعو ذري گهٽ آزاد ٿي ويو آهي، ۽ اتي آزاد فوج جا هزارين سپاهي موجود آهن. فرانسيسين خلاف لڙائيءَ واري وقت کان هاڻي وڌيڪ بارود ۽ نوان هٿيار اٿن. هاڻي ته سائيگان ۾ به حالتون بدلجي ويون آهن. جي توکي ٻاهر اچڻ جو وجهه مليو، ته پاڻ اچي ڏسندين، ته ننڍڙا ننڍڙا ٻار به نِڳوين کان ِ کي ڳاريون پيا ڏين. ڪو ماڻهو هن ’سرڪار‘ جي عزت نٿو ڪري. شاگردن ۽ نوجوانن سندس گهر کي گهيراءُ ڪيو، ۽ هو ٻاهر نڪري معافي وٺڻ تي مجبور ٿي ويو. ڇا اهڙين حالتن ۾ هيءَ سرڪار قائم رهي سگهي ٿي؟“

مون سندس هٿ پنهنجي هٿ ۾ ورتو. مون محسوس ڪيو ته هو اڳي وانگر ڪمزور ناهي. اسپتال ۾ سندس هٿ تي نِيريون رڳون ڏسڻ ۾ ايندڙيون هيون. هو پنهنجي آڱر کي هٿ لائي چوڻ لڳو.

”مون پنهنجي شاديءَ جي مُندي وڪڻي ڇڏي هئي. جنهن ڏينهن مونکي سُرنگ لڳائڻي هئي، اُن ڏينهن تار ڳُٽي پيئي. ساڻين سان ملڻ جو وقت نه مليو، ۽ مون وٽ ڪوڏي به ڪانه هئي. ان وقت فقط اُها مُندي هئي. مون دل کي سمجهايو ته جنهن ڪم لاءِ تون جان به ڏيڻ لاءِ تيار ٿيو آهين، ان جي خاطر مُنديءَ جي قرباني ڪهڙي شيءِ آهي. اُن ڪري جڏهن تو مُنديءَ لاءِ پڇيو، ته مان ڪو خاطرخواه جواب ڏيئي نه سگهيس، ۽ توکي ائين چئي لنوائي ڇڏيم ته اُن ڪم ۾ رنڊايو پئي! توکي اِن ڳالهه تي ڪاوڙ لڳي هوندي!“

مون پنهنجو مُنهن سندس هٿن ۾ لڪائي روئي ڏنو.

”هاڻي اها ڳالهه نه ڪر. مان ڪيڏي اٽچاڻ هيس! جي مان تنهنجي اعتبار لائق هجان ها، ته تون سنئون سڌو مون ڪي تار خريد ڪرڻ لاءِ چوين ها، ۽ مان توکي موٽايان ڪين ها.“

”مون ڪي هيءُ فرض شاديءَ کان اڳ ۾ سوپيو ويو هئائون. توکي ته خبر هوندي ته اُهو ڏاڍو خطرناڪ ڪم هو. ڪمان وارا مون ڪي شاديءَ جي موڪل ڏين پيا، پر مون پاڻ زور ڪري ڪم جاري رکيو. مان ڏينهن کان آمريڪي حملي آورن ڪي مارڻ جو وجهه ڳوليندو هوس. ۽ وري مون ڪي سندن سردار ڪي ختم ڪرڻ وجهه ٿي مليو. اُهو مان ڪيئن وڃان ها! توکي فڪر کان بچائڻ لاءِ مان هر ڪا ڳالهه توکان لڪائيندو آيس. اُن فرض پوري ڪرڻ کان پوءِ منهنجو ارادو هو ته توکي به تنظيم ۾ شامل ڪريان. مون ڪي اُميد هئي ته زال سان گڏ ڪنهن ڏينهن تون منهنجي ساٿياڻي به ٿي ويندين ءَ-“

هن ٿوري دير چپ رهي، پوءِ پڇيو-

”ڇا تون اُميد سان آهين؟“

مون انڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو.

مون ڪي لڳو ته ان جواب هن ڪي مايوس ڪري ڇڏيو. مان ماٺ رهيس. ايتري ۾ سنتريءَ ٻڌايو ته ملاقات جو وقت ختم ٿيو.

ٽُروئيءَ جي عمر جو هڪ قيدي اسان وٽ آيو. ٽُروئيءَ اُن جي سڃاڻپ ڪرائي ته، ”هي منهنجو دوست هتي منهنجي ڏاڍي سار سنڀال لهندو آهي-“

مون ان دوست ڪي چيو، ”منهنجو مڙس بيمار آهي، اوهان جي مهرباني، جو اوهان هن جي سنڀال ٿا ڪريو.“

”ٿوري مجڻ جي ڪهڙي ضرورت- جيل ۾ گڏ رهڻ وارن ڪي ضرور هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ گهرجي. اسان ٻيئي هڪ ٻئي جو خيال رکندا آهيون. ان ڪري توکي ڳڻتي ڪرڻ نه کپي.“

جڏهن مان موڙ وٽ ٽُروئيءَ کي شين جو پارسل ڏنو، ته هن ٻيهر مون ڪي سمجهائيندي چيو، ”جي توکي وري هتي اچڻ ڏين، ته منهنجي لاءِ ڪاڏي جي شين تي ايڏو خرچ نه ڪجانءِ.“

**(9)**

- مسز ’ج‘ مون کي پنهنجي ڌيءُ ڪري سڏيو هو. هوءَ مون کي بيمار هوندي به ٽُروئِيءَ لاءِ پچ ڊڪ ڪندي ڏسندي هئي، ته ڏاڍو ڏک ٿيندو هوس، ۽ چوندي هئي-
جڏهن مان تنهنجي عمر جي هيس ته منهنجو مڙس به جيل ۾ هو. مون کي تو وانگر ڏاڍا ڏک ڏسڻا پيا. ان سان مان جيل ۾ ملڻ ۽ ڪيس ڪاٽي جون شيون پهچائڻ ويندي هيس. هن کي آزاد ڪيائون، پر پيهر گرفتار ٿيو. آخر هو ڇي هُوا جيل ۾ مري ويو.
ڪيس به پٽ ۽ هڪ ڌيءُ هئي. پٽس ستن اٺن سالن کان سويت روس ۾ پڙهي رهيو هو. پيو سپاهي هو ۽ اُتر جي فوج ۾ ڀرتي ٿيو هو. ڌيٽس چار سال جيل به ڪاٽيو. هن کي ڏکڻ ويٽنام جي قومي محاذ آزاديءَ جي اعلان جا اشتهار ورهائيندي گرفتار ڪيو هئائون.
هاٽي مسز ’ج‘ پنهنجي ڀاٽيجيءَ وٽ رهندي هئي، ۽ روزي ڪمائڻ لاءِ ڦيري ڪري شيون وڪڻندي هئي. هن مون کي چوريءَ آندل ڪجھ تصويرون ڏيکاريون، جيڪي روس ۽ اتر ويٽنام مان آيون هيس. هڪ ۾ سندس پٽ ڊائلن سان پريل ڪنٽرول پئنل تي ويٺو هو. ٻي هَنوئيءَ ۾ قومي ڏينهن تي ڪڍايل هئي، جنهن ۾ نُهٽس پنهنجي ٻارن سان بيٺي هئي. مسز ’ج‘ تصويرون ڏيکاريندي اُتساهه مان چيو، ”اسان ڪنهن ڏينهن هِنن وانگر خوشين واري حياتي ماڻينداسين-“
پوءِ هن چيو، ”ٽُروئِيءَ کي چئجانءِ ته مون کي روس ۽ اُتر ويٽنام وارن ٻارن کان وڌيڪ اُنهن جي ڳڻتي آهي، جيڪي ڇي هُوا جيل ۾ آهن.“
ان مان سندس مطلب ٽُروئِيءَ ۽ پنهنجي ڌيءُ جو هو.

هن ڀيري مان ننڍڙي ڪِين کي به وٺي ويس. اسان ورانڊي کان لنگهي اُتي پهتاسين، جتي ٽُروئِي اسان جو انتظار ڪندو هو.
هن تي ڀريائين ڪِين جي نظر پيئي، ۽ رڙ ڪيائين، ”ادا-“
هن کي ڏسي، منهنجي دل ٻهار ٻهار ٿي ويئي. هن جي صحت اڳي کان سڌريل هئي. هن جا وار به ڪٽيل هئا. پر سندس ٽنگ اڃا پوري طرح ٺيڪ نہ ٿي هئي. هو منڊڪائيندو، در ڏي آيو ۽ ننڍڙي ڪِين جي وارن تي شفقت سان هٿ ڦيرائيندي پڇيائين-
”بابا ۽ امان خوش آهن؟“
”بلڪل خوش آهن. تون ڪجھ ٿُلهو ٿي ويو آهين. هائو نہ-“
هن مرڪيو. گرفتاريءَ کان پوءِ اهڙي سٺي صحت ڪڏهن به نہ ٿي هُيس. هُن منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺي چيو-
”منهنجي تور وڌندي رهندي. پر تون ڇو لهي ويئي آهين؟ ايڏي گهڻي محنت نہ ڪر.“

مون کيس آٿت ڏيڻ لاءِ چيو، ”اڻين ناهي- مان روز اٺن ڪلاڪن کان وڌيڪ ڪم نه ڪندي آهيان.“

ننيڙي ڪِين پڇيس، ”توهان کي ڪهڙي ٿنگ ۾ ڏک لڳو هو؟“

هن ساڄيءَ ٽنگ ڏي اشارو ڪري چيو، ”هِن ۾- پر هاڻي ته هيءَ بلڪل ٺيڪ آهي.“

ڪين چيو، ”پوءِ مونکي ڪٺو نه!“

هُن ڪِين کي هنج ۾ کنيو ۽ چيائين، ”اسڪول ويندي آهين؟ اُتي ڪجهه لکڻ پڙهڻ سکيو اٿئي؟“

”ها- هاڻي مان الاهي لفظ پڙهي ويندي آهيان. ادي ڪوئِين هاڻي اسڪول مان ته وٺي آئي آهي! توهان ڪٿي رهندا آهيو؟“

”متي ٽين ماڙ تي- ڏاڍو متي-“

”مان به ڏسڻ هلان؟“

ٽُروئِيءَ ٺهڪ ڏيئي، پڌايس، ”توکي ڪيئن چڙهيندا. مان ته اتي قيدي آهيان.“

”توهان گهر ڪڏهن موٽي ايندؤ؟“

ٽُروئِي کيس دلاسو ڏيئي، چيو، ”نئين سال موٽڻ جي ڪوشش ڪندس. تون ڪوئِين سان ملندي رهندينءَ نه!“

”مان جڏهن به ملڻ ويندي آهيانس، روئندي آهي-“

نيڙي ڪِين منهنجو راز ظاهر ڪري ڇڏيو. ٽُروئِي جي منهن تي ڳڻتي ظاهر ٿي. ”تون سدائين روئندي ڇو آهين؟“

”مان ڪڏهن روئندي آهيان!“ مون ڪوڙ ڳالهايو.

”هن کي ڪوڙ ڳالهائڻ جو ڪهڙو ضرور؟“ هن عمر ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ ناممڪن آهي. هوءَ ضرور سچ چوندي هوندي. تون ضرور روئندي هوندينءَ.“

مان لاجواب ٿي، ماٺ ٿي ويس. ٽُروئِي چوڻ لڳو.

”تون اهڙين حالتن ۾ ٿي رهين، جڏهن تحريڪ روز بروز وڌندي ۽ زور وٺندي ٿي وڃي. توکي خوش رهڻ کپي، ۽ ٻين ماڻهن جي خوشين ۾ شامل ٿيڻ کپي. گذريل ڏينهن کان هتي جا ساٿي قيدي ڏاڍي جوش ۽ خوشيءَ مان ڳائيندا آهن. سائيگان ۾ هڙتال ٿيڻ، سڄي شهر ۾ پاڻيءَ ۽ بجليءَ جو بند ٿيڻ، اِهي ڪهڙيون نه دل وڌائيندڙ ڳالهيون آهن! هن کان اڳ هڙتال جي اپيل تي رگو ڪارخانن جا مزور هڙتال ڪندا هئا. هن ڀيري سڀ شامل ٿي ويا. جڏهن مون کي ’نوجوان سنگت‘ ۾ داخل ڪيائون، ته پڙهائيءَ جي مختصر ڪورس تي موڪليائون. اسان جو ليڪچرر وڏي ڪمال جو ماڻهو هو. هُن مون کي ڪيتريون ڳالهيون پڌايون. مان هڪ مزور هوس، پر اُن ڪورس کان پوءِ ڀهريون ڀيرو پنهنجي مزور طبقي جي طاقت جي خبر پيم. هڪ ڀيري ليڪچرر مون کي چيو، ”تون بجليءَ جو ڄاڻو آهين نه- ڇڳو پڌاءِ، تنهنجي گهر ۾ بجليءَ جون گهٽيون شيون آهن؟ مون وٽ ته هڪ به نه آهي!“ مون مون جواب ڏنو ته، ’اسان وٽ روشنيءَ جو هڪڙو

ٿي ذريعو گاسليٽي بتي آهي. مان جنهن ضلعي ۾ رهندو آهيان، اُتي سيني جي اِها حالت آهي.' اهو ٻڌي، هو مرڪيو- 'واهه، بجليءَ جا ڇاڙتو، بجليءَ جي ڪمن ڪرڻ وارا خود بجليءَ کان خالي رهن! ڇا اِهو دستور چڱو آهي؟ آمريڪن ڪوارٽرن کي ته هڪ نظر ڏس. سندن ڪُتن جي ڪمرن ۾ به بجليءَ جا بلب پيا ٻرن. بجليءَ وارن کي فقط هڪ ڏينهن ڪم بند ڪرڻ ڏيو، پوءِ ڏسو ته سڄو شهر اونده ۾ ونجي ويندو. هو سڀ ٽارچ کڻي اونده ۾ نه پٽڪن ته شرط آهي! هنن کي ڪهڙي خبر ته بجليءَ جو جنريٽر ڪيئن هلائبو آهي!' مان سُن ٿي، سندس ڳالهيون ٻڌندو رهيس. پر اُن ڳالهه جو سوچي به نه پئي سگهيس ته سڀ مزور پنهنجي طاقت ڏاکارڻ لاءِ هڪ وقت ڪم بند ڪرڻ تي راضي ٿي ويندا. پر پوءِ هڪ ڏينهن سموري بجلي بند ٿي ويئي، ۽ سڄي جيل جو پاڻي به بند ٿي ويو. شهر ۾ ٽريفڪ جو گوڙ بند ٿي ويو، ۽ اسان ٻڌو ته سائيڪان ۾ عام هڙتال ٿي آهي. شهر ۾ ٽريفڪ بيهي رهي. بازار سڄي ٿي ويئي، ۽ سڄي شهر جي زندگي بيهي رهي. اُن ڏينهن اسان ڏاڍو خوش ٿياسين. ڦاسيءَ وارو بلاڪ اسان جي انقلابي نغمن سان گونجڻ لڳو. سنتري اسان کي اجايو مارڻ لڳا، پر هو اسان جي نغمن کي قيد ڪري نه سگهيا. اسان کي پنهنجي جان جي ڪابه پرواهه ڪانه هئي. ڇوته اسان سمجهي ورتو ته اسان جي طاقت زبردست ٿي ويئي آهي. جي هنن اسان کي ماري به ڇڏيو، تڏهن به سندن ڏينهن ٿورا آهن!'

مون بينچ تي ويٺي سنتريءَ ڏانهن ڏٺو. هو رسالن جا پنا اٿلائي رهيو هو. مون جلدي ٿيلهو کوليو ۽ ٽروئيءَ لاءِ تيار ڪيل وڳو ڪڍيو. پيرٽ وارو رومال هيٺان رکيل هو. مون ان کي مُٺ ۾ ٻڌ ڪيو، ۽ آهستي پڇيو، ”جيڪي شيون مان توکي ڏيندي آهيان، تن جي تلاشي وٺندا آهن ڇا؟“

هن ڪنڌ لوڏي هائو ڪئي.

مان سپاهيءَ جو ڌيان هٽائڻ لاءِ ڪپڙن کي کولڻ ۽ ويڙهڻ لڳيس ۽ ٽروئيءَ کي رومال ڏيکاري، چيم، ”هي کڻي وڃي سگهندين؟“

هو رومال تي ڳاڙهي رنگ جو پيرٽ ڏسي، ششدر ٿي ويو-

”پر هي ڪنهن پريو آهي؟“

مون کي ان گهڙيءَ جو ڏاڍو انتظار هو. هن جي اُنهيءَ پڇڻ تي مون کي ڏاڍي خوشي ٿي.

”مون پاڻ-“ مون ٻڌايس. ”جيل جي ساٿيڻ مون کي پيرٽ جو ڪم سيکاريو هو.“

ٽروئيءَ جي منهن تي اطمينان ظاهر ٿيو.

”تون ڏاڍي سٺي آهين.“ هن مرڪي چيو، ”جي جيل ۾ وڌيڪ رهين ها، ته اجا به گهڻيون ڳالهيون سکين ها. مون کي ته هيءُ گيت برزبان ياد آهي، پر ڪوٺيءَ ۾ موٽي بين قيدين کي به ٻڌائيندس. هِن کي لڪائي گهر کڻي وڃ. جي هنن تنهنجي تلاشي ورتي، ته توکي ڏاڍو ماريندا.“

”هنن توکي الاهي گيت سيکاريا هوندا.“

”ها- مثلاً ’مجاهدن لاءِ ڪپڙا ٺاهيو‘ – ’هين لانگ پُل وت‘ – ’اشتراڪي روح‘ – ’اميد جو نغمو‘ – ’وطن جو اشتراڪي بهار‘ – ’اباڻو وطن‘ – اُن ڪان سواءِ مون ڪيترا ٻيا گيت به سِکيا آهن، مثلاً ’ڦاسيءَ تي ويندڙ جو گيت‘ – ’اچو ته اُڳتي وڌون‘ – هو هر گيت جو عنوان ورجائيندو ويو ۽ چپائين-

”تون هاڻي اشتراڪي نغما به سکي ويئي آهين- ڏاڍو چڱو! هڪ مزور جي حيثيت ۾ تنهنجي لاءِ اهو ضروري آهي. پراڻن ساٿين مون کي ٻڌايو آهي ته جڏهن اسان سوشلسٽ سماج اڏينداسين، ته اسان مان هر هڪ کي خوشي نصيب ٿيندي. اسان مان هر ڪو پنهنجي محنت جو ڦل حاصل ڪندو ۽ ڪوبه ڏکي نه رهندو. اتر جا ماڻهو ته اڳ ۾ ئي اُن واٽ تي هلي رهيا آهن. جيتوڻيڪ مان ڪميونسٽ نه ٿي سگهيس، پر تڏهن به چاهيان ٿو ته هڪ ڪميونسٽ وانگر جدوجهد ۾ حصو وٺان!“

”مون کي اُهي گيت چڱيءَ طرح ياد ڪونهن، چو ته مان لکي نه سگهيس، تڏهن به منهنجي دل اُنهن گيتن ڪري ڏاڍي وڏي ٿي، ۽ سڄي آئيندي جي آس سان اُها پرجي ٿمتار ٿي وڃي ٿي.“

”جي هي سوئر هتي نه هجي ها ، ته مان توکان گيت ٻڌان ها- اسان جا ساٿي هڪ ئي مقصد جي حامي هجڻ ڪري هڪ ٻئي کي پيائيندا آهن. مِني! تون به سندن مثال تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪجان. مان هجان يا نه هجان، هنن وانگر زندگي گذارجان ۽ اُنهن وانگر انقلاب سان وفادار رهجانءِ!“

هو ڪجهه دير سوچيندو رهيو، پوءِ وري ڳالهايائين-

”ڏس تو وري روئڻ شروع ڪيو. تڪليفن کي همت سان سَهه، ياد رک، تون منهنجي زال آهين-“

هن منهنجي اکين ۾ نهاري مُرڪيو، ۽ زوريءَ پنهنجي منهن تي خوشيءَ جا آثار پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين. پر هن جون اکيون ڳوڙهن سان ٿمتار هيون. هن پنهنجي موت جي خيال کان منهنجو ڌيان هٽائڻ لاءِ آئيندي جي باري ۾ ڳالهيون شروع ڪيون. هو ننڍڙيءَ ڪِين سان ڪيڏندو رهيو، ۽ ان سان انجام ڪيائين ته، ”جيل مان ڇُٽڻ کان پوءِ توکي بندر جي پرواري باغ ۾ گهمائڻ وٺي هلندس، ۽ الاهي ڪيڪ کارائيندس.“ شاديءَ کان پوءِ جڏهن اسان گهر ويا هياسين، ته ننڍڙي ڪِين سان گڏ انهيءَ باغ ۾ گهميا هياسين.

ٽُروئِيءَ پوءِ مون کي پنهنجي ميڊولين سنڀالي رکڻ جي هدايت ڪئي. پاڻ جڏهن پاهر هو، تڏهن چاندوڪين راتين ۾ پاڙي جا پار هن جي ميڊولين ٻڌڻ ايندا هئا.

جڏهن منهنجي اٿڻ جو وقت ٿيو، ته هن چيو-

”پندرهين آڪٽوبر تي، جي توکي ملاقات ڪرڻ ڏين، ته خط لکجانءِ- مان انتظار ڪندس.“

(**10**)

ڪانگريس جي موقعي تي، ڪوئِين ڳهٽو ڪري نوجوان ڇاپہ مار عورتن جي اجلاس ۾ بہ شريڪ ٿيندي هئي. ڇاپہ مار عورتون پنهنجن ڪارنامن جو بيان ڪنديون هيون. اُنهن مان ڪن تہ اهڙن معرڪن جي اڳواٽي بہ ڪئي هئي. اسان جي آخري گفتگوءَ ۾ ڪوئِين اُنهن بابت پنهنجا تاثرات هيئَن بيان ڪيا-

- هِنن جون ڳالهيون ٻڌي، مان وائڙي ٿي ويئي آهيان. هي سڀ منهنجي عمر جون آهن، پر هِنن جي آڏو مان پاڻ کي ٻار ٿي سمجهان. هِنن جي واتان ڇڙ وڏن جون ڳالهيون ٿي ٻڌان. هِنن مان هڪڙي ڇوڪري سؤڪان وڌيڪ لڙايون وڙهي چڪي آهي، ۽ ڇئَن پنجن قسمن جي هٿيارن کي هلائي سگهي ٿي. هوءَ اڪيلي سر وڏي بهادريءَ سان آمريڪي فوجين کي گرفتار ڪري چڪي آهي. مان حيرت مان سندس ڪهاڻيون ٻڌي، سوچيو تہ جڏهن ڪانگريس جا اجلاس ختم ٿيندا، تہ ڇا مان بہ ساڻن گڏ وڃي سگهنديس! جي اِئين ممڪن ٿيو، تہ منهنجي خواهش هئي تہ مون کي فوج جي ڪنهن دستي ۾ شامل ڪيو وڃي. منهنجو مڙس بہ آزاديءَ جي فوج ۾ هو ۽ اُن لِڪل دستي ۾ شامل هو، جيڪو سائيگان ۾ ڪم ڪري رهيو هو. هُن کي فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ سان ئي ميڪنمارا کي مارڻ جو ڪم سونپيو ويو. هن جي سالن جي آرزو هئي تہ هو آزاديءَ جي فوج ۾ ڀرتي ٿئي، سائيگان ۾ ڪم ڪري. فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ لاءِ هُن جيڪا درخواست ڏني هئي، اُها اڄ تائين سندن ڪمانڊر وٽ سانديل آهي. پنهنجي درخواست ۾ هُن آمريڪين سان نفرت ظاهر ڪئي هئي. ۽ مرڻ تائين وڙهڻ جو انجام ڪيو هو. هُن پنهنجو انجام پورو ڪري ڏيکاريو. سندس خون جي بدلي وٺڻ لاءِ مان سندس ئي نقش قدم تي هلڻ ٿي گهران. مان چاهيان ٿي تہ منهنجي هٿ ۾ بندوق هجي ۽ مان دشمن سان جنگ ڪريان. يا مون کي آزاديءَ جي مجاهدن جي خدمت لاءِ ٻيو ڪو ڪم ڏنو وڃي- اُنهن جي خدمت لاءِ، جيڪي ترونِيءَ جي جيئَڻ مرڻ جا ساٿي آهن.

ڪوئِين جي دل ۾ هڪ طوفان متل هو. مون کي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ مان ڇا جواب ڏيان. نيٺ هوءَ پاڻ ئي چوڻ لڳي.

”مون پنهنجي ساٿي ڇاپہ مار ڇوڪرين سان اها ڳالهہ ڪئي آهي. هُنن جو چوڻ آهي تہ ڇاپہ مار جنگ ايڏي ڏکي ناهي. البت اُن لاءِ دشمن کان نفرت ڪرڻ ضروري آهي. هر اهو ماڻهو، جيڪو دشمن کان نفرت ٿو ڪري، ڇاپہ مار بڻجي سگهي ٿو. اُن جي نفرت جيتري وڌيڪ هوندي، سندس حوصلو اوڏو ئي وڏو هوندو. بندوق هلائڻ جي سکيا ۾ گهڻو وقت نٿو

لڳي. مون کي پڪ آهي ته جي مان سخت محنت ڪيان، ته هُنن لاءِ ڪمائتي ثابت ٿي سگهان ٿي. منهنجي سيني ۾ دشمن خلاف باهه پڙڪي رهي آهي. مان آزاد علائقي ۾ اِن ڪري آئي آهيان ته هتي پهچي، مان ترُوئِيءَ جي خون ۽ پنهنجي تباهيءَ جو بدلو وٺان.“

اِهو چئي، ڪوئِين پنهنجي سامان مان ڪاري رنگ جو وڳو ڪڍيو ۽ مُرڪي مون کي ڏيکارڻ لڳي:

”هتي اچڻ کان پوءِ ماڻهن مون کي گهڻا تحفا ڏنا آهن. سيءَ شروع ٿيڻ سان مون کي ڪمبل ۽ گرم ڪپڙا ڏنا اٿن. پر جيڪا سوکڙي مون کي سڀ کان پياري آهي، اِهو ڪارو سوٽ آهي. اُن ڏينهن مون کي اٿاهه خوشي ملي. سائيگان مان پڇي مان آزاد علائقي ۾ سفر ڪندي رهيس. رستي ۾ بي شمار ڇاپه مار عورتن ۽ مَردن سان ملڻ ٿيو. سيني کي اهڙوئي لباس پاتل هو. منهنجي رهنمائي ڪرڻ واري لڳاپي جي ايجنٽ ٻڌايو ته هيءُ جنگ جي ميدان جو لباس آهي. ڪانگريس جو اجلاس پورو ڪري، مون هيءُ لباس پاتي، ڇاپه مار ڇوڪرين ۽ ٻين نوجوان عيوضياٽين سان سان ڏکڻ ويٽنام جي نوجوانن جي ڪانگريس ۾ شريڪ ٿيڻ ويندي هيس.

اُن ڏينهن رات جو دير تائين اسان ڳالهيون ڪيون. ڪوئِين پنهنجي مڙس جي داستان جو آخري حصو ٻڌايو، جيڪو هيئن آهي:

اٺين آڪٽوبر تي سائيگان جي اخبارن ۾ خبر آئي ته ايندڙ هفتي ترُوئِيءَ کي موت جي سزا ڏني ويندي. اها دل چيريندڙ خبر مون کي ننڍڙي هاڪر ٻڌائي. اُن جو منهن به اُڏمي جي ڪري ڳاڙهو هو. روزاني اخبار ’هان ڊونگ‘ اها خبر پهرئين صفحي تي ڇاپي ۽ باڪس ۾ هيءَ عبارت ڏني هئي:

”گذريل مئي ۾ جنهن ماڻهوءَ ميڪنمارا جي رستي ۾ ڪانگ لائي پُل جي هيٺان بارودي سُرنگ وڇائي هئي، گولين جي مُنهن ۾ ڏنو ويندو. اُهو پهريون شخص هوندو، جيڪو گولين جي وسڪاري هيٺ ماريو ويندو.“

ڪجهه اخبارن ۾ صاف صاف لکيل هو ته جلسن جلوسن ۽ هڙتالن جي زور وٺڻ ڪري ’ڪانِ‘ جو ٽولو ڪيترن ماڻهن کي ڪُلي عام موت جي سزا ڏيندو، جيئن ان سان مخالفت جي وڌندڙ تحريڪ کي روڪي سگهجي.

مون موڪل وٺڻ لاءِ فيڪٽريءَ جو طرف ورتو، جيئن ترُوئِيءَ جي سزا گهٽائڻ لاءِ ڪا واٽ ڳولي سگهان. اُتي ڪيئي عورتون مون کي ڏسي، پنهنجون اکيون اُگهندي، چپ چاپ هليون ويون. منهنجون اُهي ساهيڙيون، جيڪي هونءَ گهڻو ڳالهائينديون هيون، اُهي به غم جي ڪري ماٺ هُيون. جڏهن مان فيڪٽريءَ جي در کان نڪتيس، ته هڪ ڇوڪري ٿورو پنڌ منهنجي پٺيان آئي ۽ منهنجي ڪَن ۾ چوڻ لڳي-

”هتي پِير مرد پاڻ ۾ چون ٿا ته هي رڳو دڙڪو آهي. سرڪار اِئين ڪرڻ جي جرئت نه ڪري سگهندي. ان ڪري تون بردبار ٿيءُ. حوصلي کان ڪم وٺ.“

مان ٿڪجي پنهنجي پيڪن ۾ پهتس ته منهنجو پيءُ هڪ گراهڪ جي وارن ڪٽڻ ۾ مشغول هو. هو جلدي واندو ٿي، مون کي هڪ وڪيل وٽ وٺي ويو. ان وقت مون کي ترُوئِيءَ جا لفظ ياد اچي ويا، جيڪي هن موت جي سزا وارن قيدين جي بلاڪ ۾ پهرينءَ ملاقات وقت مون کي چيا هئا- ”مون لاءِ وڪيل نه ڪجانءِ. اجايو پئسا وڃائيندينءَ.“ پر هاڻي مون کي ائين لڳو ته هن جي چوڻ تي عمل ڪري نٿي سگهان. جيستائين هن جي سزا گهٽائڻ جي ذري برابر به اميد آهي، مان ڪا به ڪسر نه ڇڏينديس ۽ نه خرچ ڪرڻ ۾ پڪائي ڪنديس. اخبارون پڙهي منهنجي دل خوف کان ڌڙڪڻ لڳي. ڪاش مون کي 15 آڪٽوبر کان اڳ هڪ ٻيرو ملاقات جي موڪل ملي!

يارهين آڪٽوبر تي جڏهن وڪيل کي پنج هزار ’پياسترَ‘ في ڏيئي، گهر موٽيس، ته منهنجي ننڍڙيءَ ڀيڻ دروازي مان ئي رڙيون ڪيون-

”ادو نه مرندو-“

”مان ان وقت ايترو ته ڪاوڙيل هيس، جو مون اُن ڏي ڏٺو به ڪونه. ڀلا هي ڪو مسخريءَ جو وقت هو مان غم جي بار هيٺان چيچي رهي هيس. هُن اخبار منهنجي هٿ ۾ ڏني.

”اِهو اخبار ۾ لکيل آهي،“ هن چيو. ”ڏس، هِن ۾ ادا جي تصوير به آهي.“ مون اخبار ’تِين چِي‘ ۾ ڇپيل تصوير تي نظر وڌي. اُن ۾ ترُوئِي هڪ ميز وٽ ٻيٺو هو ۽ ميز تي هڪ سُرنگ ۽ تارون پيون هيون. مٿان هيءَ هيڊنگ هئي-

”هڪ ٽيليفون: ويٽ ڪانگ نگوين وان ترُوئِيءَ جي جان جي بدلي ۾ هڪ آمريڪي ڪرنل جي جان-“

خبر جي عبارت هيءَ هئي.

”وينزولا جي ڇاپي مارن هڪ آمريڪي ڪرنل کي پڪڙيو آهي ۽ ويٽ ڪانگ نگوين وان ترُوئِيءَ جي بدلي ۾ اُن جي جان بخشڻ جي آڇ ڪئي اٿن. هُنن اعلان ڪيو آهي ته جي نِگوين کي موت جي سزا ڏني ويئي، ته ڪلاڪ جي اندر ڪرنل سمولن کي گولي هڻي ڇڏيندا.“

اِها خبر پڙهي، مان حيرت ۾ پئجي ويس ۽ اُن تي اعتبار ئي نه پئي آيم. مون سوچيو ته شايد اخبارن هي نئون ڦٽاڪو ڇوڙيو آهي. ٿوريءَ دير کان پوءِ پاڙي جا ماڻهو ٻيون اخبارون کڻي آيا، ۽ مون کي مبارڪون ڏيڻ لڳا.

هڪ چيو، ”تنهنجي مڙس جي موت جي سزا جو ٻڌي، منهنجي دل پئي ڏکي. هِن عمر ۾ بيوه ٿيڻ ڪيڏو نه دردناڪ آهي.“

ٻيءَ چيو، ”منهنجو خيال آهي ته هُن کي سزا ڏيئي ڇڏيندا. اِها عجيب ڳالهه آهي ته دور ديس جا ماڻهو سندس جان بچائڻ جي ڪوشش ڪن. سچ پچ ته هو ڏاڍو شريف ۽ ڳنڀير سڀاءَ جو ڇوڪرو آهي. ڪنهن ٿي ڄاتو ته هو ڪو اهڙا ڪم ڪندو.“

مون هڪ هڪ ڪري سڀ اخبارون پڙهيون. سڀني ۾ ساڳي ئي خبر هئي. رڳو سرخين ۾ فرق هو. هڪ هيڊنگ هيءَ هئي:

”ڪميونسٽن طرفان هڪ فون.“

مان اُن معاملي ۾ وڌيڪ خبر رکڻ لاءِ ’فونوهان‘ ۾ پنهنجي گهر روانِي ٿيڻ لڳيس. رستي ۾ هڪ ڄاتل سڃاتل آواز منهنجو نالو وٺي، مون کي سڏ ڪيو. هڪ واقف در وٽ بيهي، مون کي سڏي رهيو هو. چيائين، ”اندر اچ، تمام ضروري ڳالهه آهي-“

جڏهن مان ڪمري ۾ ويس ته هن مون کي ٻه اخبارون ڏيکاريندي چيو ته ”ڏيءُ تون ڏاڍي ڀاڳ واري آهين. جيتوڻيڪ ٽُروئِيءَ جو بم ڦاٽي نه سگهيو، تڏهن به آمريڪي بچاءَ جي وزير جهڙي موٽي مرغي جي جان وٺڻ جي ڪوشش جي بدران هو سندس حياتيءَ پٺيان پيا آهن. پر هاٽي پڇاڙيءَ ۾ هُن جي خلاف معاملو اُٿلي ويو آهي.“

پر واري ڪمري مان هڪ ڇوڪري آئي ۽ دل جي اُدمي سان مون کي ڀاڪر پائي ڇوڙڻ لڳي، ”ڪوئِين ڀيڻ ، اسڪول ۾ اسان کي ڏاڍي خوشي ٿي. اڄ منجهد جو اسان هڪ گڏجاڻي ڪئي ۽ ٽُروئِيءَ جي باري ۾ ڳالهايوسين. هن جو نالو سڄيءَ دنيا ۾ روشن ٿي ويو آهي. آهي نه؟ ايترو پري ڏکڻ آمريڪا جي ماڻهن کي به سندس گرفتاريءَ جي خبر پئجي ويئي آهي، ۽ هوڪيس بچائڻ جي ڪوشش پيا ڪن-“

مون کي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته ڇا چوان. مون کي اُن خبر جي صحيح يا غلط هجڻ جي ڄاڻ نه هئي. اُن ڪري جواب ۾ مون رڳو مُرڪيو. ڇوڪريءَ جي ٻيءُ چيو، ”منهنجو اندازو برابر نڪتو. ٽُروئِي گهڻو ڪري هتي ايندو هوسندس ڳالهائڻ مان مون کي سندس شخصيت جو پتو پئجي ويو هو. هو ٻين نوجوانن کان بلڪل مختلف هو. آمريڪين بابت ڪڏهن به ڇڱو نه ڳالهايائين. هو سدائين اُتر جي باري ۾ چڱيون ڳالهيون ڪندو هو.“

جڏهن مان گهر پهتيس، ته پاڙي واريون منهنجي انتظار ۾ هيون. مون کي ڏسي، هنن شرارت شروع ڪئي- ”ٻڙي، مڙس جي گهر اچڻ لاءِ آذر ڀاءُ جون تياريون شروع ڪرا ڇڱو پلاء هاڻي خوشيءَ ۾ ته روئي ڏيکار-“

فونوهان جا ماڻهو ڏاڍا غريب آهن. گهڻو ڪري سڀ گهورڙيا آهن. مشڪل سان ڪو اخبار يا ڪتاب پڙهندو آهي. هن مان ڪنهن کي به خبر ناهي ته وينزولا ڪٿي آهي. اُنهن کي حيرت هئي ته وينزولا جي ماڻهن کي ٽُروئِيءَ جي سزا جي خبر ايڏي جلد ڪيئن ملي! ان کان وڌيڪ حيران اِن ڳالهه تي هئا ته هو ٽُروئِيءَ جي بدلي ۾ آمريڪي آفيسر کي ڪيئن پڪڙي سگهيا. هنن مون کان پڇيو. مان به هُنن وانگر صفا اڻ ڄاڻ هيس ته وينزولا وڏو ملڪ آهي يا ننڍو- امير آهي يا غريب. ايترو سمجهيم پئي ته ڏکڻ ويٽ نام وانگر اُتي به آمريڪا جي خلاف ڇاپہ مار ڪم پيا ڪن. ٽُروئِيءَ سان همدردي به ان ڪري هين.

ماڻهو مون سان ملڻ ايندا رهيا ۽ پاڻ سان گڏ اخبارون کنيو پئي آيا. اُن ڏينهن سائيگان ۾ اخبارن جي وڪري جو رڪارڊ ٽُٽي پيو. چاچو ’م‘ جنهن کي پڙهڻ به نه ايندو هو، ”سانگ مونگ“ اخبار جو پرچو ڪٽي آيو ۽ چوڻ لڳو-

”مون بازار ۾ گِلم پئي وِڪيا، ته افواهه پڌم ته جنهن ماڻهوءَ ڪانگ لائي پُل پئي اُڏائي، ان کي موت جي سزا کان بچايو ويو آهي. اخباري هاڪر زور زور سان هوڪا پئي ڏنا: ’اڄي ويئي تازي خبر- ٽيليفون ڪال هڪ جان بچائي-‘ مون ترُوئِيءَ جو نالو ٻڌي، هڪ اخبار ورتي. پڙهي ته نٿو سگهان، پر اُن ۾ ترُوئِيءَ جي تصوير ته سڃاڻي ٿو سگهان.“گهڻا ماڻهو ڪم تان موٽڻ مهل منهنجي گهر آيا. ڪن کي تڪڙ هئي، انڪري ترُوئِيءَ واري خبر تي ڳاڙهي پينسل سان نشان ڪري، اخبار ڇڏي ويا. منهنجي گهر ۾ عرصي کان اُداسي ڇانيل هئي. هاڻي اُهو وري خوشين سان ڀرجي ويو. هر ڪنهن ڄاڻڻ ٿي چاهيو ته نيٺ وينزولا جا ماڻهو منهنجي مڙس سان ايڏي محبت ڇو ٿا ڪن-

اُنهيءَ شام جو چاچي ’ز‘ سان ملڻ ويس. مون ڀانيو ٿي ته هو اُن ”زندگين جي سودي“ واري ڳالهه تي روشني وجهندو. چاچو ’ز‘ ترُوئِيءَ کي چڱي طرح سڃاڻندو هو ۽ اسان جي شاديءَ تي به آيو هو. ديِئم سرڪار جي ڏينهن ۾ ڪيترا سال جيل ڪاٽي آيو هو. آزاد ٿيڻ کان پوءِ ماڻهن جي ڪاروبار جي حساب ڪتاب رکڻ جو ڪم ڪندو هو ۽ ائين روزي ڪمائيندو هو- هن ٻڌايو ته،

”اڄڪلهه دنيا ۾ هر هنڌ آمريڪين جي مخالفت لڳي پيئي آهي. تنهنجو مڙس مون سان ملڻ ايندو هو ته اهڙيون ڳالهيون ٻڌائيندو هو. ڇا، هُن توکي اُن بابت نه ٻڌايو هو!“

هن مون کي اِهو ٻڌايو هو ته سائيگان ۾ هنن جي مخالفت آهي، پر ڀيو ڪنهن لاءِ ڪونه ٻڌايائين-“

”وينزولا ۾ به اهوئي ڀيو ٿئي- اُهو ملڪ آمريڪا جي پرسان آهي- اُتي آمريڪا جو ظلم ڏاڍو سخت آهي. اُتي تيل جا وڏا ذخيرا آهن، پر يانڪي اُهي کنيو وڃن. اِن ڪري وينزولا جا ماڻهو سندن مخالف آهن. وينزولا ۾ به ڏکڻ ويٽ نام وانگر ڇاپي مار آهن ۽ آزاديءَ جو محاذ آهي. جي تنهنجو مڙس ميڪنمارا کي ماري ڇڏي ها، ته وينزولا جا ماڻهو به خوشيون ۽ شادمانا ڪن ها، ڇوته سندن مُلڪ تي حملن ڪرائڻ ۽ سندن ماڻهن کي قتل عام ۽ گرفتار ڪرائڻ وارو ساڳيوئي ميڪنمارا آهي. اِن ڪري تنهنجي مڙس جي گرفتاريءَ جو مٿن ڏاڍو اثر پيو-

سندن مُلڪ ۾ به هزارين ماڻو قيد آهن ۽ ڪيترن ئي کي موت جي سزا ڏني اٿن. تنهن هوندي به هنن سڀ کان پهرين تنهنجي مڙس ۽ ڏکڻ ويٽ نام جي ماڻهوءَ جو فڪر ڪيو-“

ان کان پوءِ هُن نقشي تي وينزولا ڏي اشارو ڪري چيو، ”سائيگان جي ماڻهن ۾ هِن ڳالهه تي هِن ملڪ لاءِ ڏاڍي محبت ۽ عزت پيدا ٿي آهي. منهنجي زال به پڇيو پئي ته وينزولا ۽ اسان جي ملڪ ۾ ايڏي دوستي ڪيئن ٿي-“

جڏهن مان جيل ۾ هيس تہ پيرڻ ’الف‘ پهريدارن کان لڪي، سياسي حالتن جي باري ۾ ڳالهيون ڪندي هئي. هوءَ ٻڌائيندي هئي تہ سڄيءَ دنيا جا ماڻهو آمريڪا جي خلاف ڏکڻ ويٽ نام جي ماڻهن جي جدوجهد جي پٺڀرائي ٿا ڪن. انهن ڏينهن ۾ مون کي خيال بہ نہ هو تہ اُن پٺڀرائي جو مطلب ڇا ٿو ٿي سگهي. هاڻي وينزولا کان آيل هڪ خبر سڄي سائيگان کي ڌوڏي رکيو. منهنجون اکيون کُلي ويون. دور ديس وارا دوست نہ رڳو آمريڪين خلاف اسان جي جدوجهد کان واقف هئا، پر هنن کي ڏکڻ ويٽنام جي اُن شخص جو نالو بہ ايندو هوءِ جنهن کي موت جي سزا اچڻي هئي. منهنجي مڙس لاءِ اهڙي قسم جي حمايت وڌندي رهي. هي رڳو سائيگان يا ڏکڻ ويٽنام جو نہ، پر سڄيءَ دنيا جو مسئلو هو.

مون گهٽين مان لنگهندي ماڻهن کي اُن خبر جي بابت ڳالهائيندي ٻڌو. هو حيران هئا تہ ايترو گهڻو پري واري لاطيني آمريڪا جي مُلڪ ۾ اسان جي ملڪ جي جدوجهد ۾ ڪيڏو نہ قرب آهي! اِهي ڳالهيون ٻڌي، مان خوشي وچان ڪپڙن ۾ نٿي ماپيس. هر ڪنهن ٽُروئِيءَ بابت پئي ڳالهايو. ماڻهو اِن ڳالهہ تي خوش هئا تہ ٽُروئِيءَ کي موت کان بچڻ جو وجهہ ملي ويو آهي. پوليس مون تي سخت نظر رکي هئي، تڏهن بہ ماڻهو اها خوشخبري ٻڌي مون کي مبارڪون ڏيڻ لاءِ آيا پئي. سائيگان ۾ اخبارن وارا واڪا ڪري اِها خبر ٻڌائي رهيا هئا. ائين ٿي لڳو تہ هو گهر گهر اِها خبر پهچائڻ ٿا گهرن. هو وڏي واڪي چئي رهيا هئا: ”ميڪنمارا کي مارڻ جي ڪوشش ڪرڻ واري کي بچايو ويو-“ هڪ ڇوڪري تہ اخبار کي ٽوپلي تي ويڙهي مٿي ۾ پاتو جو اُن ۾ ٽُروئِيءَ جي تصوير هئي. تصوير ۾ هو ٽريبونيل جي آڏو بي ڊپائيءَ سان بيٺي مرڪيو. ان کان پوءِ، هو ڇوڪرو ماڻهن جي انبوهہ کي چيري، اڳتي ويو. اُن اخبار تي ايڏي هيڊنگ هئي، جا ويهن والن کان بہ پڙهڻ ۾ پئي آئي. اها هئي: ”نِگوين وان ٽُروئِيءَ جي موت جي سزا هٽي ويئي-“ اخبار واري رڙيون ڪري پئي ٻڌايو: ”ويٽ ڪانگ نِگوين وان ٽُروئِيءَ کي ڪميونسٽن جي هڪ فون بچايو-“

ان وقت مون کي پنهنجي هڪ ساهيڙيءَ جي پيرڻ ’و‘ ياد آئي. هوءَ اسڪول ۾ پڙهندي هئي ۽ پڙهڻ کان پوءِ اخبارون وڪڻندي هئي. بہ ڏينهن اڳ هن روئندي مون کي ٻڌايو تہ جلد ئي ٽُروئِيءَ کي موت جي سزا ملندي. مون سوچيو پئي تہ هِن وقت هوءَ ڪٿي هوندي! ممڪن آهي تہ ڪٿي نہ ڪٿي اخبارون وڪڻندي هجي، ۽ ٽُروئِيءَ واريءَ خوشخبريءَ لاءِ رڙيون ڪري، نِڙي پٽجي وئي هونديس.

مان ڪپهہ جي جنهن ڪارخاني ۾ ڪم ڪندي هيس، ان جي سيني ڪاتن ۾ ان خبر تي تبصرو پئي ٿيو. سڀ مزور مون کي پِٺائڻ لڳا. چي: ”تنهنجي مڙس جي آزاد ٿيڻ تي ڊپ ۾ ميڪنمارا جا لونءَ ڪانڊارجي ويندا.“ هن ويل سڄو شهر تنهنجي مڙس بابت ٿو ڳالهائي. اِها وڏي عزت آهي-“

(11)

ڪي نوجوان ڏاڍيءَ دلچسپيءَ مان ڳالهائي رهيا هئا- ”آمريڪي ڪرنل ۽ ٽُروئِيءَ جي مٿا ستا سائيڳان ۾ نه ٿيندي. قومي آزادي محاذ ان تي راضي نه ٿيندو آزاد ٿيل علائقن ۾ به مٿا ستا نٿي ٿي سگهي. ضرور ٽٽين ملڪ ۾ اهو ڪم ٿيندو-“

”ان ڪان پوءِ ٽُروئِي ضرور اُتر ڏي ويندو. پنهنجي زال ڪي به وٺي ويندو.“

”زالس ڪي هتان وڃڻ ڏيندا؟“

”چونه- قومي آزادي محاذ وارا ڪو ماڻهو موڪلي، گهرائي وٺندس.“

”ڪوئِين پيڻ، سچ پڌاءِ! تون سچ پچ ويندين، هلي-“

مان اِهي ڳالهيون ٻڌي، خوشيءَ ڪان ڪپڙن ۾ نٿي ماپيس. پر مون پنهنجي جذبن ڪي لڪايو پئي.

”ايترو پري چو ٿا وڃو! اجا ته پڪ ئي ناهي ته اُڳتي ڇا ٿيندو-“

”پر هيءَ حقيقت آهي ته جي ٽُروئِيءَ ڪي موت جي سزا ڏيندا، ته آمريڪي ڪرنل ڪي به گولي لڳندي.“

منجهند جو هڪ عورت پئي چيو ته ”ڏاڍي ڏک جي ڳالهه آهي ته اسان ڪوئِين ڪان الڳ ٿي ويندي ويسين ۽ هوءَ پنهنجي مڙس سان هلي ويندي-“ منهنجي هڪ ساهيڙيءَ ريس مان چيو، ”تنهنجا ڀاڳ وڏا آهن. جلد ئي تون اُتر ڏي ويندينءَ-“

سڀ اسان جي مستقبل جي باري ۾ ڳالهائي رهيا هئا. مان وڪيل جي آفيس ۾ پنهنجي مڙس جي جان بچائڻ لاءِ قانوني مدد جو بندوبست ڪري رهي هيس. منهنجي دل ۾ خوشين جا گل ٽڙي پيا ۽ مان آئيندي جي سهاڻي تصور ۾ گم ٿي ويس. مون ڪي رڳو اُها خوشي نه هئي ته ٽُروئِيءَ جي جان بچي ويندي يا هو وري آزاد ٿيندو. مون ڪي وڏي خوشي ان ڳالهه جي هئي ته هو اتر وڃي سگهندو ۽ اُتي هن ڪي چاچي هو (هوچي مِن) سان ملاقات جو شرف حاصل ٿيندو ۽ سندس زندگيءَ جي وڏي خواهش پوري ٿيندي. هو مون سان هوچي مِن جي باري ۾ ڳالهيون ڪندي چوندو هو: ”جي قسمت سان اتر وياسين، ته ڪيس ڏسڻ لاءِ سندس گهر جي سامهون ويهي انتظار ڪنداسين-“ پوءِ هو چوندو هو ته ”اُتر جي ساٿين ڪي ساڻس ملڻ جو موقعو ملي ٿو، اسان ڪيس هڪ ڀيرو به ڏسي نٿا سگهون-“

مون سوچيو ته مٿا ستا جي خبر هن ڪي ڪيڏو نه خوش ڪندي! خاص ڪري جڏهن ٻڌندو ته هو جلد ئي اتر روانو ٿيڻ وارو آهي، ته هن جي خوشين جي حد ئي نه رهندي.

(**12**)

مون کي ٽپال ۾ ٽُروئِيءَ جو خط مليو. منهنجي دل ڌڙڪڻ لڳي. شايد هن به اها خوشخبري ٻڌي هجي. خط ۾ هيءَ عبارت هئي-

پياري ڪوئِين،

اميد آهي ته تون خوش هوندين. مون کي مٿي ۾ سور رهندو آهي، جنهن ڪري ننڊ نٿي اچي. منهنجي صحت خراب ٿي ويئي آهي. مون کي ڦودني جي ملم جي هڪ دٻلي گهرجي. ايندڙ ملاقات تي کڻي اچجان.

منهنجي لاءِ ڪوبه فڪر نه ڪر. ماڻهن ۽ دوستن کي سلام چئجان. انهن سان ملندي رهجان ۽ ڏک ميسارڻ جي ڪوشش ڪجان. ياد اٿئي مون توکي ڇا چيو هو؟

تنهنجو ٽُروئِي.

ان سان گڏ هڪ ٻيو خط هو.

پيارا لوئِي-

مون کي خبر آهي ته تون ڪوئِين وٽ آيو آهين. جي هوءَ روئڻ تي ضبط نه ڪري سگهي، ته سندس ڏيان هٽائڻ جي ڪوشش ڪجان، ۽ ڪيس وندرائڻ لاءِ کِلڻ جون ڳالهيون ڪجان-

مان ڏاڍو شڪرگذار رهندس.

ٽُروئِي.

هڪ ٻئي ڪاغذ تي هن منهنجي پيءُ ۽ ماءُ، پنهنجي ڀائيٽي 'هوئا' ، ڀاءُ 'پ' (جنهن جي گهر ۾ اسان کي جاءِ مليل هئي) ۽ ڪجهه پاڙيسرين ڏي مختصر پيغام لکيا هئا ۽ کين سلام چيا هئائين، ۽ کين منهنجو خيال رکڻ لاءِ چيو هئائين.

ظاهر ۾ ائين پئي لڳو ته هن کي اڃا وينزولا واري معاملي جي ڪا خبر نه ملي آهي. هن ڀانيو پئي ته ايندڙ هفتي ڪيس موت جي سزا ملندي، پر هن ان ڳالهه کي خط ۾ لکڻ مناسب نه سمجهيو هو. ان ڪري منهنجي دل ۾ ڳِٽيءَ بدران ارڙ ترڙ پيدا ٿي ويئي، ڇوته ٻين ڪيترن ڳالهين منهنجي دل ۾ وڏي آس پيدا ڪئي هئي. آمريڪي سفارت خاني، جنهن ڪانِ'کي حُڪم ڪيو هو ته ٽُروئِيءَ کي موت جي سزا ڏني وڃي، تنهن ئي هن کي حڪم ڏنو ته ان کي ملتوي ڪيو وڃي. سائيگان جون اخبارون ٽُروئِيءَ جي خبرن کي اڳيان ڪان وڌيڪ تفصيل سان ڇاپڻ لڳيون. هن جو نالو اخبارن ۾ وڏن وڏن اکرن ۾ ايندو هو

۽ ڪڏهن ته اخبار جي نالي واري بوتي ڪان به وڏو هوندو هو. ڪن اخبارن جي اسٽالن تي لائوڊ اسپيڪر لڳل هئا، جن تي سرخيون پڙهيون ويندا هئا: ”تاريخ ۾ جان بخشيءَ جو پهريون واقعو-“ ”آمريڪي سفارت خاني دخل ڏنو-“

ٻئي ڏينهن مون ڪي ترُوئيءَ سان ملاقات ڪرڻي هئي. مون ڪاڏي جون شيون ۽ دوائن جو پيڪٽ تيار ڪيا ۽ ڪيس خوشخبري پڏائڻ لاءِ خط لکي رکيم.

## (**13**)

پندرهين آڪٽوبر تي صبح جو مان چِپي هُوئا جيل پهچي ويس. در تي هڪ وڏو نوٽيس لڳل هو- ”نئين تنظيم جو مرڪزِ اعليٰ قومي ڪائونسل جو آڏرپاءُ ٿو ڪري.“ اُتي ڪو خاص واقعو ٿيڻ وارو هو. موت جي سزا واري بلاڪ تائين ٻنهي پاسي فوجي بيٺا هئا. مون سوچيو ته شايد هو اعليٰ قومي ڪائونسل جي ميمبرن ڪي سلامي ڏيڻ لاءِ بيٺا آهن. مان فوجين جي قطارن مان چپ چاپ لنگهي، جيل جي آفيس ڏي ويس.

موت جي سزا وارن ڏي ملاقات لاءِ ايندڙ زالن مان ڪابہ ايتري بي خوف ۽ آسائتي ٻي ڪابہ نہ هئي، جيتري مان هيس. مون سوچيو پئي تہ جي ملاقات جي موڪل ملي ويئي، تہ ڪيڏي نہ وڏي خوشخبري ٻڌائيندي مانس. اخبارن جيڪي مضمون لکيا هئا، اُهي سچا سارا ٻڌائيندي مانس. اهو بہ ٻڌائيندي مانس تہ سڄي شهر ۾ ڪيڏي نہ خوشي پئي ملهائجي!

مان دير تائين انتظار ڪندي رهيس. ڪلاڪ ڪان بہ وڌيڪ وقت گذري ويو. هڪ پوليس واري ٻڌايو ته ”اڄ هتي ڪي مهمان اچڻا آهن، ان ڪري سڀ ملاقاتون رد ڪيون ويون آهن، ۽ ڪين ڪابہ شيءِ وٺڻ جي موڪل ناهي. تون ڪنهن ٻئي وقت اچجانءِ“

مون چيو تہ گهٽ ۾ گهٽ هي شين جا پئڪيٽ تہ منهنجي مڙس تائين پهچايو، پر هن انڪار ڪيو، ۽ منجهند ڪان پوءِ اچڻ لاءِ چيائين. مان وري فوجين جي قطارن جي وچ مان لنگهي، وڏي دروازي ڏي موٽي آيس. فوجي بُتن وانگر چُپ ڪيو، ڄميا بيٺا هئا. موت جي قيدين واري اُگڻ ڪان ٻاهر مون ڪي ڪيئي اخباري عيوضي نظر آيا، جن ۾ ويٽنامي بہ هئا، تہ پرڏيهي بہ. هو تڪڙ ۾ اتاولا ٿي نظر آيا، ۽ سندن ڪلهن تان ڪئميرائون پئي لڙڪيون.

وڏي دروازي تان هڪ فوجي گاڏيءَ ڪي ايندو ڏسي، مان هٽي ويس. گاڏيءَ ۾ جنازو هو. مون سوچيو، ”شايد اڄ ڪو قيدي مري ويو آهي.“ جيل جي ديوار ڪان ٻاهر آهُونگ گهٽيءَ ۾ فوجين جا دستا چست بيٺا هئا. مان پنهنجي سائيڪل ڪڻڻ لاءِ اسٽينڊ تي ويس، تہ ڪنهن چيو، ”هيءَ ان ماڻهوءَ جي زال آهي، جنهن ڪانگ لائي پُل هيٺان سُرنگ لڳائي هئي- پر هيءَ موٽي ڇو آئي آهي؟“

اُن پاڙي جا ماڻهو هاڻي مون ڪي ڇڳيءَ طرح سڃاڻندا هئا، جو مان مهينن ڪان مڙس سان ملڻ ايندي هيس، تہ هنن جي دڪانن تان شيون وٺندي هيس. هنن جي ٽُروئِيءَ سان محبت هئي ۽ مون سان بہ ڏاڍي همدرديءَ سان پيش ايندا هئا. هو سدائين

مون کي سٺا ميوا ۽ ڪيڪ ڏيندا هئا ۽ چوندا هئا ته، ”توهان کان اسان نفعو نه وٺنداسين. رڳو لاڳت جا پئسا ڏيو.“

مان مڙيس، نه پوڙهيءَ اشاري سان مون کي سڏيو. هن جي مُنهن تي غم جا ڪڪر ڇانيل هئا. ”تون موتي چو آئينءَ- تنهنجي مڙس کي ڇارڻ نه موت جي سزا ڏنائون- تون ملاقات جو مطالبو چونه ٿي ڪرين؟“

مون کي پنهنجي ڪَنن تي اعتبار نه آيو-”نه! نه!- اهو ڪيئن ٿيندو؟- ائين ٿي نٿو سگهي- مان هاٿي اُتان ٿي اچان. هنن چيو ته منجهند کان پوءِ پلي مڙس لاءِ ڪائڻ جون شيون موڪلجانءِ. سزا نه روڪي اٿن. اخبارن ۾ به اهڙيون خبرون آيون آهن.“

”اِها نه سيني کي خبر آهي. اڄ صبح تائين اسان به خوشيون ٿي ڪيون. اسان جيل وٽ سالن کان شيون پيا وڪڻون. اهو پهريون موقعو هو جو بن انساني حياتين جي مٿا سٺا پئي ٿي. پر هي پنهنجي انجام تان قري ويا. هن پرانهين مُلڪ ۾ آمريڪي ڪرنل کي نه ڇڏي ڏنو اٿن، پر تنهنجي مڙس کي موت جي سزا ملڻ واري آهي. فوجين پڌايو آهي نه ڪانگ لائي پل هيٺان سُرنگ لڳائڻ واري ماڻهوءَ کي گولي هڻندا-“

مان ڇري ٿي ويس. اُها مائي مون کي پنهنجي گهر وٺي ويئي، ۽ سڏڪندي، چوڻ لڳي، ” هنن ڪوڙ نه ڳالهايو آهي. هو اڄ صبح جو تنهنجي مڙس کي گولي هڻندا. هن لاءِ ڪاٺي به آندي اٿن. اخبار جا عيوضي ۽ فوٽوگرافر به اچي ويا آهن. ٻچڙي، تون جلدي موٽي وڃ. اها ڳالهه هڪ واقف ڪار مون کي ٻڌائي آهي.“ هن جي ڳالهه برابر نڪتي. مان روئندي، سڏڪا پريندي، جيل جي در ڏي ڊوڙيس. لوهي در مضبوطي سان بند ڪري ڇڏيو هئائون. ڪجهه فوجين مون کي ڇِڪي هٽائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر مان رڙيون ڪري انهن کان پاڻ ڇڏائڻ لڳيس. ”توهان منهنجي مڙس کي ماري نٿا سگهو. توهان کي ان جو ڪو حق ناهي. توهان کي ملاقات ڪرائڻي پوندي.“

پر هڪ فوجيءَ منهنجون ٻئي ٻانهون پڪڙي ورتيون، ۽ چيائين، ”ڪنهن کي به اندر وڃڻ جي موڪل ناهي. توکي پاس وٺڻ لاءِ درخواست ڏيڻي پوندي.“

پوءِ هو مون کي پري ڳهلي ويا ۽ جيل جو رستو بند ڪرڻ لاءِ فوجين جو هڪ ٻيو ٽولو پهچي ويو. مان موت جي سزا واري بلاڪ ڏي منهن ڪري، پنهنجي سڄيءَ طاقت سان پنهنجي مڙس جو نالو وٺي پڪاريو. مون پانيو ٿي نه ٿي سگهي ٿو نه هِن ئي گهڙيءَ ڪيس گولي هڻڻ لاءِ وٺي ويندا هجن. پر فوجين مون کي ڌڪا ڏيئي در کان هٽائي ڇڏيو. جڏهن منهنجو وس نه هليو، نه مان سائيڪل اسٽئنڊ ڏي ڀڳيس، ۽ پنهنجي سائيڪل تي تيزيءَ سان گهر جو رخ ڪيم، جيئن بابا سان صلاح ڪيان نه هاڻي ڇا ڪجي. ڪجهه ماڻهو مون کان پڇڻ لڳا-

”موٽي چو آئينءَ- ڇا ملاقات جي موڪل نه ڏنائون؟“

”هنن مون کي روڪي ڇڏيو- مون ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر هنن هڪ بہ نہ ٻڌي. هنن در جو رستو بہ بند ڪري ڇڏيو. هاٽي بابا کي ڳولڻ گهر تي وڃان-“ ماڻهو اهو ٻڌي سرڪار کي وڏي وات گاريون ڏيڻ لڳا.

”اهو ظلم آهي- وحشي پڻو آهي- مڙس کي قتل ٿا ڪن- هن جي زال کي پوئين پيرو ملڻ بہ نٿا ڏين- وحشي ڪتان جا.“

ٽُروئِيءَ جو پيءُ بہ ڪوانگ نام ڪان اچي ويو هو. هن بہ حياتين جي مٿا سٽا واري خبر ٻڌي هئي، ۽ ان جي نتيجي جي انتظار ۾ هو. جڏهن مون گهر پهچي ڪيس احوال ٻڌايو، تہ منهنجي ۽ ٽُروئِيءَ جي ماءُ تي چڻ وڄ ڪري پيئي. اسان ٽيئي وڪيل وٽ پهتيوسين. وڪيل کي بہ اعتبار نہ آيو. چيائين، ”اُها اڻ ٿيڻي آهي. موت جي سزا هٽائڻ جو حڪم باقائدي نڪتو آهي. اُن ۾ ڪابہ ڦير گهير ٿئي ها تہ مون کي ضرور سُڌ ڏين ها. مان بچاءَ جو وڪيل آهيان. جنهن کي موت جي سزا ٿا ڏين اُهو ڪو بيو هوندو-“

مون چيو تہ، ”جيل جي پرسان رهندڙ ماڻهن چيو آهي تہ هي ساڳئي ئي ماڻهوءَ کي سزا ٿا ڏين، جنهن ڪانگ لائي پل کي اڏائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي- توهان پڇا تہ ڪريو تہ اسان کي بہ آٿت اچي.“

وڪيل ڪجهہ ترسيو. نيٺ هن جيل جي آفيس کي ٽيليفون ڪيو. هن جي منهن تي وحشت ڇانئجي ويئي- ”ڇا اهو سچ آهي- سچ آهي-“

”هن کي سزا ڏيئي ڇڏيائون- يارهين بجي- هاٽي تہ اسان رڳو ميت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين.“

اِهو ٻڌي، منهنجون ٽنگون ساهہ ڇڏي ويون ۽ مان هڪ ڪرسيءَ ۾ ڪري پيس. مان ميز تي ڏکهي ٿي پئجي رهيس ۽ ان ڳالهہ مون تي ايترو اثر ڪيو، جو اکين جا ڳوڙها بہ سُڪي ويا.

”ها- هاٽي تہ ميت وٺڻ جي ڪوشش ڪجي-“ بابا سڏڪندي چيو، ”اُن لاءِ اسان کي بين تي ياڙڻ نہ ڪپي-“ مون ٽيڪسي ڪئي ۽ مڙس جي لاش جي ڳولا ۾ سڄي شهر جا ٿاڻا ۽ ڪورٽون رُليس. پر هو يا تہ منهنجي ڳالهہ ئي نہ ٻڌن، يا اُبتو سُبتو ڏس پيا ڏين. ان کان پوءِ مان شهر جي قبرستانن ۾ رُليس. هڪ هنڌ ٽيڪسي ڊرائيور حيران ٿي پڇيو، ”توهان قبرستانن ۾ ائين ڇو ٿيون رُلو؟“

”هنن منهنجي مڙس کي ماري ڇڏيو آهي- خبر ناهي لاش ڪٿي دفن ڪيو اٿن-“

”ڇو ماريو اٿن توهان جي مڙس کي؟“

مان چپ رهيس، پر هن پنهنجو سوال ورجايو.

”هن ڪانگ لائي پُل هيٺان سُرنگ هڻئي هئي-“

”ڇا چيو تو؟“ هن ايترو زور سان چيو، جو رستي جا ماڻهو بہ ڏسڻ لڳا. ”سندس نالو ٽُروئِي آهي- نِگوين وان ٽُروئِي؟“

منهنجي چپن مان اکر به نه اُڪليو. منهنجي اکين مان ڳوڙها وهي نڪتا. مون اُڏمن کي سوگهو رکڻ لاءِ چپن ۾ ڪٽي چڪ وڌو. ڊرائيور منهنجي مڙس جو نالو ائين ورتو، ڄڻ ان سان پراڻي دوستي هيس. هن جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو. هن وري پڪ ڪرڻ لاءِ پڇيو، ”ڇا نِگوين وان ترُوئِي توهان جو مڙس آهي، جنهن ميڪنمارا کي مارڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.“ مون ڪنڌ لوڏيو.

هن سيٽ جي پٺيان اخبار ڪڍي، مون کي ڏني- ”اخبار ۾ ته لکيل آهي ته سزا روڪي اٿن- پوءِ هن کي ماري ڇڏيائون.“

مان اخبار تي نظر وجهي نه سگهيس. دل تي ڏاڍي چوٽ آئي.

”ادا- اجا به ڪو قبرستان رهيل هجي ته اُتي وٺي هل-“

ڊرائيور در بند ڪيو. ٽئڪسي هوا سان ڳالهيون ڪرڻ لڳي. مون کي ياد ناهي ته ان ڏينهن ڪيڏو هلي هيس. مٿي ۾ ڏاڍا چڪر پئي آيا.

بين ٿينڪ مارڪيٽ جي ٽئڪسي اسٽينڊ وٽ هُن پنهنجي ٽئڪسي جهلي، ۽ ڪجهه ماڻهن کي گڏ ڪري چيائين-

”پائرو! اڄ صبح نِگوين وان ترُوئِيءَ کي ماري ڇڏيائون-“ پر ماڻهن کي اعتبار نه آيو- ”اِهو ڪيئن ٿيندو- آمريڪي سفارت خاني سزا روڪڻ جو حڪم ڏنو هو-“

ڊرائيور مون ڏي اشارو ڪري چيو-

”هيءَ ترُوئِيءَ جي گهر واري آهي ۽ ميت جي تلاش ۾ پٽڪندي ٿي وتي-“ سڀني جون اکيون مون تي کُپي ويون-

”ڇا اِهو سچ آهي؟“

”ها-“

هو سڀ ماٺ ٿي ويا. اسان جي ٽيڪسيءَ جو مُنهن هاٽي گيادِن ڏي ٿيو. سچ لهي ويو هو، پر پتو اڃا به نه پيو ته هن کي ڪٿي دفن ڪيو اٿن. مان ٿڪجي ٽُٽجي گهر موٽيس. ڊرائيور منهنجي گهر وٽ ٽيڪسي بيهاري. هو ڏک مان سيٽ تي ليٽي پيو. سڄو پگهر ۾ شل هجي- قميص به پگهر ۾ پُسي ويئي هيس. نيٺ هو ٽيڪسيءَ مان لهي پيو-

”مان رات جو وڏيڪ گولا ڪندس- جي ڪا خبر پيئي ته توهان کي ٻڌائيندس-“

مون هن کي ڀاڙي جا پئسا ڏنا. هن پئسا ڳڻي، اڌ مون کي موٽائي ڏنا.

”مان رکو اوترا پئسا وٺندس، جن مان منهنجي زال ۽ ٻار ماني کائي سگهن. هي پئسا رکي ڇڏيو، متان سياڻي ڪم اچنوَ-“

ٻئي ڏينهن صبح جو اخبارن مان خبر پيئي ته سرڪار منهنجي مڙس کي ميونسپالٽيءَ جي قبرستان ۾ دفن ڪيو آهي. اسان سڀ گهر جا ڀاتي اوڏانهن وياسين. هڪ ننڍڙو ڪتبو به ڪٽي وياسين، جنهن تي سندس نالو لکيل هو. اُهو اسان قبر تي هنيو. قبرستان ۾ پوليس اسان جي انتظار ۾ هئي، ۽ اسان جي چرِ پر تي نظر پئي رکيائين، ۽ هڪ هڪ چرُي جو فوٽو ڪڍيائون-

اسان جي گھر ۾ منهنجي ماءُ سيني ڪان پوءِ اِها خبر پڏي. هوءَ بِن لونگ ۽ بن هُوئا ۾ قيري تي ويئي هئي. اتان موٽندي، هوءَ گوشت ۽ ميوو وٺي آئي. اُهو سچو بندوبست هُن تُروئيءَ جي ملاقات واري ڏينهن لاءِ ٿي ڪيو. هوءَ در تي پهتي، تہ ننڍڙيءَ ڪِين اُها دهشت ناڪ خبر ٻڌايس.

”امان- هنن اداڪي گولي هٽي چڏي“-

امان اِهو ٻڌي، اڌ چري ٿي ويئي ۽ زمين تي ليٽي پار ڪيڻ ۽ ’ڪان‘ ۽ آمريڪين کي پِٽڻ لڳي. گوڙ تي پاڙي وارا دوڙندا آيا. پوليس جا جاسوس جيڪي اسان جي گھر جي جاسوسي ڪندا هئا، اهي بہ دروازي تي پهچي ويا. بابا کي اچي گھٽي ٿي ۽ هو امان کي سمجھائڻ لڳو.

”ايترو گوڙ نہ ڪر- مون کي تنهنجي بيماريءَ جي خبر آهي. پاڻ تي ضابطو رک.“ پر امان هڪ بہ نہ ٻڌيس. ”مون کي جيئڻ وٽندو، تيئن ڪنديس- روئي پنهنجو ڏک هلڪو ڪنديس- تُروئيءَ جي خونين تي ڪو قهر پوي، پلي اچي مون کي بہ مارين. مان هنن ڪان نٿي ڊڄان- منهنجو ڪهڙو نہ سهڻو نائي هو- دنيا ۾ هن جهڙو ڪو آهي!“

غم ۽ نفرت جي شدت سببان هوءَ آپي ڪان پاهر نڪري ويئي. ڪانِ هوئيءَ ڪان ڊوڙندي هوءَ فونوهان ۾ منهنجي گھر اچي پهتي. اُتي تُروئيءَ جي تصوير ڏسي، وري اچي روئڻ ۾ پيئي. گھر جي ٻئي حصي ۾ جتي ’ب‘ رهندو هو، تودي سرڪار جو جهندو لڳل هو. امان اهو لاهي، ٽڪرا ٽڪرا ڪري لتاڙيو.

امان اُتر جي رسم موجب ڪانِ هُوئي جي پيگودا ۾ منهنجي مڙس جي ماتم ۾ ستن هفتن جي دعائن واري رسم ملهائڻ جو بندوبست ڪيو. پهرين هفتي جي شروع ۾ راهبن هڪ ڪاري تختي تي هيءَ عبارت لکي پيگودا جي پاهران هٽي چڏي-

”22 آڪٽوبر 1964ع تي شام جو ستين بجي نِگوين وان تُروئيءَ جي روح کي ثواب پهچائڻ لاءِ پيگودا ۾ دعائون گھريون وينديون. مهاتما ٻڌ جا پوئلڳ ان مجلس ۾ شريڪ ٿين!“

دعا جي مجلس شروع ٿيڻ ڪان اڳ پوليس جا جاسوس دروازي تي چوڪسيءَ لاءِ پهچي ويا. مون کي ڊپ هو تہ پوليس جي خوف ڪان ڪو ماڻهو اچڻ جي همت نہ ڪندو، پر ايترا ماڻهو گڏ ٿيا، جو اڳي ڪڏهن بہ اهڙيءَ مجلس ۾ ايترا ماڻهو نہ آيا هئا. گھڻا ماڻهو پاڻ سان لوبان ۽ گل ڪٽي آيا هئا. پيگودا جي ان رسم ۾ منهنجي دل کي ڏاڍو آٿت مليو. تُروئيءَ جي مرڻ واري ڏينهن تي سائيگان ۾ ماڻهن ڪيترائي اشتهار ورهايا، جن سندس قاتلن ’ڪان‘ ٽولي کي ننديو ويو هو، ۽ تُروئيءَ جي بهادريءَ جي تعريف ڪئي ويئي هئي. اسان جي فيڪٽريءَ ۾ ڪيهه ڪٽي اينڊز هڪ ڊرائيور مون کي ٻڌايو تہ بن هُوئا جي شاهي رستي تي، جتي رات ڏينهن ٽريفڪ هوندي آهي، ان جي مٿان بہ هڪ ڪپڙو ٽنگيل هو، جنهن تي لکيل هو: ”نِگوين وان تُروئيءَ جو جذبو زنده باد.“ گھڻين هوٽلن ۽ سَرائُن جي مالڪن 16 آڪٽوبر 1964 وارين اخبارن کي سنڀالي رکيو هو، جو سندن گراهڪ انهن کي

ڏسڻ جي فرمائش ڪندا پئي آيا. انهن اخبارن ۾ ترُوئِيءَ جي آخري گهڙين جون تصويرون هيون. **16** آڪٽوبر صبح جو بن ٿان مارڪيٽ جي فضا ايتري ڏک واري هئي، جو سڄو ڪم ڪار بند ٿي ويو هو. مسز ’م‘ مون کي ٻڌايو ته اُن ڏينهن پوليس سپرنٽيڊنٽ مارڪيٽن جو ماحول ڏسي، حيرت مان چوڻ لڳو ته، ” هِن ويٽ ڪانگ لاءِ هي سڀ ماڻهو ڏک ڇو ٿا ڪن!“

اُن ڏينهن پوليس جي موجود هوندي، پيگوڊا ۾ ڪافي ماڻهو گڏ ٿي ويا. اتي مون کي ڏسي، ڪيئي ماڻهو مون وٽ آيا، ۽ اسان جي خانگي حياتيءَ جي بابت پڇڻ لڳا: مثلاً، ”توهان جي شاديءَ کي گهڻو وقت ٿيو؟“- ”تون ڇا ڪندي آهين؟“- ”اهڙي بهادر پٽ جا پيءُ ماءُ ڪيئن هئا؟“ ان کان پوءِ هو ڏک ۾ پرجي چوڻ لڳا، ”تنهنجي مڙس وطن لاءِ جان قربان ڪئي آهي ۽ توتي ڏکن جو ڏونگر ڪِري پيو آهي. جي پوليس تنهنجي پٺيان نه هجي ها، ته اسان توکي وٺي وڃي پنهنجي گهر رهايون ها-“

”توهان هن مجلس ۾ اچي، وڏي مهرباني ڪئي آهي. مون کي ڊپ هو ته پوليس جي پؤڪان ڪوبه نه ايندو!“

”تون نيڪ ٿي چوين. ڪجھ ماڻهو برابر ڊنل آهن ۽ هن وقت پنهنجي گهرن ۾ تنهنجي مڙس لاءِ دعائون ٿا گهرن، پر مون ۽ منهنجي ساهيڙين چيو، هُن ته موت جي مُنهن ۾ به بهادري ڏيکاري، ته اسان رڳو دعائن جي مجلس ۾ به وڃڻ کان ڇو ڊڄون.“

پيڻ ’ڪ‘ به ان مجلس ۾ آيل هئي. ڪجھ ڏينهن اڳ هن خوشيءَ مان پهڪندي مون کي چيو هو، ”ترُوئِيءَ جي آزاد ٿيڻ تي دعوت ڪرين ته مون کي نه وسارجانءِ!“

هوءَ مون کي ڏسي چوڻ لڳي، مون کي هن مجلس جي خبر دير سان پيئي، ان ڪري مان گل ۽ خوشبوءِ نه آڻي سگهيس-“ پوءِ پڇيائين، ”تو آزاد ريڊيو هَنوئي ٻُڌو آهي؟“

”مون وٽ ته ريڊيو ئي نه آهي. جي هجي به ها، ته ايترن جاسوسن هوندي اُهي اسٽيشنون ٻڌي به ڪيئن سگهان ها-“

”اعلان ڪيو اٿن ته هُنن ترُوئِيءَ کي ’ڏکڻ ويٽنام جي سُورمي‘ جو لقب ۽ ان سان گڏ ’ويٽ نام جي قومي نشان‘ جو مان ڏنو آهي. ويهن سالن جي آزاديءَ جي جنگ ۾ ايڏو وڏو اعزاز ڪنهن کي به نه مليو آهي. توکي فخر ڪرڻ کپي.“

”مون شهر ۾ هڪ پَترو ورهائبو ڏٺو آهي، جنهن ۾ ترُوئِيءَ جي حياتيءَ ۽ هُن جي اَمر ڪارنامن ۽ انهن اعزازن جو ذڪر هو-“

پيگوڊا جي ايوانن ۾ ماڻهن جو ميڙ منهنجي چوڌاري گڏ ٿي ويو.مون هنن کي ٻڌايو ته حڪومت هن کي قتل ڪرڻ کان اڳ مون کي پوئين ملاقات جي موڪل به نه ڏني. هنن لاش به منهنجي حوالي نه ڪيو. سندس موت جي خبر ته اخبارن ۾ آئي هئي، پر مون سان ۽ جيڪو منهنجي ڪٽنب سان وحشي پڻو ڪيو ويو، ان جي خبر ماڻهن کي هاڻي پيئي.

چئن هفتن کان پوءِ مان ٽُروئِيءَ جي اباڻي ڳوٺ ڪوانگ نام رواني ٿي ويس. اُن ڳوٺ ۾ هيءُ منهنجو پهريون پيرو وڃڻ ٿيو هو. وڃڻ وقت ماڻهن کي چيم ته جي وقت تي موٽي نه سگهان ته دعائن جي مجلس جي ڪم ڪار کي سنڀالين-

هنن مون کي پڪ ڏياري ته ”جيترا ڏينهن توکي وڃڻ تون وڃ. ٽُروئِي اسان سڀني لاءِ، پنهنجي ساٿين لاءِ ۽ مُلڪ لاءِ جان قربان ڪئي آهي. اُنڪري سندس ڪم جي نظرداري ڪرڻ اسان جو فرض آهي. هڪڙو ڪم ڪجانءِ، ٽُروئِيءَ جي هڪ تصوير آڻي پيگوڊا ۾ رکجانءِ، ته اسان هر پندرهين تاريخ ان تي گل چاڙهيندا سين ۽ اگربتيون ٻاريندا سين.“

مان پچاڙيءَ جي هفتي جي دعائن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ وقت تي سائيگان پهچي ويس. اُن ۾ پهرين کان وڌيڪ ماڻهو آيا. هو مون کان ٽُروئِيءَ جي ڳوٺ جي باري ۾ پڇڻ لڳا. مون هنن کي ٻڌايو ته ڪيئن اُتي آزادي محاذ جا ماڻهو مون سان ملڻ ايندا هئا ۽ کهڙيون ڳالهيون ڪندا هئا. هنن ٽُروئِيءَ جي بدلي ۾ ارڻ ڳڻيا دشمن ماريا آهن ۽ انجام ڪيو اٿن سندس **بهادر زندگي** سدائين سندن رستي جو سوجهرو بڻيل رهندي. هنن ٽُروئِيءَ جي ساراهه ۾ گيت به چيا آهن. هنن مون کي هدايت ڪئي ته ٽُروئِيءَ جي خاندان کي به انقلاب ۾ حصو وٺي، پاڻ کي اُن قومي سورمي جي لائق ثابت ڪرڻ کپي، جنهن کي قومي آزادي محاذ طرفان وڏي ۾ وڏو اعزاز ڏنو ويو آهي.

(*14*)

هڪ ڏينهن رات جو دير سان پيگوڊا مان موٽيس، ته هڪ ننڍڙيءَ ڇوڪريءَ چپ چاپ پيڻ ’الف‘ جو پيغام منهنجي هٿ ۾ ڏنو. منهنجي دل خوشيءَ کان ٽِڙي پيئي. هوءَ جيل مان ڀڄي آئي هئي، ۽ سائيگان ۾ ئي رهي. مون کي هنن جي مدد وٺڻ لاءِ ساڻن ملڻ جي ڏاڍي خواهش هئي. گهر پهچي مون در بند ڪيو ۽ بتي ٻاري خط پڙهڻ لڳيس.

”مان تنهنجي ڏک ۾ ڀائيوار ٿيڻ لاءِ توسان ملڻ اچي نه سگهيس، تڏهن به ڄاڻان ٿي ته تنهنجي دل نه رڳو غم سان پر مڙس جي ڪري فخر سان ڀريل آهي. اسان سڀني جو اهو حال آهي. اسان کي پنهنجي عظيم ساٿيءَ تي فخر آهي، جنهن جي قربانيءَ کي نه رڳو سڄي ملڪ ۾ پر سڄيءَ دنيا ۾ ادب ۽ عزت جي نظرن سان ڏٺو ٿو وڃي.“

”رات اسان هَنوئي ريڊيو تان هڪ شعر جو پروگرام ٻڌو: ”اسان اڳتي وڌي رهيا آهيون-“ اُن جي ليکڪ ’توهُو‘ تنهنجي مڙس جي باري هڪ گيت پڙهيو- اُهو لکي نٿي سگهان، پر جلد ئي اهو سڄو گيت ملي ويندو. مان شاگردن جي هڪ گروپ کي سڃاڻان. هو ’توهُو‘ جا سڀ شعر گڏ ڪندا آهن. اديب ۽ شاعر ٽروئيءَ کي شاندار لفظن ۾ ساراهين ٿا- جيئن ته ’هڪ عظيم نوجوان‘- ’هوچي مِنِ جي دور جو روشن ستارو.‘

”هو ايڏي پڪي ارادي ۽ اڏول همت سان موت جي آڏو آيو، جو مون کن شاگردن کي پاڻ ۾ چوندي ٻڌو: ’جي اسان به موت جي منهن ۾ اچي وڃون، ته اسان کي به ٽروئيءَ وانگر جان ڏيڻ کپي- هنن پنهنجن نوٽ بوڪن ۾ سندس تصويرون هٿي چڏيون آهن. هڪ گروپ ته هن جي جيل جي ڪوٺيءَ مان نڪرڻ کان وٺي آخري نعري هڻڻ تائين سؤ کن ڪتاب گڏ ڪيا آهن. هڪ عام بجليءَ واري جي صورت ۾ هن جي حياتي مزورن ۽ شاگردن لاءِ هڪ روشن مثال بڻجي چڪي آهي . گهڻن ماڻهن ڳجهيون گڏجاڻيون ڪري ٽروئيءَ جي آخري گهڙين جون تصويرون ماڻهن کي ڏيکاريون. گهڻن گروپن وچ شهر ۾ سندس يادگار قائم ڪري ڇڏيا آهن. جي اهي سڀ ڳالهيون تو نه ٻڌيون هونديون، ته مون کي حيرت ٿيندي.

”هڪ يادگارُ ريپبليڪن فوٽ بال گرائونڊ جي گيٽ جي ٻاهران تِڪاؤ پل جي ڇيڙي وٽ آهي. هڪ ڇِي هوئا جيل ۾ اندر آهي، جيڪو واقعي حيران ڪندڙ آهي. جڏهن تون موت جي سزا واري بلاڪ ۾ ٽروئيءَ سان ملڻ ويندي هوندينءَ، ته تو ڏٺو هوندو ته اتي ڪيڏو نه سخت پهرو آهي! تنهن هوندي به هڪ انقلابي ٽولو اڳڻ ۾

گهڙي اُنهيءَ جاءِ تي يادگار ٺاهي آيو، جتي ڪيس ٻڌي گوليون هنيون هيون. نوجوانن موٽندي ان يادگار جو فوٽو به ڪڍيو. گهڻن ماڻهن هيءَ ڳالهه ٻڌي ته پهريائين اعتبار ئي نه پئي آين. ڪنهن انقلابي مجاهد جي شان ۾ يادگار، سو به ڇپي هوئا گرائونڊ ۾ ڪيئن ٺهي سگهي! سو به اُتي جتي گولي هنئي هئائون! جڏهن پوليس پاڻ مڃيو، ته پوءِ ڪنهن کي به شڪ نه رهيو.

”دشمن جو خيال هو ته ٽروئِيءَ کي قتل ڪري هو اسان جي انقلابي تحريڪ ۾ رڪاوٽ آڻي سگهندو. پر حالتون ان جي ابتڙ ثابت ٿيون. هن وقت ڪم اڳي کان اڳرو آهي. اسان جي گروپ جي هر ميمبر ٽروئِيءَ جي بدلي وٺڻ لاءِ آمريڪي حملي آورن کي مارڻ لاءِ پنهنجي خدمتن جي آڇ ڏني آهي. اسان نون ميمبرن کي ڀرتي ڪرڻ لاءِ ”نِگوين وان ٽروئِيءَ جي ياد“ جي نالي جا ڪوشش شروع ڪئي. اُن جا حيرت جهڙا نتيجا نڪتا. هن جا ڪارناما، هن جون ڳالهيون، هن جي زندگيءَ جو احوال، جيڪو تو مون کي جيل ۾ ٻڌايو، اهي سڀ ڳالهيون انقلابي تربيت جي سلسلي ۾ بحث ۽ تعليم لاءِ ڪم جون ڳالهيون ثابت ٿيون.“

”جڏهن پيگودا ۾ دعائن جي مجلس جو ٻڌم، ته ڪجهه خوشبوءِ ۽ گل هن ننڍڙيءَ هٿان موڪليم ۽ هيءُ خط به ڪيس ڏنم. هڪ ڀيرو وري مان ڪجهه ڳالهيون توکي چوندس. تون اهڙيءَ طرح پنهنجي حياتي گذارجانءِ، جيڪا تنهنجي مڙس جي شان وٽان هجي. مان توکي هر طرح سان مدد ڪنديس. توکي وري به خط لکنديس، ايندڙ خط ۾ هڪ اهڙي ڳالهه لکنديس، جو پڙهي تون خوش ٿي ويندينءَ.“

چنڊ جي ٻارهين مهيني جي پنجويهين تاريخ وري مان پنهنجي مڙس جي تُربت تي ويس. پوليس جا ٻه جاسوس هميشه وانگر منهنجي پٺيان لڳا. مون هنن تي ڪوبه ڌيان نه ڏنو. قبر تي گُلن چاڙهڻ ۽ اگربتين ٻارڻ کان پوءِ مان چپ چاپ گهٽي دير تائين اُتي ويٺي رهيس. جاسوس ٻيهي ٻيهي، ٿڪجي پياءِ ۽ نيٺ هڪ قبر تي ويهي رهيا.

هنن کي ڪهڙي خبر ته منهنجي دل ۾ ڪهڙو طوفان آهي. ٻئي ڏينهن مان سائيگان ڇڏڻ واري هيس. مڙس جي تُربت کان ڌار ٿيڻ واري هيس. پوليس جي سخت نظر سببان منهنجو شهر ۾ رهڻ، انقلابي ڪم ڪرڻ ڏکيو هو. مون آخري فيصلو ڪيو ته سياٽي آزاد علائقي ڏي هلي وينديس. مان هر اهو ڪم ڪنديس، جنهن وسيلي مان مڙس جو بدلو وٺي سگهان. جيل جي ٽينءَ ملاقات ۾ هن جو ڪجهه چيو هو، مان اُن تي عمل ڪرڻ جو پڪو پهه ڪيو آهي. هن چيو هو-

”جي اسان ڊگهي عرصي لاءِ جدا ٿي وڃون ۽ حالتون جا به هجن_ دشمن ڪان ڪڏهن به نه ڊڄجانءِ. هر طريقي سان انقلاب ۾ حصو وٺڻ جي ڪوشش ڪجانءِ ۽ انهن ساٿين جي هدايتن تي پورو عمل ڪجانءِ، جيڪي توسان جيل ۾ رهيا آهن_“

”مون کي قبول آهي- “مون پاڻ کي چيو،
”تُروئي! منهنجا سرتاج! منهنجا ساٿي! مان
توسان انجام تي ڪيان تہ جهڙي طرح تو
زندگي گذاري آهي، آخري ساهہ تائين مان
تنهنجي پيروي ڪنديس!“

❊

وائيس آف سنڌ اِي بُڪ پبلشر
www.voiceofsindh.net
editor@voiceofsindh.net